پارتي ساهت جا اڌينڌڙ

ڪلياڻ آڏواڻي

Kalyan Advani



ليڪ :

اي. جي. اُتم

ساهتيہ اڪاديمي

پارتي ساهت جا اڌيندڙ

ڪلياڻ آڌواٽي

ليکڪ :

اي. جي. اُتم



ساهتيہ اڪاديمي

Kalyan Advani (कल्याण आडवाणी):
Monograph In Sindhi
by **A.J. Uttam**
Sahitya Akademi, New Delhi (2002). Rs. 25

©Sahitya Akademi
First Edition : 2002

Published by :
Sahitya Akademi

Head Office :
Rabindra Bhavan, 35, Ferozeshah Road, New Delhi - 110 001.

Sales Department :
Basement in 'Swati', Mandir Marg, New Delhi 110 001.

Regional Offices :
172, M.M.G.S. Marg, Dadar (East), Mumbai 400 014.
Jeevan Tara, 23A/44X, Diamond Harbour Road, Kolkata 700 053.
Central College Campus, Dr. B.R. Ambedkar Veedhi, Bangalore 560001.

Chennai Office :
C. I. T. Campus, TTTI Post, Taramani, Chennai 600113.

ISBN : 81-260-1566-7

قیمت : ۲۵ روپیا

Lazer Typeset by : Kamal Jhamtani (Media Digital)
on Behalf of Hari Motwani 'Koonj' Publication.

Printed at : New Age Printing Press, Prabhadevi, Mumbai - 400 025.

پہ لفظ

۱۹۸۵ ۾ ساهتيہ ائڪيڈميءَ مونکي پارتي ساهت جا اڏيندڙ سيريز جي سلسلي ۾ جديد سنڌي ايڪانڪيءَ جي باني ۽ سنڌي تاريخ ۽ تنقيد جي هڪ اَهم ليکڪ سرڳواسي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو مونوگراف لکڻ لاءِ ڏنو هو. اُهو شايع ٿيڻ بعد مقبول ٿيڻ تي جديد سنڌي شعر جي هڪ باني سرڳواسي پروفيسر ليکراج 'عزيز' جو مونگراف لکڻ لاءِ ڏنو جو ۱۹۸۶ ۾ شايع ڪيو ويو.

تازو پروفيسر منگهارام جي جنم شتابديِ ۱۹۹۶ ۽ پروفيسر ليکراج عزيز جي جنم شتابديِ ۱۹۹۷ ۾ پارت جي ڪن شهرن ۾ ملهائي ويئي ۽ سيمينار ۾ ڪيا ويا تہ ڪن مخزنن ۽ اَخبارن هنن جي ياد ۾ خاص پرچا ۾ ڪڍيا هئا. انهن بنهي ڪارگذارين ۾ مونکي ڏسڻ ۾ آيو تہ پروفيسر ملڪاڻي ۽ عزيز تي ليکہ لکڻ لاءِ منهنجي بنهي مونوگرافن مان ڪافي مدد ورتي ويئي جن جو ذڪر ۾ ڪيو ويو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ وارو منهنجو ساهتيہ ائڪڈمي طرفان ڇپايل مونوگراف تہ هتي هندي ۾ ترجمو ٿيو تہ **سنڌ** ۾ ۾ ڇپايو ويو آهي.

هاڻي هن سال ساهتيہ ائڪڈمي جديد سنڌي نثر جي هڪ باني ۽ نقاد ۽ شاهہ لطيف جي رسالي جي سمپادڪ سرڳواسي پروفيسر ڪليانڻ آڏواڻي جو مونوگراف لکڻ لاءِ ملهيو ۽ جو ۾ اُميد اٿم تہ اَهڙو لوڪ پريہ ۽ مقبول ٿيندو جئن منهنجا پروفيسر ملڪاڻي ۽ عزيز تي لکيل مونوگراف ٿيا آهن.

مان پانڪن جي راين جي آجيان ڪندس.

اي.جي. اُتم

۲-آگسٽ ۱۹۹۹

فهرست

		صفحو
۱-	ٻہ لفظ	
۲-	ٻالپڻ ۽ جواني	۱
۳-	پروفيسري جيون	۱۱
۴-	پارٽ لڏڻ بعد رهائش ۽ روزگار	۱۸
۵-	شاهہ، سچل، سامي جو پارکو	۲۴
۶-	شاهہ جي رسالي جو يگانو کارنامو	۳۹
۷-	کليانڻ جي رسالي جي قدرشناسي ۽ اَهميت	۵۳
۸-	سنڌ ۽ سنڌي ٻولي لاءِ سک	۶۵
۹-	پروفيسر کليانڻ جي شاعري	۷۵
۱۰-	صوفياڻي شخصيت	۸۲
۱۱-	کليانڻ آڏواڻي جي ڪتابن جي فهرست	۸۹
۱۲-	ساهتيہ اڪاڊمي جي ڪتابن جي فهرست	۹۰

باب - ١

پالپٹ ۽ جواني

پروفيسر ڪلياڻ بولچند آڏواڻي جديد سنڌي نثر جو هڪ نرماتا هو، جنهن پنهنجيءَ عمر جا ٦٢ سال ادبي مضمون ۽ تنقيد جي شاخن جي ترقيءَ لاءِ اَرپڻ ڪيا هئا. هو ايترا سال لڳاتار لکندو رهيو- اَصل آخرين ڳهڙيءَ تائين ٨٣ ورهين جي برڌ اوستا ۾ به قلم هلائيندو ئي رهيو.

ورهاڱي ڏيڻ کان پوءِ سنڌ مان لڏي اَچڻ تي هند ۾ ٥٠ سال هو اسانجي ڪلاسيڪل عظيم ترين شاعر شاهه لطيف ۽ هنجي رسالي جو پارکو طور اَختياري ڪيبو ويندو هو. هنجو مرتب ڪيل شاهه جو رسالو هتي به دفعا ٿي سنڌ ۾ چار دفعا ڇپيو، جنهن هنکي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ خوب لوڪپريه بڻايو هو.

جڏن ئي انگريزن ١٨٤٣ع ۾ ميرن کان سنڌ جنگ رستي ڪٽي تڏن ئي هنکي اُتي راج ڪاروبار لاءِ سنڌي بولي چاڻندڙ آفيسر ۽ پاڙهيندڙ اُستادن جي ڳهرج محسوس ٿي ۽ جيئن ٿي اُن وقت سرڪاري بولي پارسي هئي ۽ سنڌي بوليءَ جي ڪا هڪ مقرر ٿيل لپي نه هئي ٿي انگريزن ١٨٥٣ ۾ سنڌي هندو مسلم عالمن جي هڪ ڪاميٽي کان سنڌي بوليءَ لاءِ ٥٢ اکرن واري هڪ صاف سنئين لپي ٺهرائي جا عربي، پارسي ۽ سنسڪرت جو ميلاپ هئي. سنڌي بوليءَ کي سرڪاري بڻائي اُها لپي مروج ڪئي.

اُن وقت کان ئي سنڌ ۾ نثر لکڻ جي شروعات ٿي جڏن ٻين پرانتن ۾ به ٿيو. اَڄ سنڌي نثر جي عمر ١٥٠ سال آهي. اُنجي پهرين ٥٠ سالن جي اوائلي دور ۾ درسي ڪتاب ئي لکيا ويا، جن مان اڪثر ترجمو هئا. ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ اصلوڪا ڪتاب هئا. اُن وقت نثر جي عمارت جي پيڙهه وڌي ويئي. جڏ سڪل بنيءَ ۾ هر ڪيڙي، ٻج ڇٽي، پاڻي ڏيئي، فصل لائق بڻايو ويو.

2 ڪليان آڏواڻي

ٻين ۵۰ سالن ۾ ۱۹۴۷ ڀائين سنڌي نثر تعليمي، پنگتي، راجنيتي ۽ اخباري قھلاءَ سان ھڪ شاھي قومي ھلچل ۽ سجاگي جي لھر پيدا ڪئي، جنھن ۾ ڪيترائي نثر جا نرماتا پيدا ٿيا، جن ھر شاخ مضمون، تنقيد، ناٽڪ، ناول ۽ ڪھاڻي تي قلم ھلائي، سوين اصلوڪا ڪتاب لکيا. ان دور ۾ ئي سنہ ۱۹۳۰-۳۲ ۾ قومي جاگرتا ۽ آزاديءَ جي جدوجھد واري وقت جديد نثر، نئين عبارت ۽ موضوع ۽ نئين زماني جي تقاضا وارو لکجڻ ۾ آيو، جنھن جا ڪيترائي نوان نثر نويس اُسريا، جن مان ھڪ مکيہ پروفيسر ڪليان آڏواڻي ھو.

اِھو جديد ادبي نثر اکثر جنوري ۱۹۳۲ ۾ ڀاءُ بولچند راجپال جي شروع ڪيل معياري ماھوار مخزن 'سنڌو' ۾ شايع ٿيندو ھو. ان جا تمام گھڻا لکندڙ ڪالیج پڑھيل ساھتڪار ۽ دانشور ھئا، جئن سندن چپيل نالي پنيان لڳل ڊگرين مان معلوم ٿئي ٿو. 'سنڌو' سڄ پڄ ھڪ يگاني جديد مخزن ھئي، جا ساھتڪ، سياسي، راجنيتڪ ويچارن ۽ علميت جو آئينو ھئي. اُھا اُن وقت جي بنگال مان نڪرندڙ جديد انگريزي ماھوار مخزن 'ماڊرن رويو' سان بر ميچيندڙ ھئي. سنڌوءَ جي پھرين پرچن ۾ ئي ليئوٽالسٽاءِ جون ڪھاڻيون، ٽئگور جي آتم ڪھاڻي ۽ روس جي ياترا جون يادگيريون ۽ ٻين جا نئين رشيا تي ليکہ وغيرہ ھئا.

پروفيسر ڪليان آڏواڻيءَ ٻہ پنھنجو ساھتڪ سفر ان اعليٰ ادبي مخزن 'سنڌو' سان شروع ڪيو، جڏھن آڪٽوبر ۱۹۳۲ ۾ ھنجو ادبي مضمون 'رومیءَ سان رھاڻ' نالي ڇپيو. ان وقت ھو آڳا ڪالیج ۾ پڑھندڙ ايم.اي. جو شاگرد ھو، جئن ان مضمون ۾ ليکڪ جي نالي پنيان لکيل ھو. اُن ۾ ھن رومیءَ جي صوفي ويچارن سان گڏ پنھنجن سنڌي شاعرن شاھہ، سچل، سامي ۽ آسرداس جا ٻہ حوالا ڏنا آھن. ان پرچي ۾ ڪليان جي ھمعصر نثر نويس مرزا نادربيگ، امرلعل ھڱوراڻي، يوڄراج ناگراڻي جون رچنائون آھن تہ ٻين پرچن ۾ گلي ڪرپالاڻي (سدارنگاڻي)، ڊاڪٽر ھرومل

سدارنگاڻي، تيرٿ سپاڻي، ڪملا هيرانند ۽ آهن. انهن نون نثرنويسن سان گڏ بزرگ ديارام گدومل، قليچ بيگ، پرمانند ۽ پيرومل، لعلچند ۽ چينمل جي ٿمورتي ۽ گربخشاڻي، ايم.يو. ملڪاڻي ۽ آهن. پر ۱۵ سالن ۾ گهڻا ڪلياڻ جا ليکڪ آهن جئن پروفيسر ملڪاڻيءَ ۽ پنهنجي نثر جي تاريخ ۾ لکيو آهي.

عجب نه آهي ته ڪاليج پڙهندڙ جوان ڪلياڻ جي پهرئين مضمون پارسي جي صوفي شاعر مولانا رومي تي لکڻ مان پائنجي ٿو ته هنکي گهر ۾ اَهڙي صوفي نموني تربيت ملي هوندي. اهو انومان صحيح ۽ آهي ڇو جو ڪلياڻ جي ٻئي هڪ ليکڪ (سنڌو- مي ۱۹۳۴) 'دلپت صوفي' مان اِهو ظاهر آهي ته سندس پيءُ ۽ ڏاڏو پڻ صوفي ويچارن جا هئا. ڪلياڻ اُنهيءَ لکيو آهي ''نصيبن سان والد شريف (پتاجن) وٽ صوفي صاحبن جي ٻاڻيءَ جو هڪ نسخو سندس والد شريف (يعني ڏاڏي) جي دست مبارڪ سان لکيل موجود پيو هو جنهن مسڪين جي اَجهي ڪي معطر ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ دستخط جي مطالع ڪرڻ سان منهنجي من ۾ آس اُٿي ته جي صوفي صاحب جا وچن 'ولات سنڌ واسين ته هوند سنڌ ۾ نئون سوجهرو نمايان ٿي پوي.''

هو وڌيڪ لکي ٿو، 'سندن ساري' ڪلام کي پڌري ڪرڻ جو نه اَمر آهي نه مون مسڪين کي توفيق آهي... منهنجي مراد آهي ته صوفي صاحبن جي ڪلام مان تصوف جي ڪيميا ڪڍي ظاهر ڪريان ۽ نه ڪنهن پنڌ جي پالنا جو ويهي ورنن ڪريان.... هو ليکڪ جي آخر ۾ چوي ٿو ''مسڪين وٽ جو نسخو موجود آهي سو ٽن سَوَن صفحن جو آهي، جنهن مان ڏاڏيءَ جي فضل ۽ دلپت سائين جي دعا سان ٽيهن صفحن جو سار هن ليکڪ ۾ ڏيئي سگهيو آهيان. منهنجي رٽ آهي ته ماهوار ڪلام جو ايترو ئي حصو 'سنڌو' مخزن ۾ آڻيان...''

مٿئين حوالي مان پڌرو آهي ته سندس پيءُ ۽ ڏاڏو ٻئي

4 ڪلياڻ آڏواڻي

صوفي ويچارن جا هئا جن پاڻ وٽ مشهور صوفي شاعر دلپت جي ڪلام جو نسخو سانڍي رکيو هو. خاص ڪري ڏاڏس تہ اُهو ۳۰۰ صفحن وارو وڏو دستخط پنهنجي هٿ سان لکيو هو. ان کيل محنت ۽ تکليف مان پروفيسر ڪلياڻ جي ڏاڏي جي صوفي لاڙي ۽ درويش شاعر دلپت لاءِ اُلفت، اَهميت ۽ اَثر ظاهر آهي.

هن ئي صوفي شاعر دلپت جي هينئن ڪوتا هندو مسلم ويرورڌ ۽ ڪٽرپڻي ۽ ڪلفت خلاف اَڄ بہ ڪلاسڪ مڃي وڃي ٿي :

پير پرميسر تان ڪو پير پيو
جي اسلام ٿيو الله ڪون، تان ڪفر ڪنهن ڪيو،
جي ڪعبو خانو خدا جو تان ديول ڏوهہ ڪيو،
مڙهي ۽ مسجد پر روشن هڪ ڏيئو،
ڪيئن جو ڪئن پيو، دلپت خلل اَڇي خلق پر

ڪلياڻ جي ليکہ بعد ئي ۱۹۳۸ پر مولچند نڪر جو مرتب ڪيل دلپت صوفي جي ڪلام جو ڪتاب ڇپيو.

اَهڙي ئي صوفي سڳوري پيءُ ڏاڏي جي عامل خاندان پر بولچند اَجومل آڏواڻيءَ جي گهر، حيدرآباد (سنڌ) پر ڏهين فيبروري ۱۹۱۱ تي ڪلياڻ جو جنم ٿيو. ان سال پين نثرنويسن جو بہ جنم ٿيو جئن تيرٿ بسنت، پوڃراج ناگراڻي، امرلعل هڳوراڻي، نادربيگ، گلي ڪرپالاڻي، پرپداس، پيرومل، رام پنجواڻي ۽ جهامنداس پاٽيا وغيرہ. انهن مان ڪلياڻ جي مضمون سان گڏ ڪن جون رچنائون سنڌوءَ پر آهن خاص ڪري جهامنداس پاٽيا تہ ٽئگور جي آتم ڪهاڻي قسطن پر ترجمو ڪئي هئي. ڪلياڻ آڏواڻي پرائيمري، سيڪنڊري ۽ ڪاليجي تعليم حيدرآباد پر ئي ورتي ۽ ڪيس ڪهڙن اُستادن پاڙهيو ۽ ڪهڙن جو اَثر ٿيس تنهنجو ورنن هن خود نئين دنيا مخزن جي آگسٽ ۱۹۶۳ پرچي پر يادگيرين جي ليکہ 'ڪلهہ جي ياد' پر ڪيو آهي، جئن پروفيسر ملڪاڻي، عزيز، ناگراڻي، منوگدواڻي وغيرہ بہ نئين دنيا پر ڪيو آهي.

ڪلياڻ لکي ٿو ”هر ڪنهن انسان جي سيرت تي عيان توڙي نهان (ڪي پڌرا، ڪي ڳجها) اَثر پون ٿا. سندس سيرت اُنهن اَثرن جو آئينو آهي. منهنجي ابتدائي (پرائيمري) تعليم جو دَور حيدرآباد سنڌ جي مشهور ۽ اعليٰ مڪتب پرئڪٽسنگ اِسڪول ۾ شروع ۽ ختم ٿيو. ساڳئي حاطي ۾ ٽريننگ ڪاليج فار مين ڪاليج ۾ محمد صديق ميمڻ، محمد صديق مسافر ۽ جگتراءِ ايسر داس جهڙيون هستيون موجود هيون ’پرئڪٽسنگ اِسڪول، ميان عبدالغفور قاضي (ديوان گل جي مهتمم) جي سرپرستي هيٺ هلندڙ هو. مسافر صاحب زنگي نسل (شيدين) مان هو ۽ هُو هميشه سلڪ جي پيلي پٽڪي ۽ ايلپاڪي جي ڪاري ۽ ڊگهي ڪوٽ ۾ مَلبوُس نظر ايندو هو. ميان عبدالغفور قاضي به پٽڪو ۽ ڊگهو ڪوٽ پهريندو هو،جي اڪثر سفيد رنگ جا هوندا هئا. قاضي صاحب جي نائبن مان هڪ هو شري واڏومل مولچند جنهن پوءِ ’سامي‘ جا سلوڪ‘ ڪتاب تيار ڪيو. واڏومل صاحب سرير جو سوڪيم ۽ سفيد رنگ جو هو ۽ هميشه برفاني لباس ۾ ڏسبو هو. هو صاحب اڪثر اڪيلوئي اڪيلو ميرن جي قبن واري ٽڪريءَ تي پيو سير ڪندو هو ۽ ڊگها ساهه پيو ڪڍندو هو. ائين پيو لڳندو هو جڏ، دنيا جي فنائيت ۽ فريب تي سرد آهون پيو ڀري ۽ مايا جي ڇل ول تي شوڪ پيو ڪري. اڳيان اُستاد سچ پچ ته علم ۽ حلم جا صاحب هوندا هئا.

”سيڪنڊري تعليم حيدرآباد جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ ورتم ۽ اُتي به بخت ياوري ڪئي، جو ديوان ڏيارام ميرچنداڻي ۽ ديوان ليلارام پريمچند جهڙن صاحبن جي سايي ۾ علم جي تحصيل ڪيم. ديوان ڏيارام وڏي حيثيت جو صاحب هو. حسابي علم ۽ صرف‌ونحو (گرامر) ۾ ماهر هو ۽ سنسڪرت جو ودوان. وياڪرڻ جو شوق مون ۾ هن صاحب جي گرامر مطالع ڪرڻ سان پيدا ٿيو. ايتري قدر جو مختصر پيماني تي پنهنجو به هڪ وياڪرڻ

دستخط ۾ تيار ڪري رکيم، جنهن ۾ مثال شاهه صاحب جي ڪلام مان پيش ٿيل آهن. ديوان ليلارام پريمچند هڪ درويش صفت انسان هو ۽ انگريزي، پارسي ۽ سنڌيءَ ۾ اول درجي جو عالم هو. هو صاحب تازو (۱۹۶۳ع) گذاري ويو. هڪ پارسي بيت، جو هو صاحب نهايت سهڻي ۽ رقت آميز انداز ۾ تنواريندو هو، سو اڄ تائين نٿو وسريم :

'اعتباري نيست هرگز طائر اقبال را،
اين کبوتر هر زمان مشتاق بام ديگر اَست

'بخت جي پکيءَ تي هرگز ڪو ويساهه ناهي. هي ڪبوتر هر لحظي ڪنهن نئين ماڙيءَ جو شائق آهي.'

ڪلياڻ وڏيڪ لکي ٿو ته 'مئٽرڪ ڪلاس ۾ هوس ته هڪ پيري ديوان پيرومل مهرچند اَچي تشريف فرما ٿيو ۽ بيهڻ سان وٽي ظرف تي هڪ ظريفاڻي تقرير شروع ڪيائين. اُن مان مظلوم شاگردن جي فهم ۾ خيرڪي آيو، پر ڪاڪي صاحب جي گفتار پوري ٿيڻ کان پوءِ تاڙين سان پرجوش اِستقبال ڪيائون. پرلمنري اِمتحان جا سنڌيءَ ۾ جوابنامه اسانجي پرنسيپال صاحب ڇاڻي ڇڏيو ديوان لالچند امرڏنيمل جي حوالي ڪيا جنهن صاحب محنت ۽ جفا کان ڪم وٺي، هر ڪنهن جواب تي پنهنجو رايو روشن ڪيو هو. منهنجي مضمون هينان هينئن لکيو هئائين : 'گهوڙا! گهوڙا!! مضمون ڪهڙو نه سهڻو لکيو آڻيئي، پر پچاڙي ۾ اَچي هارايو اڻيئي.' اُنهيءَ رايي جو مون تي اَهڙو ته اَثر ٿيو جو اڄ ڏينهن تائين هرهڪ مضمون جي پچاڙي، ڪوشش ڪري اَثرائتي ڪندو آهيان.

'ڪهڙي ڪريان اُستتي
سامي سا پرسن جي.'

ڪلياڻ اڳتي لکي ٿو 'اسڪول جي هڪ سالياني جلسي جي صدارت شمس العلما مرزا قليچ بيگ فرمائي هئي. پنهنجي تقرير نهايت سهڻي ۽ سڀاجهي نموني ۾ پڙهي هئائين. اڄ ڪي صاحب اڳيئي تيار ڪيل تقرير کي شايد عيب ڪري سمجهن. پر ائين

هرگز ناهي. شايد اُنهيءَ ئي جلسي ۾ مونکي ۽ منهنجي ساڻيءَ کي ڪوڏر ڪلهي تي رکي، مرزا صاحب جو ئي رچيل شعر 'ڪوڏر ڪڙ تون ڪوڏر يار' پيش ڪرڻو پيو. اُنهيءَ لاءِ سانده تي مهنا اسانکي اُهائي ڪوڏر ڪلهي تي کڻي روز بروز مشق ڪرڻي پيئي. پارت خير ۽ خوبيءَ سان پورو ٿيو ۽ خلق ۾ رهجي آئي.

''هاءِ اسکول جي پنجين درجي ۾ هوس تہ ڊاڪٽر گربخشاڻي جو ڪتاب 'نورجهان' درسي ڪتاب طور پڙهڻو پيو. نورجهان جي رنگين ۽ شاعراڻي عبارت جو اثر دل تي طاري ٿي ويو. 'محبت جي ڪيميا، ٽامي کي زرين ۽ تلخي کي شيرين، دار کي تخت ۽ بار کي بخت ڪيو ڇڏي'، انهي عبارت جي تتبع تي هڪ مضمون بہ لکيم جنهن تان اُستاد فرمايو هو تہ هر ڪنهن کي پنهنجي عبارت هڻڻ گهرجي ۽ نقل کان ڪنارو ڪرڻ گهرجي. ڊاڪٽر صاحب جي، روح رهاڻ ۽ مقدمہ لطيفي منهنجي دل کي قيدڪري ڇڏيو. سندس عبارت جي مهرمنهنجي قلب تي لڳل آهي.''

اڳتي هلي ڪلياڻ لکي ٿو، 'پرمانند ميوارام جي 'جوت' اَخبار سان بہ گهڻو عشق هوم. جيتوڻيڪ هو صاحب اسانجي اوائلي محلي 'نوآباد' جي نزديک رهندو هو تہ بہ ساڻس گفتگو ڪرڻ جي مون پاڻ ۾ ڪڏهن بہ توفيق نہ ساري. البت اُنهيءَ محلي جي پرسان مسلم ادبي سوسائٽي جي مشاعرن ۾ شريک ٿي، جدا جدا شاعرن جو شعر پڙندو هوس.اُنهنجي صدارت اڪثرنابينا شاعر حافظ ڪندو هو، جنهنجي تنقيد پڏي حيرت جي عالم ۾ رهجي ويندو هوس. پيو شغل راڳ پڙڻ جو هوندو هوم. هر جمع تي دلي ۽ يڪتاري تي سنڌي ڪلام پڙندو هوس ۽ اُنجو خمار سارو هفتو هلندو هو. اِهو زمانو ڪاليج جي شاگردي‌ءَ جو هو ۽ گرئجوئيٽ ٿيڻ ڪانپوءِ بہ ڪجهہ عرصو هليو.

''ڪاليج ۾ ديوان موهن‌لال جي سايي هيٺ سنڌيءَ جو

علم پرايم. سندس شخصيت جو اثر مون تي دائمي ٿيو. هنجي وفات بعد مون ڪاليج جي مخزن ۾ 'ديوان موهن لال' جي عنوان سان پهريون ئي دفعو نثر ۾ مضمون شايع ڪيو. نه ته اُن کان اڳ خام نموني جي نظم سازي ڪندو هوس. ڪانئس پوءِ جناب چيلمل سنڌيءَ جو پروفيسر ٿيو.''

ڪلياڻ وڌيڪ لکي ٿو ته 'ڪاليج ۾ لطيف پاري نالي سان هڪ مخزن به جاري ڪيم، جنهن ۾ درج ڪيل مضمون پرنسيپال پارواڻي ۽ چيلمل صاحب کي نهايت وڻندا هئا.'

ڪلياڻ اُن ڪاليجي شاگردي جي بي يادگيري ٻڌائيندي ١٧ نومبر ١٩٨٥ جي هندواسي ۾ لکيو آهي 'جڏهن ڪاليج ۾ سيئي سال ڪرڪيٽ ڪئپٽن هوس ته حيدرآباد ۾ ڏرتتي جو به داس گارڈن ۾ نهايت تيز رفتار بولنگ ڪندو هوس پر هاڻ هٿ ۾ بال بدران بال پين آڻم.

مٿي ٻڌايل يادگيرين مان ظاهر آهي ته ڪلياڻ جا پرائيمري ۽ سيڪنڊري تعليم جا اُستاد، اُن وقت جون وڏيون هستيون هئا جيڪي اڪثر تعليم سان گڏ ساهتڪ ڪيٽر ۾ به مشغول ۽ مشهور هيون. اُنهن جو اثر به خوب ٿيس. هو به هنن وانگر تعليمدان، ودوان ۽ ساهتڪار ٻڌيو. اصل هنن وانگر سانتيڪي سياڻ وارو صوفي ۽ اپياسي اديب رهيو. هو به هنن وانگر ئي علم ۽ حلم جو صاحب هو.

عجب آهي ته ڪاليج پڙهندي به هو اوچي معيار جا ليکڪ 'سنڌوءَ' جهڙيءَ عاليشان مخزن لاءِ لکندو هو، جيڪي هنکان بزرگن ڪاڪي پيرومل مهرچند، ادي چيلمل پرسرام ۽ لالچند اَمر ڏنيمل، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ايل.ايڇ اَجواڻيءَ جهڙن جي ليکن جي پڪي پختي پوليءَ ۽ اَپياس وارا هئا، جئن مٿي ذڪر ڪيل هنجي لکيل پهرين ٻن ليکن 'روميءَ سان رهاڻ' ۽ 'دلپت صوفي' مان ئي پڌرو آهي، جواني ۾ جئن روميءَ تي هن شاهه سچل

سامي جا حوالا ڏنا.

حقيقت ۾ جئن سندس پي‌ءُ ۽ ڏاڏي جي صوفي ويچارن جو اَثر جڻ ورثي ۾ مليو تئن ڪالبج ۾ پڙهندي به اَپياس ڪندي به انهن جو اثر ٿيو. هن ايم. اي. انگريزي ۽ پارسيءَ ۾ پاس ڪئي جنهن ۾ رومي، سعدي ۽ حافظ وغيره پڙهڻا پوندا هئا. انڪري ئي ڪلياڻ جي لکڻي تي به پارسي ٻوليءَ جو ڪافي اَثر هو، جيتوڻيڪ انگريزن کان اڳ سنڌ ۾ پارسي سرڪاري ٻولي هئڻ ڪري تعليم ۽ ساهت ۾ به ڦهليل هئي جئن 'سنڌو' آڪٽوبر ۱۹۳۲ ۾ ڪلياڻ آڏواڻي جي 'رومي سان رهاڻ' ليکڪ سان گڏ 'سنڌي ٻوليءَ جو ابتدائي احوال' ليک به پيل آهي جيڪو پهلاجراءِ ليلارام واسواڻي جو لکيل آهي (جيڪو شايد ساڏو ئي.ايل واسواڻي جو پاءُ هو.) هن ڏيکاريو آهي ته ڪيئن ابتدا ۾ انگريزن کان اڳ پارسي جو بول بالا هو. خود سنڌي هندن توڙي مسلمانن ۾ تعليم لاءِ چاهه ڪونه هو. انگريزن طرفان شروع ڪيل اسڪولن ۾ به رومي، سعدي وغيره پاڙهيا ويندا هئا، سوئي ڪلياڻ ته ڪالبج ۾ انگريزي سان گڏ پارسي وشيه کنئي هئي، جنهن ۾ ايم.اي پاس ڪيائين. اُها پهرين پهرين نوديالبه ۾ ماستريءَ وقت ڪلياڻ آڏواڻي مئٽرڪ جي شاگردن کي پاڙهيندو هو، جن ۾ آڳ به هڪ هوس. اُهو ۱۹۴۱-۴۰ جو زمانو هو. اُن وقت کان وٺي منهنجو هن سان ۵۰ سالن کان مٿي پڇاڙي تائين رستو رهيو هو- هڪ شاگرد طور ۽ پوءِ ڪالبج ۾ ۽ ورهاڱي بعد هڪ دوست طور. مئٽرڪ ۾ هن اسانکي پارسيءَ سان گڏ انگريزي به پاڙهي پوري قابليت سان. جئن پڙهائڻ ۾ تئن ڪرڪيٽ راند ۾ به هو قابل هو. هڙ نوديالبه ۾ (جيڪو ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو اسڪول هو ۽ پوءِ ورهاڱي بعد پهرين اُنکي سنڌ يونيورسٽي ۾ تبديل ڪيو ويو) اسان شاگردن سان به اَچي ڪرڪيٽ راند کنڊو هو. هو ڪالبجي شاگرديءَ وقت ڪرڪيٽ جو ڪئپٽن هو.

۱۹۳۹-۱۹۴۰ واري زماني ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ جي ايم.اي. جي ڊگري حاصل ڪرڻ هڪ وڏي لياقت سمجهي ويندي هئي. آڳرين تي ڪٽڻ جيترا مس ايم.اي. جي لياقت حاصل ڪيل هوندا هئا، جئن سنڌو جي ۱۵ سالن جي پرچن ۾ چپيل اڏ-منوسؤ ليکڪن جي نالن پنيان لڳل ڊگرين مان معلوم ٿئي ٿو.

انڪري ايم.اي. جي ڊگري حاصل ڪري ب، ڪلياڻ آڏواڻيءَ جو ماستري ڪرڻ ڏيکاري ٿو تہ اُها هن لاءِ وڏي ڳهرج هئي. هو ڪو پروفيسر ايم.يو. ملڪاڻي ۽ ليکراج عزيز وانگر زمينداري پار نہ هو پر وچولي ڪٽنب جو پاتي هو. هن اُن وقت ميرچنداڻين مان شادي ڪئي هئي، جنهن لاءِ روزگار تمام ضروري هوس. جئن ئي ٻن سالن کان پوءِ ۱۹۴۲ ۾ حيدرآباد جي ديارام گدومل نئشنل ڪاليج ۾ پروفيسري جي جڳهہ خالي ٿي تئن ئي ڪلياڻ اُتي پارسي، انگريزي ۽ سنڌي پاڙهڻ لاءِ پروفيسر مقرر ٿيو، جئن نئين دنيا (آگسٽ ۶۳) ۾ چپيل يادگيرين ۾ ب لکيو اٿس تہ 'بي.اي. ۾ جيڪو 'ديوان گل' ۽ 'سامي جا سلوڪ' ڪتاب پڙهيا هئم، سي ساڳيا هاڻي مونکي پاڙهڻا پيا.'

باب - ٢

پروفيسري جيون

ڪلياڻ آڏواڻيءَ جو ١٩٤٢ ۾ ڊي.جي. نيشنل ڪاليج جو پروفيسر ٿيڻ هنجي حياتيءَ جو ته هڪ عظيم ترين ڪارنامو هو، پر سنڌي جاتيءَ لاءِ پڻ هڪ اَهم ترين خدمت هئي.

اِهو پروفيسري جيون ١٩٤٢ کان ١٩٧٦ تائين ٣٤ سال هليو. اُن ۾ هن پارسي ۽ سنڌي سان گڏ انگريزي به پاڙهي. جئن ته مان پاڻ ڊي.جي. نيشنل ڪاليج ۾ ١٩٤٢ کان ١٩٤٨ تائين بي.اي. پڙهيس ۽ ايم.اي. جا ٽرم به رکيم پر ورهاڱي ڪري ١٩٤٨ ۾ لڏڻ ڪري امتحان بمبئي ۾ ڏيئي ايم.اي. پاس ڪيم، تئن هنجي سنڌي پارسي جي قابليت جو پاڻ شاهد آهيان پر جيڪي شاگرد حيدرآباد جي ڪاليج جي آرٽس سيڪشن ۾ پڙهندڙ هئا تن جو اِهو رايو آهي ته انگريزي ۾ پرنسيپال پارواڻي ڪانپوءِ حد هئي. هو جنهن وقت خاص ڪري شيڪسپئر تي ليڪچر ڪندو هو تہ اُن وقت مڪمل سانت ٿي ويندي هئي. ٻين ٻن ٽن پروفيسرن جا انگريزي ۾ ليڪچر ٻڌا هئم پر پارواڻي ته چئي ڪري بس ڪر.

ساڳي طرح پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جو شاهہ لطيف تي ليڪچر نهايت اثردار هوندو هو. خاص ڪري صوفي مت ۽ شاهہ جي شاعري جي سندس اوڪ ڏوڪ، پوري اپياس واري هوندي هئي. البت هن شاهہ لطيف تي اَختياري هڻڻ واري حيثيت نہ حاصل ڪئي هئي جيڪا ورهاڱي بعد ڪيائين ته به اُنجا اُهڃاڻ ڏنا هئائين جئن منهنجي ايڊٽ ڪيل ڪليلي جي پرچي (١٩٤٦) ۾ ڏنل هنجي ليکہ 'شاهہ جي وطن دوستي ۽ عالم دوستي' مان ظاهر آهي. ورهاڱي بعد اِهو ليکہ ٻين ڪيترن ئي ڇپيو. شاهہ جي سورمين، سورمن وغيرہ تي ليکہ جيڪي لطيف باري مخزن جي ٻن ٽن پرچن ۾ ڇپيس سي پڻ متئين اُهڃاڻ جو حصو آهن. اُهي ليکہ ورهاڱي بعد لکيل

هن جي 'شاهہ' تي تنقيدي ڪتاب جو بنياد بڻيا، جئن پروفيسر ايم.يو. ملڪاڻيءَ پنهنجي نثر جي تاريخ ۾ ٻہ لکيو آهي.

اهڙي طرح پروفيسر ڪلياڻ جا ٻين سنڌي درسي ڪتابن ديوان گل ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي جو ناول نورجهان وغيرہ تي ڊنل ليڪچر ٻہ تسلي بخش هئا. مون پنهنجي ڇهن سالن جي شاگرديءَ وقت ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي پڙهائيءَ بابت ڪا شڪايت نہ ٻڌي. هو هڪ هڏوڪي ۽ محنتي پروفيسر ميجيو ويندو هو ۽ ليڪچر ڪرڻ وقت هڪ اِسڪالر لڳندو هو. سندس ڪافي ادبي مضمونن مان ٻہ اسڪالر لڳندو آهي. جئن ۱۹۴۷ ۾ 'قليلي' جي ٻئي پرچي ۾ ڇپيل سندس ليکہ 'ڪنول جو گل' ۾ شاهہ لطيف ۽ سامي‌ءَ کان وڌي ڪاليداس، پرتر هري، ٽئگور، گيتا جا مثال ڏنا اَٿس جيڪي سندس اڀياس ۽ علم ظاهر ڪن.

اُن وقت ۱۹۴۶ ۾ پروفيسر ڪلياڻ جو پهريون ڪتاب جيڪو شايع ٿيو سو هو ڪاليداس جي ناٽڪ شڪنتلا جو ترجمو. جيتوڻيڪ هن کان اڳي مرزا قليچ بيگ ۽ ٻين ٻہ اِهو ناٽڪ ترجمو سنڌي ۾ ڪيو هو، پر ڪلياڻ جو ترجمو بهتر آهي. مون قليلي جي سمپادڪ طور اُن جي سمالوچنا ڪندي لکيو هو : 'ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ شڪنتلا دنيا جي مايہ ناز شاهڪارن مان هڪ آهي، جنهن جي نالي ۽ کاڻيءَ کان ڪير اڻ واقف هوندو؟ شڪنتلا پڙهڻ سان پاڻ تي پوتر پريم جي هڪ عجيب مستي طاري ٿي وڃي ٿي.

'ڪتاب ۾ سيرت ۽ واقعنگاري نهايت خوبصورتي سان چٽيل آهي. وٽن ۽ ٽٽن، ولين ۽ ڪلين، انبن جي ٻور ۽ ٻنور جو اَهڙي تہ نزاڪت سان ورنن ڪيو ويو آهي جو اُهي سڀ قدرتي نظارا گويا زندهہ پيا پائجن. ويتر جو پروفيسر صاحب ويس ڏارين جي واتان موزون ٻولي چوائي آهي، تنهن تہ آڻي باقي ڪتاب کي وڌيڪ سهاويڪ ۽ رسيلو بڻايو آهي، جنهن مان هن جو جدا ٻولين تي دست رس هجڻ ۽ مطالعي جي ڇڻيءَ ڀَر پروڙ پوي ٿي.

'هي ڪتاب اُنهن عاشقي جيئڻ جوانن لاءِ جي بقول دشينت، 'ڳلن جي هار (پنهنجي استري) کي نانگ سمجهي ڪٽي ڏٽو ڪندا آهن،' لاءِ نهايت ئي سبق آميز ٿي سگهي ٿو. شڪنتلا جو بهترين ترجمو دنيا جي اڪثر ٻولين ۾ نڪتل آهي، باقي اسانجي سنڌڙي وانجهيل هئي. پروفيسر صاحب اِن ڪمي کي پوري ڪري 'شڪنتلا' جو بهترين ترجمو سنڌي ۾ پيش ڪري، نه فقط سنڌي ساهت جي بلڪ سنڌواسين جي بهترين خدمت ڪئي آهي، جنهن لاءِ هو مبارڪن جو مستحق آهي. اُميد ته سنڌواسي اُن جو پورو قدر ڪندا،ان ڪتاب جو مهاڳ سنسڪرت جي اُستاد پروفيسر نارائڻداس بنيجا جو لکيل آهي جنهن به ڪلياڻ جي ترجمي کي سنسڪرت سان پيٽيو ۽ خوب داد ڏنو آهي. پروفيسر نارائڻداس بنيجا ان ڪتاب جو مهاڳ سنسڪرت سان پيٽيو ۽ خوب دادا ڏنو آهي. هن لکيو ته ڪاليداس جو سمورو پاڻ، اُمنگ ۽ جذبو منجهس جذب ٿيل آهي.

اِهو ڪتاب ورهاڳي بعد سالن جا سال ڪيترين يونيورسٽين ۾ سنڌي وشيه لاءِ درسي ڪتاب طور منظور ڪيو ويو هو.

ان ڪتاب تي پرنسيپال پارواڻي خوش ٿي لکيو :

'مون ڪاليداس جي شاهڪار شڪنتلا جا ڪيترائي انگريزي، فرينچ ۽ اِٽلين ترجما پڙهيا آهن، پر هميشه اُن کي مون صرف هڪ سهڻو ناٽڪ ئي ڪري ليکيو آهي. مان پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي ترجمي پڙهڻ کان پوءِ ئي ان ناٽڪ جي روحاني حسن ۽ عظمت کان بخوبيءَ واقف ٿيو آهيان.'

حقيقت ۾ حيدرآباد ڪاليج ۾ پروفيسر جينمل پرسرام جي جڳهه تي ڪلياڻ کي سنڌيءَ جو پروفيسر مقرر ڪرڻ سان شاهه لطيف بابت سرگرميون تيز ٿي ويئون ۽ پروفيسر جي قلم مان به شاهه تي ليکن لکڻ جو سلسلو وڌي ويو. جئن هن طرفان 'لطيف باري' نالي ۱۹۴۴ کان ۱۹۴۶ تائين باتصوير مخزن نڪرڻ لڳي جنهن جو پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ به پنهنجي 'سنڌي نثر جي تاريخ' ۾ ذڪر

ڪيو آهي. اُنجي ۱۹۴۶ واري پرچي ۾ ياري جي سيڪريٽريءَ لکيو 'ڊي.جي. نئشنل ڪاليج جي لطيف ياريءَ سهاري هيءُ شايع ڪندي ڪافي مسرت ٿئيم ٿي.' جڏهن اسان جي ديس ۾ ادبيات ۽ علمي مذاق جو گهڻي قدر احتياج آهي. پروفيسر ڪي.بي. آڏاوڻي ياريءَ جو ايڪس آفيشو، هيمشه ان ڪوشش ۾ پئي رهيو آهي ته ياريءَ کي ڪنهن اوج تي رسائجي جنهن ۾ هو صاحب ڪنهن حد تائين فتحمند ٿيو آهي. سندس ليکڪ ڪافي اَثر نمايان آهن، جن اڳ 'سنڌو' مخزن کي شرف پئي وٺايو، هاڻ ياريءَ کي لطف وٺائي رهيا آهن ۽ پڻ ڪاليجي شاگردن لاءِ شاهه جي رسالي کي مطالع ڪرڻ ۾ ڪافي ڪارگر ٿين ٿا.

پروفيسر ملڪاڻيءَ پنهنجيءَ تاريخ ۾ خود به ڪلياڻ آڏواڻي جي 'سنڌو' ۾ ڇپيل ليکن ۽ لطيف ياريءَ بابت خاص لکيو آهي: 'پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي خود به 'سنڌو' مخزن جو زياده ادبي ڪوجنا ڪندڙ ليکڪ هو. اُن ۾ سنڌي شاعرن جو باقاعدي ادبي اندازو لڳائڻ شروع ڪيائين. اُهي نون ۽ گوناگون موضوعن وارا مضمون هئا: شاهه جي رسالي ۾ تشبيهون (فيبروي ۱۹۴۴) سامي جي سلوڪن ۾ تشبيهون (مي ۱۹۴۴) شعر ۽ شاعري (۱۹۴۵) سنڌي شاعرن جو هندي ڪلام (نئشنل ڪاليج، حيدرآباد جي هندي سرڪل ۾ ڪيل تقرير - مارچ ۱۹۴۶) ۽ شاهه جو عاشقاڻو ڪلام (سيپٽمبر ۱۹۴۶ ۾) پروفيسر آڏواڻي 'سنڌو' ۾ ادب کان سواءِ ٻين لطيف فنن تي به ڇاڻ وارا ليکڪ لکيا هئا: عام موسيقي (آگسٽ ۱۹۴۵) ۽ نرت ڪلا (نومبر ۱۹۴۵).'

ملڪاڻي صاحب وڏيڪ لکي ٿو 'حيدرآباد نئشنل ڪاليج مان پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي رهبري هيٺ لطيف ياري نالي باتصوير مخزن نڪرندي هئي جنهن ۾ سنڌ جي سرتاج شاعر شاهه جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي تنقيندي مضمون پوندا هئا. جن مان گهڻا ٽڪا خود آڏواڻي صاحب جي عالماڻي قلم مان نڪتل هوندا هئا. سنه ۱۹۴۴ واري انڪ ۾ سندس 'سرسهڻي'، 'سرمومل راڻو' ۽ 'ويدانت ۽

تصوف' عنوانن سان مضمون ڇپيا هئا. مرزا قليچ بيگ جو 'شاهہ جو شعر' ليکہ پڻ هن پرچي ۾ ڇپيو هو. ۱۹۴۶ واري پرچي ۾ آڏواڻي صاحب شاهہ جي سورمين جي سيرت نگاري جو سلسلو جاري ڪندي 'نوري'، 'مارئي' ۽ 'ليلان'، تي ليکہ لکيا ۽ 'شاهہ جو مجازي شعر' پڻ شايع ڪيائين. پروفيسر آڏاڻي جي فارسي آميز پر تنهن هوندي بہ سهڻ-فهم عبارت جو مثال ۽ مخصوص شرح ڪرڻ جو نمونو پچاڙيءَ واري تنقيدي مضمون مان پيش ڪجي ٿو :

'شاهہ جو عاشقاڻو ڪلام بن نمونن جو آهي: مجازي ۽ حقيقي. نوجوانن جي طبيعت کي وڻندڙ ۽ خوش ڪندڙ سندس مجازي شعر آهي جو پاڻ بہ جواني جي وقت ۾ مجازي عشق جي خمار هيٺ چيو هئائين. ازآنسواءِ، هرهڪ سُر کي، حقيقت سان گڏ، مجاز جي چَٽَ ڏني آٿس. سيني شاعرن جو شروعاتي شعر، مجازي رنگ جو آهي ۽ شاهہ سان بہ اهو قدرتي قانون لاڳو آهي. هاڻوڪن مجازي شاعرن جي شعر ۾ بہ حسن جون وارتائون ئي آهن، پر اُنهن ۾ ڪابہ تازگي ۽ نواڻ ڪانهي. البت جهونين ايراني تشبيهن جي ڪمي ڪانهي، جن کي پڙهڻ سان مورڳو طبيعت تي پريشاني چانئجو وڃي. شاهہ، معشوق جي اکين، زلفن، پيشاني، صورت، گفتار ۽ پاپوهہ کي، اهڙي جادوءَ پرئي نموني ۾ بيان ڪيو آهي، جو اُن کي پڙهڻ سان جيڪر مرده دل انسان بہ هڪواريءَ حسن ۽ عشق ڏانهن مائل ٿئي... 'سر ڪنيات' ۾ شاهہ، ساجن جي صفائيءَ جي ثنا ۾، مبالغي کان ڪم ورتو آهي. جهڙي صفائي، صبح جي وقت سهيل تاري ۾ هوندي آهي، تهڙي ئي محبوب ۾ آهي. لالن جو لقاءُ ڏسي، چنڊ تارن سميت، آسمان ۾ پيهي، غائب ٿي ٿو وڃي.

'اونداهي اڌ رات ۾، پرين پسايو پاڻ،
چنڊ ڪتين ساڻ، پيهي ويو پرلاءَ ۾.
تارا تيلي روءِ، لڌا لالن! اُپرين،
جهڙي تو صبوح، تهڙي صافي سڃڻين'

'سونهن رڳو زلفن، اکين، پيشاني ۽ نڪ ۾ ناهي. نڪي ظاهري سينگارئي، اُن ۾ اضافو آڻي ٿو. جيڪڏهن جسماني سونهن سان گڏ، ميناج واري گفتار ۽ ناز واري رفتار ناهي، تہ اُها آدرشي سونهن نہ چئبي. مني گفتار چا کي چئجي سو شاهہ سسئي جي مني آواز کي، کوئل جي کوڪ، چتونءَ جي چانگار، ڪونج جي ڪرڪ ۽ سارنگيءَ جي ساز سان مشابهت ٿو ڏئي. سسئي برپٽ جهاڳيندي، عشق جا نعرا هڻندي پيئي وڃي، ۽ شاهہ سندس شيرين ۽ خوش آواز جو وستار، هيئن ٿو ڪري :

'رُڃن ۾ رڙ ٿي، ڪَر ڪُرڪي ڪونج
نعرو منجهہ نڪو نج، اي تان آهہ عشق جي.'
'وڙُجن ۾ رڙ ٿي، ڪر چتونءَ جي چانگار،
'اي عشق جي اُپڪار، نعرو آهہ نيهہ جو.'
'رُڃن ۾ رڙ ٿي، ڪر سارنگي ساز،
اي عشق جو آواز، ماڙهو رکن مُنڊ تي' (سرمعذوري)

پروفيسر ايم.يو.ملڪاڻي سنڌي نثر جي تاريخ ۾ متي ڪلياڻ آڏاوٽي جي ليکن جا اَحوال ۽ حوالا ڏيندي هيٺ نوٽ ۾ لکيو آهي تہ 'پروفيسر ڪلياڻ آڏاوٽي جا اِهي لطيف پاريءَ وارا ۽ سنڌو مخزن جا اوائلي مضمون، سندس بمبئي ۾ ڇپايل ڪتابن 'شاهہ' (۱۹۵۱) 'سامي' (۱۹۵۳) ۽ 'سچل' (۱۹۵۴) جو بنياد سمجهڻ ڪپن. اِهو برابر آهي جئن ڪلياڻ پاڻ به نئين دنيا (جنوري ۱۹۶۳) ۽ يادگيرين ۾ لکيو تہ 'شاهہ' (۱۹۵۱) ڪتاب ۾ 'شاهہ جي وطن دوستي' اُتہ، پروفيسر وشن جڳتياڻي ۽ گيهيمل جي ناهيل پروگريسو گروپ (حيدرآباد) ۾ پڙهيو هو.

مون خود به پاڻ وٽ رکيل ۵۰-۵۵ سالن وارا 'لطيف پاري' جا پرچا ڏٺا آهن، جن ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جو شاهہ جي رسالي بابت لکيل ليکن هينان نوٽ آهي 'ليکڪ جا حق واسطا قائم ۽ اڻڇپيل ڪتاب 'شاهہ' تان - ملڪاڻي صاحب جو ڏنل مٿيون حوالو به مڪمل

ڪونهي، ڪافي گهٽايل آهي تہ بہ تمام اَهميت وارو آهي ڇو جو اِهو منهنجو مٿي چوڻ کي ثابت ٿو ڪري تہ ۱۹۴۲ ۾ ڪلياڻ آڏاوٽي جو حيدرآباد نئشنل ڪاليج ۾ پروفيسر ٿيڻ سان شاهہ لطيف بابت هنجون سرگرميون ۽ ليکن لکڻ جو سلسلو تيز ٿي ويو ۽ اِهو جيون هن توڙي سنڌي جاتي لاءِ هڪ اَهم ترين ڪارنامو هو.

انهن ليکن مان ئي پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جو پارت ۾ لڏي اَچڻ تي پهريون ئي تنقيدي ڪتاب 'شاهہ' ۱۹۵۱ ۾ شايع ٿيو، جيڪو اَڄ تائين يگانو آهي جو اُهو ورهاڱي بعد پارت ۾ ڇپيل عملي تنقيد جو پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڪافي مواد نئون آهي جو سنڌ ۾ ڇپيل ڊاڪٽر گربخشاڻي جي مقدمہ لطيفي ۾ بہ ڪونهي. ڪلياڻ جي ڪتاب ۾ مقدمہ لطيفي کان ڏيڍوڻا صفحا آهن ۽ ڪي باب نرالا آهن جئن (۱) شاهہ جي ناٽڪي طرز (۲) شاهہ جا سورما شاهہ جو عاشقاڻو شعر (۴) شاهہ جون سورميون (۳۵) صفحا جنهن ۾ ڪلياڻ حقيقي عشق جي ڳالهہ نہ ڪئي آهي جئن ٻين ڪئي. ان 'شاهہ' تي ليکيل تنقيدي ڪتاب (۱۹۵۱) سان ڪلياڻ پارت ۾ عملي تنقيد جو باني ٻڌجي ويو.

باب - ٣

پارت ۾ لڏڻ بعد رهائش ۽ روزگار

جئن ئي ١٩٤٧ ۾ آزاديءَ ملڪ سان ديس جو ورهاڱو ٿيو تہ پروفيسر ڪليانڻ ١٩٤٨ ۾ پنهنجي پتني ۽ ٻن ڏيئرن ۽ هڪ پٽ (ٻارن) سان بمبئيءَ ۾ لڏي آيو. اُن وقت رهڻ لاءِ جڳهہ ۽ روزگار لاءِ جيڪي ڪشت ڪشالا ڏسڻا پيس سي اَڄ ورهاڱي جو درد طور ياد ڪندي نئين دنيا (جنوري ١٩٦٣) ۾ يادگيرين ۾ لکيائين، ''لڏڻ کان اڳي هيراباد (حيدرآباد) ۾ هر هفتي مون وٽ ٻہ سُرندي وارا ايندا هئا. ٻئي منهنجو روح ريجهائي، دعائون ڪنداويندا هئا. پڇاڙيءَ جو ڪائن موڪلائيندي، اکين ۾ آب تري آيم. جيڪي هنن چيو سو اَڄا تائين دل تي اُڪريل اَٿم. پيرسن فقير فرمايو تہ 'ديوان تون هتي وينو بادشاهيون ڪر. وڃين ڪيڏانهن ٿو؟ تون ڪنهن کان ڏنو آهين؟ هنن مسڪينن کان ٿو ڏڃين، جي ڪمند جون لنيون ۽ مُوريءَ جا پن ڪنيو پيا گهمن! اي سائين، تون وينو گورنري ڪماءِ؟' مون سمجهائي چيومانس تہ دوستن ۽ قريبن کانسواءِ ڪنهن لاءِ ڪٽي ٻہ رهڻ دشوار آهي؟

''نوجوان سُرندي واري ٻہ وڃڻ وقت ڏاڍيون دعائون ڪيون ۽ چيائين تہ 'هاءِ هاءِ منهنجا سائين! هندو اسان کي ڏاڍا پيارا آهيو، پر جيڪا رضا ڪريم جي. شل هميشہ خوش هوندين، آباد هوندين.' انهن فقيرن جي معصوميت ۽ موسيقي فن مونکان خواب ۾ ٻہ نہ ٽا وسرن.''

پروفيسر اَهڙيون ٻيون يادگريون جيڪي اَڄ ورهاڱي جو درد ٿي دل ۾ چين ٿيون، سي هندواسي جي پهرين مي ١٩٨٨ جي پرچي ۾ لکندي چويٿو، ''افسوس جو سنڌ ڇڏڻ کان پوءِ سنڌي قوم جون ڪيتريون ئي نامور هستيون اسان کي هميشہ لاءِ الوداع ڪري ويئون آهن، ڇو تہ اُهي هينئر اُتي وڃي رسيون آهن، جتان، جڳن

جا جڳهه ٿيا، تهان نه موٽيو ڪو. هنن بابت بي بها خط ۽ مثال ان لاءِ ٿو ڏيان جئن اسانجي ادبي تاريخ جو هڪ اَهم حصو هميشه لاءِ غائب نه ٿي وڃي ۽ هنن جا مثال اسان لاءِ روشن منار ٿي رهن.''

هو وڌيڪ لکي ٿو، ''حيدرآباد ڪاليج ۾ مونکي پروفيسر چينمل پرسرام صاحب جي جاءِ تي مقرر ڪيو ويو هو. ساڻس منهنجو قرب جو رستو هو. افسوس جو مون وٽ سندس ڪوبه خط موجود ناهي. پر سندس زبان مبارڪ مان جيڪا منهنجي همت افزائي ٿيندي هئي سا دل جي دفتر تي اُڪريل آهي. منهنجي ساڻس پهچاڙيءَ جي ملاقات هاسانند راڻي جي گهر بمبئي ۾ ٿي هئي. هو بيماريءَ جي بستري تي هو. منهن زرد هوس ۽ جسم بي زور. انهيءَ هوندي به مونکي ڏسي هڪدم اُٿيو ۽ آجيان ڪيائين. پر بروقت ليٽي پيو ۽ چيائين ته هتي ته سنڌين لاءِ ڪابه همدردي ڪانه ٿو ڏسان. انهيءَ بي رخيءَ ته مونکي باقي به درد رسايو آهي. ٿورن ڏينهن کان پوءِ بستري کي ترڪ ڪري وڃي هڪ ميڙ ۾ شامل ٿيو ۽ هڪ پُرجوش تقرير ڪري ٿورن ڏينهن کان پوءِ جلدئي گهر ۾ هميشه لاءِ خاموش ٿي ويو. ملاقات ۾ مون کان پڇيائين ته ڪٿي نوڪري ۾ لڳو آهين يا نه؟ جڏهن ٻڌايومانس ته جئه هند ڪاليج ۾ پرنسيپال ٿي.ايم. آڏواڻي صاحب جي عنايت سان مقرر ٿيو آهيان، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو. چيائين، شاباس آهي ٽلومل (ٿي.ايم.آڏواڻي) کي جو ڪاليج کولي توکي پنهنجي سايي ۾ رکيائين نه ته ڪٿي رلين ها؟ اِهي لفظ اَهڙي سچائي ۽ سوز سان چيائين جو اکين ۾ آب آڻي ڇڏيائين.

ڪلياڻ لکي ٿو، ''پهرين ته اسان کي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اَچي پناهه ونڊي پيئي. ايلفنسٽن ڪاليج ۾ ئي اسان جو ڪاليج سويل صبح جو ۷ بجي شروع ٿيندو هو. انهيءَ ڪري ڪولابا ۾ هڪ سنڌي هوٽل 'SC' ۾ مان، چيتن ماڙيوالا ۽ ايم.يو. ملڪاڻي اَچي رهياسين. هوٽل جي نالي جي معنيٰ شاهه جي رسالي تيار ڪرڻ کان پوءِ به سمجهي نه سگهيو آهيان، پر اُها هئي هڪ دوست آڏواڻي جي جنهن

جون نوازشون وسڻ جون ناهن. اُنهن ڏينهن ۾ سستائي به اَهڙي هئي جو هينئر سمجهجي ٿو ته جڻ اُهو زمانو هڪ خوابي دنيا جو هو. هوٽل ۾ رهڻ ۽ کائڻ لاءِ مڙيئي ڇهه رپيا ڏيڻا پوندا هئا! انهيءَ رقم مان اَڄ (۱۹۸۸ ۾) هڪ ڏزن ڪيلا نه ٿا ملن ۽ اُها ڏيڻ سان روزانو فٽ پاٽ تي ڪنهن ڇنل ڪٽ تي به جيڪر ڪنهن مسڪين کي وهڻ لاءِ جاءِ به نه ملي! سال کان پوءِ مان سيان سنڌي ڪالوني ۾ وڃي مسواڙ تي ٻارن سوڌو رهيس. انهيءَ جاءِ ۾ ئي، منهنجي غير حاضري ۾ پيرومل مهرچند صاحب اسان وٽان ٽي ويو. افسوس جو مان ڪيس وري گڏجي نه سگهيس ڇو ته هو صاحب پوني هليو ويو ۽ ٿوري وقت کان پوءِ وڃي سائينءَ جي دربار ۾ پهتو. پوني مان مونکي کي خط لکيائين جن مان سندس شخصيت آئيني مثل عيان آهي. هو صاحب منهنجي پتا جو سڳو سوت هو ۽ اسانجي خاندان جو هڪ مربي هو. اسانجي خاندان جو چَٽ ماستر سچانند صاحب هو، جو سنڌ ۾ ئي وفات ڪري ويو. سندس هڪ پٽ مون سان گڏ هوٽل ۾ رهيل هو ۽ ٻيو پٽ ۽ ڏيءَ (ديوي) سيان ۾ منهنجي ويجهو رهندا هئا.

''پيرومل صاحب پهرئين خط ۾ لکيو ته پگونت جي اَهڙي جوڙ جُڙي آهي جو کو کيڏانهن ته کو کيڏانهن هليو ويو آهي، جنهن ڪري سڀ هڪٻئي کان وڇڙي وياسين. مون پنهنجي ڪتاب 'سنڌ جي هندن جي تاريخ' جو ٻيو پاڻو ڪراچيءَ ۾ ڇپايو. ڪتاب ڇپيو پئي ته لڏپلاڻ ٿي. توکي جئه هند ڪاليج لئبرري لاءِ ڪتاب جو پهريون ۽ ٻيو پاڻو ڪپي ته متئين ائڊريس تي لکج ته وي.پي.پي. ڪري موڪليان۽. پهرئين پاڻي جي قيمت سوا ٽي رپيا ۽ ٻئي جي ۵ رپيا اٺ آنا آهي. پنهنجي ماڻُ پيءُ کي منهنجو گهڻو پيڃ. اهڙن بي بها ڪتابن جو ملهه به ڏسو ۽ ڪن هاڻوڪن بي سود ڪتابن جو اڳهه به جاچيو. 'اڳهيو ڪايو ڪچ، ماڻڪن موت ٽئي' ڪهڙي زماني ۾ هتي آياسين ۽ ڪهڙو وقت هينئر ڏسون وينا؟

''..... پيرومل لکيو هو ته سندس ڪراچيءَ جي بنگلي جي

۵۵ هزار رپيا آڇ ٿي هئي پر سرڪار بندش وڃهي بنگلي کي ڇڏيل ملڪيت ظاهر ڪيو ۽ ڪيس گذران جو وسيلو صرف منوسؤ رپيا پينشن هئي. ملڪيت هوندي به ڪيس تنگيءَ جا ڏينهن ڏسڻا پيا هئا... اِهو سڀ خطن ۾ لکيو هئائين. مان هڪ دفعي ڪيس کراچي واري بنگلي ۾ گڏجڻ ويو هوس. هو ان وقت به لکڻ ۾ مشغول هو. افسوس جو ڇينمل ۽ لالچند به مکروميءَ ۾ ئي رمي رهيا. هينئر مٿن سيمينار پيا ٿين جي هزارين رپيا کائي ٿا وڃن! جيڪا رقم هڪ ئي سيمينار تي هينئر خرچ ٿي ٿئي، اُنهن صاحبن کي اُنهيءَ سمي ۾ سائو ڪري ڇڏي ها. سنڌ ۾ هاڻي اُنهن صاحبن کي شان مان سان ياد ڪيو پيو وڃي ۽ سندن ڪتاب شايع ڪيا پيا وڃن، پر پيرومل صاحب کي سندس عاليشان بنگلي مان پڇاڙي ۾ مسواڙ به وصول نه ٿي! نه اُهو وڪاڻو ۽ نه ڪا اُپت ٿي. بمبئيءَ ۾ هو ٿي مهنا رهي وڃي پونو وسايو.. هو صاحب ڪيترو نه اپياسي ۽ قدردان هو.''

پروفيسر ڪلياڻ جي مٿين يادگيرين مان اِهو محسوس ڪرڻ ڏکيو ڪونهي ته ڪيئن نه هنکي ۽ ٻين خاص ڪري ڇينمل، پيرومل ۽ لالچند جهڙن بزرگ ساهتڪارن، جن پنهنجو سرونس لٽائي سنڌي بولي، ساهت ۽ سنسڪرتي (سنڌيت) کي نه فقط زنده رکيو پر خاص اوج ڏني. تن کي هٿي پاڻکي ۽ پنهنجي ڪتب کي مٿو لکائڻ لاءِ پورو اَجهو نه مليو ۽ روزگار لاءِ به سخت ڪشمڪش ڪرڻي پيئي ۽ آخر ۾ ڪو ڏڻي سائين نه هٿ ڪري، مڪاني ماڻهن جي بي رخيءَ ڳٽيون ڏيئي بيمارين ۾ مبتلا ڪري اَنت آندو. هو پنهنجو حال ٻڌائي چوٿو ته ڪيئن پهرين ڪلياڻ ڪئمپ، پوءِ هوٽل ۾ سڄو سال رهيو ۽ پوءِ سيان ڪالوني ۾، پوءِ ڪنگ سرڪل تي مسواڙ تي رهيو.

اَڄ هنن جي پنيان واڳهوءَ وارا ڪوڙا ڳوڙها ڳاڙڻ لاءِ هنن تي سيمينار ڪوائي هزارين رپيا خرچ ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن هنجي زنده هوندي ڪين هڪ سيمينار تي ٽيندڙ خرچ جي رقم ڏني وڃي ها ته هنجي پيري ڪيڏي نه سکي گذري ها!

پروفيسر اَهڙي قسم جي ڏيکاءَ ۽ پاکنڊ جي خوب اوگهڙ ڪئي آهي جئن هندواسي (١١ اَپريل ١٩٩٣) ۾ لکيل ليکڪ مان ظاهر آهي. هو لکي ٿو تہ 'ادبي مجلسن ۽ محفلن ۾ وڃبو آهي تہ ڪي وڏا ماڻهو خلق کي ڏيکارڻ لاءِ هٿ پيا جوڙيندا آهن ۽ هڪ ٻئي جي پيرن تي ڪري پيا سجدا ڪندا آهن. هڪ سالڪ چيو آهي تہ جيڪي عام کي ڏيکارڻ لاءِ نياز اَختيار ڪن سي سچ پچ تہ تڪبر يعني هن جو پاڻ وجهندڙ آهن. اُهي ماڻهن جي اکين ۾ خاڪ وجهڻ لاءِ خاڪساري (نمرتا) اختيار ڪندا آهن، مسڪين طبع شاعر ضيا سچ چيو آهي :

'ڏيکاءُ آهي ڏيهہ ۾ اڪثر الائي ڇو!
گرهہ جو ڏئي فريب ٿو پٿر الائي ڇو؟
ٿي ڪم پوي پياس نہ پوري ڪڏهن بہ ٿي
قسمت جو مُنهنجي پيو ٽٽي ساگر الائي ڇو؟
اکڙيون گهٽو اشڪ پکيڙين ٿيون ضيا،
موتين جو ملهہ نہ ٿو ٿئي ڪنهن پر الائي ڇو!
اِها آهي شاعر جي دل جي سوزناڪ صدا،
۽ زماني جي حال ۾ افسوسناڪ فضا.'

هندواسي جي ١ مي ١٩٨٨ جي ليکڪ ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي بزرگن جي ڪيس لکيل خطن مان هڪ خط پروفيسر ايم.يو.ملڪاڻي جو بہ ڏنو آهي، جيڪو هن سان گڏ جئہ هند ڪاليج ۾ بہ پروفيسر هو. اُن لاءِ ڪلياڻ لکي ٿو تہ ان خط ۾ پروفيسر ملڪاڻي جي سهڻي سياءَ ۽ ادبي ڄاڻ جو ذڪر ٿو ڪريان. هڪ مثال ٿو ڏيان :

'دوست پيارا ڪلياڻ، تنهنجو صداقت پريو خط مون لاءِ هڪ بي‌بها تحفو ٿي پيو آهي، جو سدا سڪ سان سانڍيندس، جيسين جيءَ ۾ جان آهي، جو پوين لاءِ ادبي ورثي طور ڇڏي ويندس. تنهنجو شاہ تي ڇپيل ڪتاب انگريزي مان هندي ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي گجراتي ۾ انواد ٿيو آهي، جنهن سان نہ صرف 'شاهہ' کي

پارت ۾ شهرت ڏني اٿيئي، پر سنڌي ساهت جو ڪنڊ پڻ اوچو ڪيو اَٿيئي، بلڪ سنڌي جاتيءَ جو ٻہ! ان لاءِ لکہ لکہ واڌايون. سورلي جي ترجمن مان توکي روحانيت جو لطف حاصل نہ ٿيو تہ ايلسا قاضي (Elsa Kazi) جي ترجمن ۾ اُهو سوز ڏسڻ ۾ آيو يا نہ؟ مونکي منجهن شاهہ جو روح نظر نٿو اچي.'

'....هن صاحب (ملکاڻيءَ) شاهہ جا ڪي بيت ٻہ ترجمو ڪيا هئا، جنهن لاءِ فرمايائين تہ تنهنجي فتويٰ اختياري واري سمجهندس. انهيءَ مان ثابت آهي تہ هو صاحب ڪئن پچاڙي تائين ادبي سرهاڻ جي جستجو ۾ رهيو ۽ ڪهڙي نڙت سان پين اڳيان پيش ايندو هو.'

پروفيسر ملکاڻيءَ جي متئين خط مان اهو ٻہ پڌرو آهي تہ ڪلياڻ آڏواڻي پارت ۾ رهائش ۽ روزگار جي تڪليفن کي منهن ڏيندي ٻہ ڪئن اسانجي سرمور ڪلاسيڪل شاعر شاهہ عبداللطيف تي پهرين پهرين تنقيدي ڪتاب 'شاهہ' (۱۹۵۱) لکيو ۽ اُنکي انگريزي هندي ۽ گجراتي ۾ ٻہ ترجمو ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي جنهن سنڌي ساهت ۽ جاتيءَ جو ڳاڻ اوچو ڪيو آهي. پروفيسر ملکاڻيءَ جو شاهہ جي ترجمن لاءِ ڪلياڻ کان صلاح وٺڻ اِهو ٻہ ڏيکاري ٿو تہ هو هن کي شاهہ تي چڱ اختياري ٿو سمجهي. اِهو برابر صحيح ٻہ لڳي ٿو ڇو تہ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي ورهاڱي بعد پارت ۾ لڏي اچڻ تي ئي يڪدم بمبئيءَ ۾ پهريون پهريون ڪتاب شاهہ عبداللطيف جي جيوني ۽ شاعري تي لکيو ۱۹۵۱ ۾ .اُن ۾ هن جيکا پرک ڪئي آهي سان ٻين جي ڪيل پرک کان نرالي آهي ۽ نئين روشني بخشيندڙ پڻ آهي.

باب -۴

شاھ، سچل، سامي ۽ جو پارکو

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي بمبئيءَ ۾ لڏي اَچڻ تي ھڪبئي پنيان جيڪي تي تنقيدي ڪتاب لکيا سي آھن: شاھ (۱۹۵۱) سامي (۱۹۵۳) ۽ سچل (۱۹۵۴). ورھاڱي بعد پارت ۾ ڇپيل عملي تنقيد جا اِھي پھريان ڪتاب آھن، انڪري پروفيسر ڪلياڻ پارت ۾ عملي تنقيد جو باني سڏي سگھجي ٿو.

اسانجي ڪلاسيڪل ڪوين جي ٽمورتي شاھ، سچل ۽ سامي تي ورھاڱي کان اڳ جيتوڻيڪ ڪلياڻ آڏواڻي جي ڪتابن جھڙا تنقيدي ڪتاب ڇپيا نہ ھئا تہ بہ ٿوري گھڻي تنقيد ڇپي ھئي، جنھنجا ۵۰ سالن ۾ اڌ درجن ڪتاب مس آھن، جيڪي ڪلياڻ جي ڪتاب جا اڌ جيڏا ٿيندا. اُنھن مان سواءِ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي مقدمہ لطيفي (۱۹۳۶) جي اوائلي تشريحي تنقيد وارا آھن، جن ۾ ڪلياڻ آڏواڻي جي ڪتابن وانگر شاعرن جي شعر جي موضوع، عبارت، بولي، خيالن ۽ فن جي سلسليوار مڪمل تنقيد ڪانھي، پر سمجھاڻي ۽ ساراھ آھي. اُن جا ليکڪ آھن مرزاقليچ بيگ، لالچند اَمرڈنومل، ڇينمل پرسرام، پيرومل مھرچند، ديوان ڪوڙومل چندنمل ۽ ديارام گدومل.

ڊاڪٽر گربخشاڻي جو ڪتاب 'مقدمہ لطيفي' شاھ عبداللطيف جي رسالي جو ديباچو آھي، جنھن جا رڳو تي پاڳا شايع ٿيا پر چوٽون پاڳو نہ نڪتو. رڳو اِھو ڪتاب ئي ڪلياڻ آڏواڻي جي 'شاھ' سان بر ميڇڻ جھڙو آھي، جيتوڻيڪ 'شاھ' ۾ مقدمہ لطيفيءَ کان ھڪ سؤ ڪن صفحا وڌيڪ ٿيندا، جن ۾ اڌ مواد بہ نئون آھي، ان ڪري ڪلياڻ جو تنقيدي ڪتاب 'شاھ' اَڄ پنجاھ ڪن سالن بعد بہ يگانو ۽ يادگار ڪتاب آھي.

ڪلياڻ جو ڏنل نئون مواد آھي (۱) شاھ ۾ ناٽڪي طرز جو

باب (۲) شاهہ جا سورما (۳) شاهہ جو مجازي شعر (۴) شاهہ جو عاشقاڻو شعر (۵) شاهہ جي وطن دوستي. هي ته ٽيا (۵) باب. ان کانسواءِ سورمين جو باب ۳۵ صفحن جو آهي. پر گربخشاڻيءَ اُن تي جدا باب نہ ڏيئي ٻئي، باب ۾ سورمين تي رڳو ۸ صفحا ڏنا آهن جنهن ۾ حقيقي عشق جو به ذکر کيو اٿس. پر کلياڻ ان سورمين جي باب ۾ حقيقي (روحاني) عشق جو ذکر نہ کيو آهي. رڳو دنيوي عشق ٻڌايو آٿس، ان کري دل کي جچي ٿو ۽ اثر کري ٿو.

پروفيسر کلياڻ آڏواڻي جو شاهہ جي ناٽکي طرز تي باب هڪ نئين کوج آهي. اُن ۾ هن شيڪسپيئر ۽ يونان جي ناٽکي طرز جو به ذکر کيو آهي. ان کانسواءِ هن عاشقاڻو ۽ مجازي شعر جي بابن ۾ دنيوي عشق جي ڳالهہ کئي ۽ روحاني يا حقيقي عشق واري ڇڪي تاڻي ٻين وانگر ذکر نہ کيو آهي. پروفيسر کلياڻ جي کتاب ۾ (۱۹۵۱) ۾ ناٽکي طرز تي لکيل باب بعد ئي پروفيسر رام پنجواڻيءَ شاهہ جي ستن لوڪ کهاڻين کي ناٽکي روپ ڏنو ۱۹۵۲ ۾ ڇپيل کتاب 'سنڌ جون ست کهاڻيون' ۾. ان کتاب ۾ پروفيسر پنجواڻي مهاڳ طور سنڌي لوڪ ساهت تي هڪ تفصليوار مقالو ڏنو آهي، جيکو ان وشيہ تي اُن وقت پهريون مقالو هو.

جئن ته پروفيسر پنجواڻي ۽ کلياڻ آڏواڻي اُن وقت جئہ هند کاليج (بمبئي) ۾ گڏ پاڙهيندا هئا، انکري پنجواڻيءَ تي کلياڻ جي ليکہ 'شاهہ ۾ ناٽکي طرز' جو ضرور اَثر ٿيو هوندو ڇو ته پروفيسر رام پنجواڻيءَ ۱۹۵۰ ۾ 'سنڌي کلام' نالي درسي کتاب کڍيو جنهن ۾ شاهہ، سچل، سامي، دلپت، روحل، بيدل بيکس ۽ ٻين جو کلام ڏنل آهي، اُن لاءِ مهاڳ پروفيسر کلياڻ آڏواڻيءَ کان لکايو آٿس.

اُن مهاڳ ۾ کلياڻ خاص طور شاهہ لطيف جي کلام ۾ سنڌيت جي جذبي جو ذکر کندي لکيو آهي ته، 'هن کانوَ کي

قاصد بڻايو آهي، گلگون، شراب ۽ ساقيءَ کي وساري ڪلاڙ ۽ ڪکوه تي ساهه ٿو چڏي. هن لاءِ خضر جو آب حيات 'مهيسر جي منڊ' ۾ آهي.. شاهه ۾ کڻڻ نه اصليت ۽ سادگي ۽ کڻو نه منجهس جادو آهي.' هو وڏيڪ لکي ٿو 'قديم سنڌي شاعرن جو ڪلام سنگيت وديا موجب چيل آهي. اُهو ڪو راڳ يا راڳڻي ناهي، جنهن سنڌي ڪلام ۾ جاءِ نه ورتي هجي. شاهه سماع تي مست هو. ساهه به راڳ ٻڌندي چڏيائين، راءِ ڏياڻ شاهه پاڻ آهي. سر سورٺ ۾ شاهه چنگ کي عرشين چاڙهيو آهي.'

مان سمجهان ٿو ته 'شاهه' تي ۱۹۵۱ ۾ ڪتاب ڇپائڻ کان اڳ هتي سندس شاهه لطيف جي ذڪر وارو پهريون ليکه پروفيسر پنجواڻيءَ جي ڪتاب (۱۹۵۰) ۾ لکيل مهاڳ آهي.

جهڙيءَ طرح شاهه تي لکيل پهرئين ڪتاب ۾ پروفيسر ڪلياڻ ورهاڳي بعد پارت ۾ نئين روشني وڏي آهي، اَهڙي ئي نئين روشني هن 'سامي' (۱۹۵۳) ۽ سچل (۱۹۵۴) تي لکيل تنقيدي ڪتابن ۾ به وڏي آهي.

'سامي' ڪتاب جو ديباچو لکندڙ پروفيسر چيتن ماڙيوالا لکي ٿو، 'هن کان اڳ 'سامي جا سلوڪ' اِنتخابن جي صورت ۾ ظاهر ٿيا آهن ۽ سامي صاحب جو ذڪر مختصر مهاڳن ۽ مضمونن تائين محدود ٿي رهيو آهي. منهنجي دوست ڪلياڻ آڏواڻي جو ڪتاب سامي صاحب جي جيون ۽ ڪوتا جو، سنڌي ساهت ۾ پهريون ئي دفعو، وسيع پيماني تي وستار ٿو ڪري.'

ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته پروفيسر چيتن ماڙيوالا جيڪو ڪلياڻ جي ڪتاب 'سامي' جي اَهميت ۽ نرالپت لاءِ لکيو آهي سو سؤ سيڪڙو سچ آهي. پروفيسر ڪلياڻ 'سامي' ۾ پهريون دفعو سماجڪ ۽ اتهاسڪ پس منظر ۾ پرک ڪئي آهي ۽ لکيو آهي ته 'سامي سنسڪرت ۾ ويدن شاسترن جو اپياسي هوندي به پنهنجو سڄو ڪلام سنڌي بولي ۾ لکيو.. ڪلياڻ پهريون دفعو سامي تي

سماجي تنقيد لکي آهي. هنجي بولي، عبارت، تشبيهن، شاهہ سان پيٽ، پارسي بولي جو استعمال، ناصحاڻو ۽ عاشقاڻو شعر پڙهي محسوس ڪجي ٿو تہ سامي آتمڪ ڳالهين سان گڏ دنيوي سنڌي جيوت جي جهلڪ بہ پسائي آهي. خاص ڪري 'عاشقاڻو شعر' ۽ پاکنڊ جي وروڌي ڪلاہ تي نئين روشني وڌي آتس.

ڪلياڻ چويٽو تہ 'سامي اُنهن عاشقن مان آهي جنهنکي 'عجيبن جي عجيب سان لنوَ لڳل آهي سڪيت جي سيج ماڻڻ کان اڳہ پاڻکي بيحد جلايو ۽ پچايو اتس وصل لاءِ لڇيو آهي ۽ سيني ۾ سڪ جا اونها سل سنا آتس. سامي چويٽو: پل پل ڪن پڪار ڪُنا ورد فراق جا-پسڻ ڪارڻ پرين جي رئن زارون زار- سامي چئي سرير جي رکن ڪانہ سنپار- آءٌ مل جاني يار، نہ تہ ڏيون ٽا دہ درد ۾ هن ۾ سامیءَ درد جي فراق ۾ قتيل عاشقن جي حالت بخوبي بيان ڪئي آهي.

ڪلياڻ ٻئي هنڌ لکي ٿو، قوڙائي جا قتيل عاشق، سڪ سچيءَ جا قت اندر ۾ سانديِ، وصل لاءِ پيا قتڪن ۽ هر ڪنهن کان وٽن درسن جي دعا پنندا. سامي بہ انهيءَ حالت مان گذريو آهي:

'عاشق اڏ مڻا، سدا تڙڦن تن ۾،
جنکي سڪ سچيءَ جا اَهڙا قت هڻا،
درسن جي دعا، سامي گهرن سپ کان'

ڪلياڻ وڌيڪ لکي ٿو تہ سامي عاشقيءَ جو هيءُ آدرش ٿو پيش ڪري : سچو عاشق اهو آهي جو هردم سوريءَ جي سواريءَ لاءِ تيار آهي، هو شهادت جو اَهڙو ڪوڏيو آهي جو پنهنجي ڪل پنهنجي هٿن سان لاهي محبوب اڳيان پيٽ ٿو ڏري.

'عاشق سي چئجن، جي سوري سهن سِرَ تي،
پنهنجي هٿين پنهنجي، لاهي کل ڏين.'

ڪلياڻ جو سامیءَ جي عاشقاڻي شعر تي سچو باب آهي، جيڪو هن کان اڳي ڪنهن بہ نقاد نہ ڏنو آهي.

پاکنڊ جي وروڌي سامي لاءِ ڪلياڻ لکيٽو 'سامیءَ کي پاکنڊ

لاءِ سخت نفرت هئي. ڪپڻي پنڌتن ۽ فريبي ملن کي سچل وانگر بي خوف ٿي چليو آٿس. ورور ڪري ويدن جي وادين جي ڪوڙي روش کان اسانکي آگاهه ڪيو اٿس :-

'ويدن جا وادي اسين آهيون ڪينکي،
نکي جاڻون چت ۾، ڪا اَٽڪل اُستادي،
نکي قاضي، نکي مُلا، معلم پير بڻياسين،
نکي ناهه نگي جا ناهي، رنگ رساءِ رکياسين،
'پنن منجهه پيهي، تو حرف نه لڏو هيڪڙو
توکي ڪل ڪيئي قاضي ڪتابن جي؟'

پروفيسر ڪلياڻ جو 'سامي' تي هن تنقيدي ڪتاب جهڙو پيو ڪتاب پارت ۾ ۵۰ ڪن سالن ۾ توڙي ورهاڳي کان اڳ جي ۵۰ سالن ۾ به نه نڪتو آهي.

ڪلياڻ جو شاهه ۽ سامي وانگر سچل جو تنقيدي ڪتاب (۱۹۵۴) پڻ پهرين سلسليوار ڪيل نئين پرڪ جو ڪتاب آهي جو هنجي ڪلام ۾ سمايل بن صوفي شهيدن منصور ۽ عطار جو باغي آواز به بانگ سڻائي ٿو. ڪلياڻ مهاڳ ۾ ئي لکي ٿو، ''سچل صاحب هڪ اعليٰ درجي جو عارف ۽ حيرت انگيز شاعر آهي. سندس ڪلام ۾ منصوري خمار آهي. جوش، جذبي، موج مستي ۾ هو صاحب پنهنجو ثاني پاڻ آهي. اَهڙن ڪاملن جو ڪلام دل ۾ هروقت عجيب انقلاب آڻيو ڇڏي.''

اصل ڪتاب جي پهرئين باب جي مٿان ئي سچل جي باغي ڪلام جي ست ڏني اٿس 'ديس سچل جو درس درازن، مڪي نا ملتان، يعني ته هن مڪي کان وڌيڪ اَهميت پنهنجي جنم آستان ۽ وطن کي ڏني آهي..... هن ايران جي مشهور شاعر عطار کي خدا ڪري سڏيو آهي.

ٻئي باب 'صورت، سيرت ۽ مذهب' مٿان وري منصور لاءِ چيل بيت ڏنو اَٿس 'نج گلابي گل، مر ماريني منصور جان.' ڪلياڻ

ان باب ۾ لکيتو ته سچل کشف ۽ کرامت جي خلاف هو. اُنهن کي سخت لفظن ۾ نندیو آتس. هن لاءِ درد ئي هڪ عجيب معجون هو :

'دل سان دلبر درد قبوليم
کشف قبور کرامت کين'

'شاهه وانگر سچل به پيري مريدي کي هڪ خراب مرض سمجهندو هو. سندس هدايت آهي :

'پير مريد نه ٿي تون هرگز، ماڻج موج مستاني،
مخدومي ۽ شيخي پيري، خام ڇڏي ڏي خاني،
پتَ دعا پاراتي واري ناهي راهه رَباني.'

ڪلياڻ اڳتي لکي ٿو : سچل جو مذهب 'الاهي عشق' هو، جنهن ۾ سڀ مذهبي اختلاف گم ٿيو وڃن. هو صاحب شريعت جي پابندين کان مٿي هو ... سچل جو مذهب تسبيح ۽ طاعت، مسجد ۽ مندر وارو نه هو.. پر ڪٿي ڪٿي سچل جا سخن آهڙا آهن جو شريعت وارن کي ڏکوئين ٿا جي شايد سندَ جي صوفياني فضا کان باهر، شاعر کي منصور وانگر کُهائين ها، جئن هينين سخنن ۾ چويتو :

علم مونکي کين کيو، مورون مسلمان،
نکي آحمد موکليو، کو عرب کان ايمان،
سچو سو سبحان، پر آدمين ليکي آدمي.
... جان جان طالب مسجد مندر،
کين کرين ويرانا،
تان تان راهه قلندر واري کين ملي مستانا.

پروفيسر ڪلياڻ اڳتي لکي ٿو ته سچل پنهنجي ڪلام ۾ منصور جي بيحد اُستتي ڪئي آهي جئن هينين غزل ۾ پنهنجي عقيدتمنديءَ جو اظهار ڪندي ڏيکاريو آتس ته ايشور پاڻ ئي منصور جي پردي ۾ 'اناالحق' ٿي چيو پر شريعت وارن اُنکي غلطفهمي وچان شرڪ سمجهيو :

حق اناالحق ڻي چيو پر منجھہ نظر منصور ھو.
منجھہ شرع شرڪت چون، منجھہ معرفت منظور ھو،
سر ۾ توحيد جي، ڪيئي سال ملھ مستور ھو،
پوءِ سچو ڪنھن ڏينھن نيون، تنھين ڇھڻي چڪچور ھو.

پروفيسر ڪلياڻ اڃا ب اڳتي ھلي 'سچل آمن ءِ آزادي جو اَميرَ' جي باب ۾ جيڪي ويچار ڏنا آھن سي ھنڪي پکو ترقي پسند نقاد ثابت ڏا ڪن. ھو لکي ٿو 'سچل ھڪ اَھڙو شاعر ڻي گذريو آھي جنھن ھر قسم جي جھوني روايت ۽ رسم خلاف آواز اُڏاريو آھي. سچو مذھب آھي دل جي صفائي ۽ خلق جي خدمت... سچل ھڪ عجيب جريت جو مالڪ ھو. چويٽو :

'ڪلمو پڙھان تہ ڪافر ٿيان، ڳھران نہ اِنھيءَ ڳھيڙ،
جاڏي راھہ رسول جي، تاڏي پايان نہ پير،
نہ من مان ڪيان نہ ميرَ، تہ حضوري حاصل ئي نہ ٿئي.
'.... مذھبن ملڪ ۾، ماڻھو مَنجھايا،'
سچل اڳئي چتاءُ ڪري ويو آھي:
'وقت اِھا ڻي ويل، دوئي، دُور ڪرڻ جي،
ڪڍ مذاھب من مان، ساجھر ساڻ سويل،
ھندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
مٿان ٿئي اويل، اولھہ سچ نہ اُلھي
اولھہ سچ نہ اُلھي، مٿان ٿئي اوير
ميڙي ويندءِ مغربي، تاريڪيءَ ۾ ٽير
چڏي ويندءِ چپرين، ڏونڏن سندا ڏير
مرد ڏين ڏا مام ۾ ، ماڻيڪي مٽير
وَجھہ اَڻي وِڇُھہ پاڻ ۾ ھيڪڙائي جي ھير
ناسُڊي ۽ ناخير نِپٽ پوءِ نابود ڪر.'

پروفيسر ڪلياڻ آخر ۾ لکي ٿو ''سچل جي نظر ۾ ڪنھنجو ب ڀانھو ڻي ھلڻ ھڪ عظيم گناھہ آھي. سندس خيال موجب نہ رڳو

پيري ۽ مخدومي ۽ کان ڪنارو ڪرڻ ڪپي پر خاني ۽ اَميري ۽ کان بہ. هن صاحب جي تصور ۾ هڪ اَهڙي غير فرقيوار (غير طبقي وار) سماج هئي، جنهنکي هينئر (Classless Society) چيو ٿو وڃي، جنهن ۾ ڪوبہ ذات پات، رنگ ۽ مذهب جو ڀيد رهڻو نہ آهي. هو صاحب بلند آواز ۾ چويٽو تہ، فرقن کي ٽوڙي، رواجن ۽ رسمن کي پڄي ڌاهي ڇڏيو تہ هن زمين تي هڪ بينظير ۽ جيئرو جاڳندو فردوس (سرڳ) ڏسو. ٻانهپ مان خير ڪونهي. انسان کي ڪنهن بہ پير يا مهنت توڙي رسم رواج جي ٻانهپ ۾ رهڻ روا ناهي. مطلب تہ سچل هڪ لاأُبالي ۽ بي‌خوف شاعر هو، جنهن قدامت جو خاتمو آڻڻ ۽ نئون يگ پيدا ڪرڻ ٿي چاهيو :

'ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو،
وهم سچل کي ٻانهپ وارو، شملوٻڌ شهانو،

هن نموني جي پرک سچل تي ڪلياڻ کان اڳي ٻئي ڪنهن نہ ڪئي هئي.

پروفيسر ڪلياڻ جي انهن ٽن تنقيدي ڪتابن جي هند سنڌ ۾ خوب آجيان ٿي هئي. هتي ٻن برک ساهتڪارن جا رايا ڏجن ٿا. پروفيسرمنگهارام ملڪاڻي هندواسي جي جون-جولاءِ ۱۹۵۵ پرچن ۾ سنڌي نثر جي ترقي نالي ليکہ ۾ لکيو آهي، 'هندستان ۾ سنڌي شعر جي ڪوجنا جي صاحب ڪلياڻ آڏواڻي قديم شعر جي ٿمورتيءَ تي ٽن سالن اندر ٿي مڪمل ڪتاب ڪڍي ورتا آهن، جنجا عنوان آهن : 'شاهہ'، 'سامي' ۽ 'سچل' هنن اَڻاهہ محنت کيل ڪتابن ۾ اُنهن اوائلي نَر شاعرن جو هر پهلوءَ کان اندازو لڳايو ويو آهي. شاهہ صاحب جي ڪلام بابت کي موضوع آهن، جنجو پورو بيان ڊاڪٽر گربخشاڻي جي مقدمہ لطيفي ۾ نہ لڌو ليي. مثلا 'شاهہ جو مجازي شعر، شاهہ جا سورما، تنهن سواءِ 'شاهہ جي ناٽڪي طرز' جنهن ۾ شاهہ صاحب جي تمثيلي شعر ۾ بہ هن صاحب ناٽڪي خوبيون ڳولي ڪڍيون آهن. 'سامي' واري

ڪتاب ۾ خاص باب آهي 'سامي جو عاشقاڻو شعر' جنهن ۾ اُن ويدانتي ڪوءَ ۾ بہ عشق جون جهلڪون ڏيکاريون آٿس. 'سچل، واري ڪتاب جو خاص باب آهي 'سچل اَمن ۽ آزاديءَ جو اَميرَ' جنهن ۾ سندس زماني مطابق سچل جي ترقي پسندي ڏيکاريل آهي. ٽنهي ڪتابن ۾ منصف جي عبارت عالماڻي ۽ فارسيءَ ڏانهن مائل آهي، جو تہ آڏواڻي صاحب فارسيءَ جو پروفيسر آهي. ڪتابن ۾ ايترا تہ حوالا ڏنل آهن جو في الحال اُنهن شاعرن جي ڪلام جو چڱو چوکو خزانو ملي ٿو وڃي ۽ سندن ڪُل ڪلام مطالع ڪرڻ ضروري نہ پيو سمجهجي.''

انهن ٽن ڪتابن تي ٻئي برڪ ليڪ گوبند مالهي نئين دنيا پاران ۱۹۶۲ ۾ نڪتل شاهہ سچل سامي نالي پرچي ۾ سمالوچنا ڪندي لکيو آهي''. .... ساهتڪ ڪيتر ۾ آگرين تي ڳڻڻ جيترا اَپياسي، جاکوڙي ۽ کوجنا ڪندڙ نقاد ٿيا آهن. ان ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي ممتاز حيثيت آهي. البت اسان هن صاحب جي تنقيدي تصنيفن جي ايتري قدرشناسي ڪري نہ سگهيا آهيون، جيتري ڪرڻ گهرجي.

'..... هنجون تنقيدي تصنيفون ٻولي عبارت ۽ رٿا جي لحاظ کان ڪافي رچناتمڪ آهن. ڪلياڻ جي هر تنقيدي تصنيف سندس اپياس جاکوڙ ۽ کوجناتمڪ سياءَ جي ساکہ پريندي آهي، ۽ سندي ساهت ۽ تنقيدي فن ۾ اَموڪ ليکي ويندي آهي. پر شاهہ سامي ۽ سچل تي هڪ ٻئي پنيان تنقيدي ڪتاب لکي هن سندي ساهت ۽ تنقيدي فن تي احسان ڪيو آهي.

'اهي تي ڪتاب قديم سندي شاعرن جي ٽمورتيءَ کي سمجهڻ ۾ صرف واهرئي نٿا ڪن بلڪ سندن جيونيءَ، ماحول ۽ شعر بابت وڌيڪ کوجنا ڪرڻ لاءِ اُتساهت بہ ٿا ڪن. سندي شاعريءَ جي انهن ٽن ٽنين بابت صحيح ۽ مسلسل تنقيد ڪندڙ ڪلياڻ آڏواڻي جي ڪتابن کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي.

'ائین کونھي تہ انھن ٽن بزرگ ھستین جي حیاتي ۽ شعر تي کلیاڻ ئي پھریون دفعو روشني وڌي آھي پر، چاکاڻ تہ اھي ٽي شاعر صدین کان سنڌین جي ڌرمي، سماجي ۽ ادبي کیترن ۾ رھبري کندا رھیا آھن. سندن جیونین ۽ شعر تي گھڻن ئي عالمن ۽ ادیبن ٿورو کي گھڻو لکیو پئي آھي، پر کلیاڻ جیان سلسلیوار ۽ ھیترن پھلن کان چنڊچاڻ اڳہ کنھن بہ نہ کئي آھي. کلیاڻ آڏواڻي جي کتابن جون بہ وڏیون خصوصیتون اِھي آھن جو ھک طرف لیک کانئس اڳہ لکیل مڙیني تنقیدي تصنیفن جو اپیاس کري انھن مان حوالا پیش کیا آھن، بئي طرف شاعرن جي شعر مان حوالا ڏیئي نوان پھلوُ ڏسیا آھن.

'کلیاڻ آڏواڻي جو 'شاھ' ۱۹۵۱ ۾ شایع ٿیو. اُن ۾ پندرھن باب آھن، جن ۾ شاھ جي زندگي، رھڻي کھڻي، مذھب شعر ۽ شاعري، ناٽکي طرز، سورمن ۽ شعر جي قسمن جي عالماڻي ڏنگ ۾ چنڊچاڻ کئي ویئي آھي.

'سڀ باب لیک جي کوجناتمک سیاءَ جي سني ساکہ ڏا یرین. پر 'شعر ۽ شاعري' وارو باب کتاب جو نک آھي. اِھو باب کلیاڻ جي اپیاس' جاڻ ۽ اصلیت جو گواھي ٿو ڏئي. اِھو شاھ جو ئي نہ، سنڌي ساھت جو اڀ وسرندڙ باب آھي. شعر چاکي ٿو چئجي؟ شاعري چا آھي؟ انھن اؤکن سوالن جا جواب سمجھائڻ لاءِ وڏا کتاب لکیا ویا آھن. پر کلیاڻ آڏواڻي گویا ساگر کي گھاگھر ۾ سمایو آھي. ساڳئي باب ۾ شاھ جي تشبیھن ۽ تجنیس خطيءَ تي بہ تحسین جوڳي روشني وڌي اَڻس. شاھ جون تشبیھون وڏي پیماني تي ھرھک سُرمان حوالا ڏیئي الگہ باب ۾ پڻ سمجھایون اَڻائین.

'شاھ جي ناٽکي طرز ڏانھن پھریون دفعو کلیاڻ ئي ڏیان چکایو آھي. شاھ جي شعر کي ناٽکن جي اُصولن تي پرکیو اَڻس ۽ شاھ جي شیکسپیئر سان پیٽ کئي اَڻائین. شاھ جو نمونو ناٽکي نہ آھي، البت اِھو ناٽک لکڻ لاءِ اُتساھت کندڙ ضرور

آهي. شاهہ جي ڳهڻن سرن تي ڪامياب ناٽڪ لکي سگهجن ٿا ۽ اُنهن ۾ شاهہ جا بيت ۽ وايون استعمال ڪري سگهجن ٿيون (اهڙي قسم جي هڪ ڪوشش پروفيسر رام پنجواڻي 'سنڌ جون ست ڪهاڻيون' ۾ ڪئي آهي.

'ڪلياڻ آڏواڻي شاهہ جي سورمن ۽ سورمين کي سمجهائڻ جي ٻہ عمدي ڪوشش ڪئي آهي. يمياڻي پنهنجي وڏي ڪتاب 'شاهہ جون سورميون' ۾ ٻہ شاهہ جون سورميون اَهڙي چتائيءَ سان سمجهائي نہ سگهيو آهي جهڙو ڪلياڻ هڪ باب ۾ سمجهائي سگهيو آهي. ڪلياڻ کي درياهہ کي ڪوزي ۾ سمائڻ جي خاص ذات آهي..

'ڪلياڻ جي حليمائيءَ جي ''شاهہ'' چڱي پر شاهدي ٿو پري. هن ڪٿي ٻہ اِها دعويٰ نہ ڪئي آهي تہ شاهہ ئي آخرين لفظ پاڻ آهي. هيڪاري مهاڳ ۾ چئي ٿو ڇڏي... 'تحقيق، شاهہ صاحب جو ڪلام هڪ اَهڙو مهراڻ آهي، جنهن مان نون موتين ملڻ جو هر وقت يقين آهي.'

'ڪلياڻ جو سامي' ۱۹۵۳ ۾ شايع ٿيو ۽ منجهس ڪل بارهن باب آهن، جن ۾ ساميءَ جي جيوت، سيرت، ويدانت، تشبيهن ۽ بولي ۽ عبارت تي چڱي روشني وڏي ويئي آهي. 'شاهہ ۽ سامي' وارو باب ڪتاب جو نڪ آهي. ٻنهي شاعرن جي شعرن جا حوالا ڏيئي ڪلياڻ ثابت ڪيو آهي تہ سنت ڪوي ڪافي گهڻي حد تائين صوفي شاعر کان صرف متاثر ئي نہ ٿيو آهي، بلڪ هن جي پيروي ٻہ ڪئي اٿس البت قريل لفظن ۽ هند کي بوليءَ ۾. ڪلياڻ ئي پهريون دفعو ساميءَ جي عاشقاڻي شعر ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي ۽ ڏيکاريو آهي تہ سامي ٻہ مجازي مام جو مشتاق آهي. ساميءَ 'عاشق ۽ معشوق' لفظ ڪتب آندا آهن. اِها حقيقت ڪيترا ودوان ٻہ ويسهہ ۾ نہ آڻيندا آهن..

'سامي لاءِ چيو ويندو آهي تہ هن جو سمورو شعر حقيقي عشق سان ٽمٽار آهي. ڪلياڻ ان دعويٰ جي اُبتڙ حوالو ڏنو آهي:

آءُ منھنجا سپرين، ويھ نہ وساري
مُئن کي ماري ميلو ڪندين ڪن سان؟

ڪلياڻ جو 'سامي' ۾ نظريو دستوري يعني روحانيت پرست رھيو آھي پر اُن ۾ اُھو بخوبي قبي ٿو ڇو تہ سامي فقط 'ويدانت جي واڻي سنڌيءَ ۾ سٽائيندڙ' سنت ڪوي آھي. سنت تہ بس پنھنجو ۽ پين جو پرلوڪ سھيلو ڪرڻ جي چنتا ۾ رھندا آھن. ھنن جو ھن فاني دنيا سان ڪھڙو پريوجن؟'

مالھي وڌيڪ لکي ٿو، ڪلياڻ آڏواڻي جو ''سچل'' ۱۹۵۴ ۾ نڪتو. ۽ منجھس ڪل پندرھن باب آھن، جن ۾ سچل جي حياتيءَ سيرت، مذھب، خودشناسيءَ، اَمن ۽ آزادي، مُلن ۽ قاضين بابت ويچارن تي ڳوڙھي اَپياس بعد روشني وڌي ويئي آھي... عشق علم ۽ عقل وچ۾ لاڳاپو سچل جي شعر مان حوالا ڏيئي سمجھايو ويو آھي. ڪلياڻ نھايت موزون حوالا ڏيئي ثابت ڪيو آھي تہ 'سچل منصور جي اِمامت قبولي آھي.'

'سچل اَمن ۽ آزادي جو اَمير' ڪتاب جو بھترين باب آھي، جنھن ۾ سچل جي صحتمند نظريي کي مناسب حوالن سان چٽو ڪيو ويو آھي. مُلن ۽ قاضين جي سچل سان عداوت ۽ سچل جو کين منھن ٽوڙ جواب ۾ ڪافي وڌي پيماني تي بيان ڪيا ويا آھن. جيتوڻيڪ مان ان راءِ جو آھيان تہ ان ڏس ۾ ڪلياڻ سچل سان پورو انصاف ڪري نہ سگھيو آھي. منھنجي نظر ۾ درويشي جامو پھريندي ۽ مذھبي ڏنگ جي درگاھ ۾ بہ سچل سنڌيءَ جو پھريون باغي شاعر آھي جنھن کي ڪلمو، مورون مسلمان نٽو ڪري جنھن لاءِ عرب کان احمد ايمان نٽو موڪلي. ۽ جو پاڻ کي 'سچاڻ' ٿو ڪھي سو اَڄ جي آزاديءَ جي زماني ۾ بہ باغي قرار ڪري سگھجي ٿو.'

'سچل' ملا ۽ قاضي کي سِرَ جو جواب پٿر سان ڏنو. منصور کي اناالحق جي نعري ھڻڻ ڪري سوريءَ تي چاڙھيو ويو. سچل

ڪي ڇو ڇڏيو ويو؟ ائين ته نه آهي ته سچل جي عوام ۾ ايتري ته مقبوليت هئي جو ڪيس هٿ لائڻ سان بغاوت جي پنيت پرڻ جو اِمڪان هو؟

'ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته 'سچل' بابت ايتري روشني ڪلياڻ کان اڳ ڪنهن ٻئي نه وڌي آهي جنهن لاءِ سچ ته هن ڪيرون لهڻيون. پوءِ به مان سمجهان ٿو ته سنڌيءَ جي پهرئين باغي شاعر جي حياتي، ماحول، خيالن ۽ شعر بابت اڃا به باريڪ بينيءَ سان ڪوجنا جي درڪار آهي. ڪنهن ڪي وڌي نه وڌي پوءِ به سچ چوندڙ مرد تي... ڪڏهن نه ڪڏهن ڪو ترقي پسند نقط نگاهه کان ڪوجنا ڪندو.

'بهرحال ڪلياڻ آڏواڻي جا هي ٽي ڪتاب سنڌي تنقيد نگاري جي ميدان ۾ پيڙهه جا پٿر آهن، جن جي بنياد تي سنڌي قديم شاعرن جي ٽمورتيءَ بابت وڌيڪ اپياس ۽ڪوجنا ڪري سگهجي ٿي.'

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي شاهه، سچل ۽ سامي ڪتابن ڪي پروفيسر ايم.يو. ملڪاڻيءَ ڪوجنا جي صاحب جي اڻاهه محنت جو ڪارنامو ڪوٺيو آهي جنهن ۾ ٽنهي شاعرن جي ڏنل حوالن کي ڪلام جو ڇڻو ڇوڪو خزانو سڏيو آهي جنهن سان ڪوبه هنڌو مطالع ڪري سگهي ٿو. گوبند مالهيءَ ته ٽنهي ڪتابن کي تنقيد نگاري جي ميدان ۾ پيڙهه جا پٿر سڏيو آهي. اِهو سچ پچ صحيح رايو آهي ۽ صحيح قدرشناسي آهي.

سنڌ جي برڪ ليکڪ غلام رباني نئين دنيا کي لکيو (اَپريل ٦٢ پرچي لاءِ) ته ''ان پرچي جي ڪن مضمونن ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي ڪتابن شاهه، سچل ۽ سامي جو ذڪر ٿيو آهي. انهن مان مون به ڪتاب پڙهيا آهن جي لاجواب آهن.''

سرڪواسي پروفيسر ايل.ايڇ. اجواڻيءَ پنهنجي 'هسٽري آف سنڌي لٽريچر' ۾ ڪلياڻ جي ڪتاب 'شاهه' لاءِ لکيو ته اُن ۾ سيني

سُرن جي معنيٰ ۽ سمجھاڻي ڏيئي بنيادي ڪم ڪيو ويو آھي.

سنڌ جي چوٽيءَ جي ساھتڪ مخزن 'مھراڻ' جي سمپادڪ ۽ مشھور اديب مولانا محمد گراميءَ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي متين ۽ تنقيدي ڪتابن شاھہ، سچل ۽ سامیءَ تي تبصرو ڪندي اُنھن کي بلند معيار جا ڪتاب سڏيو آھي، جن سان ئي ھن جو پھرين تعارف ٿيو آھي. چوي ٿو، 'سندس (ڪلياڻ) اختصار پسندي ۽ موجز بياني اسان جي طويل پسند (ڊيگھہ ڪندڙ) ۽ زود نويس مؤلفن ۽ مصنفن لاءِ بھترين مثال آھي. ھونءَ بہ چيل آھي تہ پَلو ڪلاھ اُھو آھي جو ظاھر ۾ تہ ٿورو ھجي، پر دراَصل تمام گھڻن مضمونن تي حاوي ھجي.

'ڪنھن بہ دقيق موضوع کي تمام سھڻن ۽ مختصر عنوانن ھيٺ ترتيب ڏيڻ ۽ بيان ڪرڻ جو سليقو تمام ٿورن اديبن ۾ نظر اچي ٿو، باقي رنگين بيانيءَ ۽ انشاپروازيءَ جا جوھر ڏيکارڻ، يعني 'تيليءَ مان ٽنبي' بڻائڻ وارا جام آھن. ھن دور ۾ ھڪ خاص علمي ۽ فني چيز يا ضرورت اِھا پيدا ٿي آھي تہ ڪتاب بہ مختصر ھجن تہ اُنھن جون تشريحون ۽ فوٽ نوٽ بہ ھلڪا سلڪا زود فھم ۽ معلوماتي ھجن، ائين نہ ھجي تہ اَصلي مواد جي چند سٽن جي تشريح لاءِ ورقن جا ورق چَٽي وڃي مٽي چڙھجي، ۽ اُن ۾ اَجاين اُٽپٽانگ، غير ضروري ۽ طويل حوالن ۽ مخصوص لفاظي کي درج ڪري دم پٽجي.'

'ھن دور ۾ انساني ذھن نڪو طول پسند آھي ۽ نڪو وقت طلب، موجوده سماج ۽ اُنجي نظام حيات، انساني ذھن کي ڪافي پريشان ۽ منتشر رکيو آھي. نہ دلجمعي رھي آھي ۽ نہ دماغي سڪون ئي بچيو آھي.... خود اديب، اُستاد ۽ شاگرد جن لاءِ ئي ڪتاب لکجن ٿا، سي معاشي ۽ اقتصادي ناھمواري جو شڪار آھن. انھن جون ضرورتون ايتريون تہ گھڻيون ۽ مھانگيون ٿي چڪيون آھن، جو نہ تہ ويچارا قيمتي ڪتاب وٺي پڙھي ٿا سگھن

۽ نہ پنهنجي ذهن ۽ فڪر لاءِ ڪا معياري خوراڪ ميسر ڪري ٿا سگهن. ان حالت ۾ وڏن وڏن ڏلهن ڪتابن ۽ اُنهن جي تشريحن ۽ حوالن کي سمجهڻ ۽ پڙهڻ لاءِ نہ وٽن آهي وقت ۽ نڪو پيسو. اَهڙي هڙ هٽان جي دؤر ۾، اُهي ناشر ۽ مصنف تحسين جي لائق آهن، جي پنهنجي فن کي اِختصار سان سليس ۽ سادي ۽ صاف نموني ۾ شايع ڪن ٿا ۽ تمام گهٽ قيمت تي ڏين ٿا.

'محترم ڪلياڻ آڏواڻيءَ، شايد انهيءَ ئي نڪتي کي سمجهندي، پنهنجون تخليقي صلاحيتون نهايت مختصر ۽ جامع طرح پيش ڪيون آهن.'

پاڻ مولانا گراميءَ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي ڪتابن کي بلند معيار جا ڪتاب سڏڻ سان گڏ، ساگر کي گهاگهر ۾ سمائڻ جو ڏين لاءِ بهترين مثال ڏسڻ آهي جو سچ پچ صحيح ڏسڻ آهي جو اسانجي ٽن ڪلاسيڪل شاعرن جي ٽمورتي جي شاعريءَ جو ايترو خزانو ڏنو آهي جو سندن ڪُل ڪلام جو مطالع ڪرڻ ضروري نہ پيو سمجهي جئن پروفيسر ايم.يو. ملڪاڻيءَ مٿي پنهنجي رايي ۾ چيو آهي.

ڪلياڻ آڏواڻي جي انهن ٽن ڪتابن شاهہ، سامي، سچل بابت مهراڻ مخزن ۾ مشهور ليکڪ تاج جويي ڪلياڻ کي شاهہ جو وڏو عاشق ۽ شارح سڏيندي لکيو تہ هن عظيم عالم شاهہ، سچل ۽ سامي تي ننڍا ڪتاب لکي ٽنهي جي اَهميت ڏيهي ۽ پرڏيهي ماڻهن تي واضع ڪئي، جيڪا گهاڻہ ڪڏهن ڏسڻ وساري نٿي سگهي. (مهراڻ جنوري- جون ۱۹۹۴ پرچو)

باب - ۵

شاھ جي رسالي جو يڳانو ڪارنامو

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي ٽن سالن ۾ ھڪبئي پنيان قديم شاعريءَ جي ٽمورتي شاھ، سچل ۽ سامي تي ٽن تنقيدي ڪتابن ڪيڙ جو ڪارنامو ۱۹۵۴ ۾ پورو ڪري يڪدم ۱۹۵۸ ۾ ڪيڊل شاھ لطيف جي مڪمل رسالي تيار ڪرڻ جي يڳاني ڪارنامي جي ڪم ۾ جنبي ويو، جنھن لاءِ ڪيس ساڻس گڏ جئہ ھند ڪاليج ۾ پاڙھيندڙ پروفيسر منگھارام ملڪاڻيءَ ئي ور ور ڪري فرمائش ڪئي ۽ ھمت افزائي ڪئي.

ان باري ۾ ھو پنھنجين يادگيرين ۾ لکيٽو ''سنڌ چڏي بمبئي ۾ اچڻ ڪان پوءِ ادب جي لحاظ ڪان جڻ سُڃَ ۽ رُڃَ ھئي. آئيندي جي خبر ڪنھن کي نہ ھئي ۽ ھرڪنھن اديب جي چھري تي مايوسيءَ جا آثار نمايان ھئا. اَھڙي نازڪ دؤر ۾ پروفيسر ايم.يو. ملڪاڻي جي ممتاز ھستي ھئي، جنھن چقمق مثل ڪن نوجوان اديبن جي دلين کي ڪشش ڪئي. نوجوانن جي جانفشاني سان 'سنڌي ساھت منڊل' برپا ٿيو ۽ نئين دنيا مخزن جاري ٿي، جا اڄا تائين پنھنجي پوري حسن ۽ جمال سان نروار ٿيندي ٿي اَچي. ھر ھفتي ملڪاڻي صاحب جي صدارت ھيٺ مجلس ٿيندي ھئي، جنھن ۾ نثر ۽ نظم جي بھاري لڳي ويندي ھئي. باھر مڙيوئي ريگستان ھو.

''اسانجي ڪن پيشوائن تہ سنڌي زبان ۽ تمدن کي وساري چڏڻ جون مشورتون بہ جاري ڪري چڏيون. عجب ڪرامت ٿي آھي جو ادب جي چمن ۾ ھينئر گلزاريون ٿي ويئون آھن. ڪيتريون ئي ادبي مخزنون ۽ ادبي محفلون جاري ٿي ويئون آھن، جن ۾ نوجوانن جي جذبن جي ترجماني پيئي ٿئي. جن صاحبن جي دلين تي اِھو اَثر ويٺل ھو تہ جلدي زبان توڙي ادب صفحہ ھستيءَ تان فنا ٿي

ويندا، سي هينئر حسرت جي واديءَ ۾ سراسري سراسيمر آهن. مان بہ پنهنجي شوق ۽ لياقت آهر پنهنجي سر ادبي شغل کي قائم رکندو ٿو اَچان.''

''هو وڏيڪ لکي ٿو : 'جئہ هند ڪاليج ۾ پروفيسر ايم.يو. ملڪاڻي جهڙي سهڻي انسان جي صحبت نصيب ٿيم. هن صاحب جي سباجهي فرمائش تي ئي شاهہ جي رسالي جو نازڪ ۽ مشڪل ڪم پاڻ تي هموار ڪيم. هو صاحب ور ور ڏيئي همت اَفزائي ڪندو هو. جي ملڪاڻي صاحب مون ۾ جوش ۽ جنبش نہ جاڳائي ها تہ اِهو رسالو شايد وجود ۾ نہ اَچي ها (نئين دنيا - آگسٽ ۱۹۶۳).'

پئي هنڌ پروفيسر ڪلياڻ لکي ٿو، 'شاهہ، سامي ۽ سچل تي رچيل ڪتابن کان متاثر ٿي، 'هندستان' اَخبارواري صاحبن سر ڳواسي شري مانسنگهہ جي هدايت موجب 'شاهہ جو رسالو' تيار ڪرڻ جو ڪم مونکي سپرد ڪيو.'

۱۹۵۸ ۾ اُن شاهہ جي مڪمل رسالي کي تيار ڪرڻ لاءِ سخت ڪشالا ۽ ڪشت سهڻا پيس جو مهنن جا مهنا نور نچوئي، بہ بہ ٽي ٽي دفعا پروف بہ پاڻ جاچڻا پيا هئس، جئن هن سنڌ مان آيل ان شاهہ جي رسالي جي مشتاق جوان کي ساٹس ڪيل ملاقات ۾ ٻڌايو. پڙهو جهوليلال ۲۷-مارچ ۱۹۹۵) ان رسالي جي ڇپائيندڙن هندستان اَخبارواري بہ لکيو آهي تہ 'هُن ڇاپي تي جيڪي ڪشالا ادب جي ماهر پروفيسر ڪلياڻ بولچند آڏواڻي کيا آهن، جنهن علميت ۽ قابليت سان هن معنيل، شرح ۽ سارُ لکيا آهن، سي نهايت تعريف لائق آهن.'

هنن وڏيڪ شاهہ لطيف ۽ سندس ڪلام جي اَهميت ۽ عظمت ٻڌائيندي لکيو آهي تہ 'سنڌ جي ادبي گلشن جو گل گلاب آهي شاهہ ڀٽائي جي اَمر ڪوتا، جنهنجي ڪٽوريءَ خوشبوءِ جو سيني سنڌواسين ارڙهين صديءَ کان واس پئي ورتو آهي. ورهاڱي بعد، وطن جا وڻ ڇڏي آياسين هت وشال سنڌ يعني هند ۾، اَباڻيون

جائدادون ۽ جڳهيون پنيان ڇڏي آياسين، ليڪن پنهنجو اَدبي ورثو پاڻ سان کڻي آياسين. انهيءَ اموڪ ميراث ئي اَڄ اسان سنڌين کي هن اڻاھ ديس ۾ محفوظ جڳهه ۽ نشان عطا ڪيو آهي. اسين پاڻ سان هڪ تيجسوي درشن، هڪ جلالي مشاهدو، شاھ جي رسالي ۾ قلمبند ٿيل کڻي آيا آهيون. اهو اسان سنڌين جي وڏي ۾ وڏي املاڪ، وڏي ۾ وڏو سوپاڳيه آهي. جيسين انهيءَ جو جوهر اسان جي ويچار ڌارائن ۾ سمايل آهي، تيسين اسان جي سنڌيت کي نه آهي لهر، نڪو لوڏو. زماني جي گردش اسان کي کهڙيءَ به حالت ۾ آندو هجي، انهيءَ جي داب هيٺ اسان جي ورتي ۽ اسان جو جيون درشن کهڙو به ٿيو هجي، اسان جيون سنگرام ۾ وجيه پاتي هجي يا هار، پر جي سنڌيت جو جوهر اسان جي سياڻ ۾ ويايڪ آهي، تہ پوءِ اسان کي آڌت لاءِ، پريرٽا لاءِ، ساهس لاءِ ڦڪلن ٽڪرن کي سڄي ڪرڻ لاءِ شاھ جي رسالي جي ئي اوت ونڊي پوندي.'

۽ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ انهيءَ سنڌيت کي هٿي سدائين لاءِ زندهه رکڻ لاءِ اُن جي اوٽ وٺي شاھ جي مڪمل رسالي کي تيار ڪرڻ جو يگانو ڪارنامو ڪيو. جنهن نہ رڳو شاھ جي رسالي کي هندستان جي سوين گهرن تائين پهچايو، پر خود سنڌ ۾ به پين اُن رسالي کي به ٽي دفعا ڇپائي هزارين گهرن تائين پهچايو. جنهن ڪري پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جو نالو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ لوڪپريه ٽي ويو، جيتوڻيڪ ۱۹۵۸ ۾ نڪتل پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي شاھ جي مڪمل رسالي کان اڳ ۱۹۵۰ ۾ شاهواڻي جو نڪتل ٿهن شرن وارو 'شاھ جو مڪمل رسالو سنڌ' ۾ موجود هو. پر اُن۾ شاھ جي ڪلام جو تلفظ (اُچار) ڪلياڻ آڏواڻي جي مڪمل رسالي جي هاڻوڪي تلفظ وانگر نہ پر قليچ بيگ، گربخشاڻي وغيره وانگر لاڙي تلفظ آهي، جيڪو عام طرح سمجهڻ ۾ هاڻوڪي تلفظ واري ڪلياڻ جي رسالي کان ڏکيو آهي.

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي مهتمم طور پنهنجي رسالي ۾ لکيو

ته 'جرمن عالم ڊاڪٽر آرنيسٽ ٽرمپ پهريون صاحب هو جنهن ۱۸۶۶ع ۾ جرمني جي لپسيا شهر ۾ 'شاهه جو رسالو' ڇپائي پڌرو ڪيو. پر گهڻي خرچ ڪري ڪي سُر نه ڏيئي سگهيو. سنه ۱۹۰۰ ۾ ديوان تاراچند شوقيرام جي نگراني ۾ بمبئي علائقي جي تعليم کاتي وارو ڇاپو شايع ٿيو. سنه ۱۹۱۳ ۾ مرزا قليچ بيگ. جو ڇاپو ظاهر ٿيو. ڊاڪٽر گربخشاڻي جي نسخي جو پهريون جلد ۱۹۲۳ع ۾، ٻيو ۱۹۲۴ع ۾ ۽ ٽيون ۱۹۳۱ع ۾ نروار ٿيو. ٽنهي جلدن ۾ مڙيئي ۱۸ سُر آهن ۽ تلفظ (اُچار) لاڙي آهي. هن باقي سُر چوٿين جلد ۾ ڏيڻا ڪيا هئا. سنه ۱۹۵۰ ۾ غلام محمد شاهواڻي جو ڇاپو شايع ٿيو، جنهن ۾ به لاڙي تلفظ آهي. مٿيان مڙيئي صاحب حيات ناهن، سندن ڇاپا به وڃن ٿا نايات ٿيندا. اُنهنکي مقابل ڪري موجوده نسخو تيار ڪيو ويو آهي. سرڪاري ڇاپي وارا جيڪي بيت يا سُر هن ڇاپي ۾ درج ٿيل ناهن، سي ڏاريا سمجهڻ گهرجن. هن ڇاپي ۾ هاڻوڪو تلفظ اختيار ڪيو ويو آهي، نه لاڙي جو ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ شاهواڻي وارن نسخن ۾ آهي ، البت جتي ماترائن ۽ قافين جو ادب لازم آهي تتي لاڙي اُچارن کي تسليم ڪيو ويو آهي.'

پروفيسر ڪلياڻ 'شاهه جي حياتي' باب ۾ لکيو ته شاهه لطيف جو جنم ۱۶۸۹-۹۰ ۾ حيدرآباد ضلع جي هالا تعلقه جي هالا حويلي ۾ ٿيو. ننڍي هوندي کان ئي هنکي ايڪانت سان عشق هو... هو هڪ ڏينهن اوچتو جوڳين ۽ سنياسين جي صحبت ۾ گنجي ٽڪر جي رستي هنگلاج جي ياترا تي ويو هو. سسئي جا سفر خود شاهه جا آهن سندس ڪلام ۾ ٿرن برن ڏونگرن ۽ جهنگلن جا اکين ڏٺا اَحوال آهن. رسالي ۾ لکپت ۽ گرنار، ڪنيات ۽ پوربندر، هالار ۽ جهونا گڙهه، دوارڪا ۽ هنگلاج، پب ۽ حب، وندر ۽ وڪار، لس بيلي ۽ لاهوت، لامڪان ۽ جيسلميمر ۽ ٿر، ڪابل ۽ قلات وغيره جو ذڪر ٿو اچي. مومل ۽ نوري جون ماڙيون ۽ مارئي ۽ سسئي جا آستان توڙي راءِ ڏياچ ۽ سپڙ سکيءَ جا مڪان اکين سان ڏٺا هئائين. سر سريراڳ، سر

سامونڊي، سر سھڻي، سر گھاتو ۾ سامونڊي سفر ۽ سمنڊ جي خطرن جو بيان ڪيو اٿس. سندس ڪلام بيروني توڙي باطني تجربن جو آئينو آھي.

پروفيسر وڌيڪ لکيٿو، ''شاھ صاحب جي زندگيءَ ۾ تاريخ جا اَھم ورق وريا، پر رسالي ۾ اُنھن ڏانھن ڪوبہ اشارو نہ ٿو اَچي. البت وقت جي تقاضا جي لحاظ کان شاھ صاحب، وطن پرستي ۽ بيتعصبيءَ جا اعليٰ خيال پنھنجي ڪلام ۾ آندا آھن. انھيءَ کان سواءِ، ديسي سيڻن لاءِ قرب ۽ پرديسي پرين کان بيزاري ۽ ڏيکاري اَٿس، جئن سسئي وارن سُرن مان ظاھر آھي. پرديسي پاڻ ۾ پارسيون ڪيو، سسئي وانگر گھٽن کي روھ ۾ رُلايو وڃن، بلڪ اُنھنکي پنھنجي وطن کان ٻہ بيگانو ڪيو ڇڏين. سندس ڪلام ۾ روحاني رازن سان گڏ، سچي انسانيت جا ٻہ سبق آھن. 'شاھ صاحب نھايت لاطمع ۽ رحمدل ھو. نہ رڳو مسڪين عالم لاءِ، پر پکين ۽ ڳگدامن لاءِ ٻہ بيحد پيار ھوس. راڳ تي فدا ھو. شاھ صاحب جي ڪلام ۾ ڪن ھنڌ ڪبير، ميران ۽ بين سنتن جي واڻين جو اَثر پرسڌ آھي، پر شاھ صاحب جي پنھنجي نزاڪت ۽ سوز آھي.

شاھ عبداللطيف ڀٽائي جو جنم (۱۶۸۹-۹۰) ۾ حيدرآباد ضلع جي ھالا تعلقي ۾ ٿيو ۽ لاڏاٽو ۱۷۵۲ع ۾ ٿيو.

ٻيو باب 'شاھ جي رسالي تي ھڪ نظر، نالي آھي ان ۾ پروفيسر ڪلياڻ چوٿيو، عالم ۽ فيلسوف ھميشہ انھيءَ فڪر ۾ فنا ٻڌي رھيا آھن تہ حق (ايشور) عالم (جھان) ۽ انسان ڇا آھي. عارف انھن مسئلن جا جواب پنھنجي حقيقي تجربي جي بنياد تي ڏيئي ويا آھن. شاھ صاحب اِھا ساري ڳجھارت پنھنجي دلکش ۽ سھڻي ٻولي ۾ تشبيھن ۽ تمثيلن (روپڪن) ذريعي سمجھائي ويو آھي. رسالي ۾ طالب توڙي عام انسانن لاءِ ھرھنڌ بي بھا اِرشاد ۽ ھدايتون موجود آھن.

آخر ۾ پروفيسر ڪلياڻ چوٿيو تہ 'سارو رسالو اخلاقي موتين

۽ معنوي ماڻڪن سان مڙهيو پيو آهي. رسالي جي آخر ۾ ۷ صفحن ۾ شاهه جون ۴۶۴ چوندڙ ستون 'ماڻڪ موتي لال' جي سري سان ڏنيون ويئون آهن.

رسالي جو مهاڳ جيرامداس دولترام جو لکيل آهي. هو چوي ٿو 'شاهه عبداللطيف کي اکثر سنڌي سنڌ جي شاعرن جو سرتاج ۽ سنڌ جو هڪ ناليرو درويش ڪري ٿا ليکين. پر سندس سچو درجو اُن کان گهڻو اوچو آهي... مونکي جيڪا ڄاڻ آهي اُن مان ان نتيجي تي پهتو آهيان ته شاهه لطيف جي حقي جڳهه اُتر پرديش جي ڪبير، راجستان جي ميرابائي، مهاراشٽر جي رامداس ۽ تُڪارام، بنگال چيتن ديو، آسام جي شنڪر ديو، گجرات جي نرسي مهتا، جهڙن نامور سنت کوين، ڏڪ جي نماڻن پڳتن ۽ درويشن جي قطار ۾ آهي. بولي‌ءَ جي لحاظ کان شايد اُنهن مان گهڻن کان اڳرو ئي آهي.

..... هو وڌيڪ لکي ٿو، 'شاهه جو رسالو بيشڪ سنڌي بولي‌ءَ جي ڪاڻ آهي. رسالي جي اونهي عميق ۾ جيڪڏهن ڪو ٽوبو ٽبي ڏيئي وڃي ترو جهلي ته جيڪر اَٺميون سپون سوجهي لهي. من جي هر مرض جي داروُءَ سان رسالي جا بيت پريا پيا آهن. روحاني توڙي اخلاقي ترقي، بنهي لاءِ شاهه جي رسالي جي رهبري بي‌بها آهي...'

جيرامداس وڌيڪ لکي ٿو، 'پڪ اَٿم ته هندستان توڙي پاڪستان ۾ پنهنجين پنهنجين حالتن پٽاندر، سنڌي جو آئيندو روشن رهڻ وارو آهي. پر اهو تڏهن جڏهن سنڌي پاڻ پنهنجي زبان ۽ قلم وسيلي سنڌي بولي‌ءَ کي جيئرو رکندا ايندا. جيسين سنڌي بولي آهي ۽ سنڌي آهن، جيسين کين روحاني پياس آهي ۽ انساني جذبا آهن، جيسين سندن سامهون جيون جي اوکي رڻ پون‌ءِ آهي، تيسين شاهه جو رسالو آهي. هي رسالو اسان جي روحاني، اِخلاقي، دنيوي، راجنيتي ۽ سماجڪ، سيني مسئلن لاءِ سکيا جو ساگر آهي ۽ رهندو...'

حقيقت ۾ شاهه لطيف جي ڪلام جو رسالو سنڌيت (سنڌي

بولي ساھت ۽ کلچر) ۽ سنڌي جاتيءَ جي ھستي جي نشاني آھي. انکري ورھاڱي بعد پارت ۾ لڏي اچڻ تي سنڌين ۾ شاھ جي کلام لاءِ تڙف وڌي آھي ۽ شاھ جو کلام وڌيڪ لوڪ پريہ ٿيو آھي جو جدا جدا اُتسون تي ڳاتو پيو وڃي.

جئن ئي رسالو نڪتو تئن ئي پروفيسر کليانڊ آڏواڻي شاھ لطيف تي ھڪ اختياري ڪري مڃيو ويو، ڪيس ڪيترن ئي عالمن ادبين قدرشناسي جا خط موکليا جن مان کي ڇاپي ۾ اَڇڻ ڪري آئيندي جي ٿھيءَ لاءِ ھڪ ورثو بڻيا آھن، جئن ھندواسي اخبار جي پھرين مي ۽ ۱۹۸۸ جي پرچي ۾ پروفيسر کليانڊ آڏواڻي، بزرگ عالمن جا ''ادبي خط ۽ صفتون'' نالي ھڪ ليکہ ۾ لکيو: 'اڳيان بزرگ آخرين دم تائين اَپياسي رھيا ۽ ڪڏھن بہ داد ڏيڻ کان ڪنارو نہ ڪندا ھئا. ديوان ڏيارام ميرچنداڻي، حيدرآباد جي گورنمينٽ ھاءِ اِسکول ۾ منھنجو پرنسيپال ھو ۽ وڏي ڏيا جو صاحب ھو. جڏھن منھنجو 'شاھ جو رسالو' ظاھر ٿيو تڏھن وجد ۾ اچي ويو ۽ مونکي پاڻ وٽ گھرائي روبرو آفرين ڏنائين؛ اُن کان اڳ ھڪ خط لکي موکليائين، جنھن ۾ فرمايائين: پيارا پروفيسر کليانڊ، خوش ھجين شال! ايشور وڏي آورجا ڏئيئي ۽ ھر طرح وڌندو رھين! سندر پستڪ شاھ جو رسالو تنھنجي سمپادڪي ھيٺ تيار ڪيل 'ھندستان ڪتاب گھر' وٽان ڪالھ ملیو. جئن ڪتاب ھٿ ۾ آيم تئن اُنکي جُنبي ويو آھيان. جئن نہ گھٽن ڏينھن جو بکايل روٽيءَ ملڻ تي اُن کي وڏي چاھ سان کائيندو ويندو آھي، انھيءَ چاھ سان مان تنھنجو تيار ڪيل ڪتاب پيو پڙھان. ڪتاب جي منڊ واري ليکہ 'شاھ صاحب جي حياتيءَ ۽ شاھ جي رسالي تي ھڪ نظر، بلڪل خيال ۽ قابليت سان لکيل آھن. مونکي سنڌي ۾ ديوان ديارام گدومل جا بہ اَھڙا مھاڳ سُجھن، جي توھانجي ليکہ 'شاھ جي رسالي تي ھڪ نظر' سان مَٽَ پئجي سگھن. اُھي آھن :

(۱) سامي جي سلوڪن جو تات پرڇ (۲) مرزا قليچ بيگ

جي ننڍي ڪتاب 'رباعيات خيام' جو منڊ جو مرزا صاحب ديوان ڏيارام ڪان لڪايو هو. آفرين آهي تنهنجي محنت ۽ اُن جي نتيجي کي! مان تہ ڪتاب ڏسي ۽ پڙهي پيو گد گد ٿيان.... ڏنيواد هجين 'هندستان ڪتاب گهر' وارن کي جن تو جهڙي ديريني، قابل ۽ نهني انسان کي هي پاري ڪم سپرد ڪري پنهنجو ناماچار وڌايو. پچاڙيءَ ۾ هڪ ڳالهہ لاءِ معافي طلب آهيان، جو پنهنجو ٻچو سمجهي هي خط واحد ۾ جئن پنهنجي ٻار کي لکجي، تئن لکيو اَٿم، جي اِها روش گستاخي سمجهڻ ۾ اَچي تہ ڪميا ڪندا.'

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي تيار ڪيل شاهہ جي رسالي لاءِ سنڌي نثر جي جهوني ۽ بزرگ چاٽو ۽ پاڙهيندڙ اُستاد ڏيارام وسڻمل ميرچنداڻي جو قدرشناسيءَ وارو رايو سچ پچ هڪ فخر جو باعث هو، جنهن لاءِ ڪلياڻ سچ پچ حقدار هو چو تہ اِهو ڏيارام ميرچنداڻي ڪلياڻ آڏواڻي کان اڳ هتي ورهاڳي بعد ساهتڪارن جي ادبي هلچل جي بزرگ رهبر ناٽڪ نويس، تاريخ نويس ۽ تنقيد نگار پروفيسر ايم.يو. ملڪاڻيءَ جو ٻہ اُستاد هو ۽ جهوني ۾ جهونو سنڌي نثر جو چاٽو هو، جنهن ملڪاڻي جي 'سنڌي نثر جي تاريخ' جو دستخط پڙهي ڪافي عالماڻيون صلاحون ڏنس ۽ ڪيتريون درستيون ٻڌايائينس ۽ مهاڳ لکي ڏيڻ جو شرف ڏنائينس.

شاهہ جي رسالي لاءِ ڪلياڻ آڏواڻي کي ڏيارام ميرچنداڻي وانگر قدرشناسيءَ وارو ٻيو رايو سنڌ مان همعصر عالم ۽ شاهہ لطيف جي اَپياسي عثمان علي اَنصاري ٻہ موڪليس، جيتوڻيڪ شخصي طرح سچاڻپ نہ هئس. ڪلياڻ هندواسي ۾ لکيو تہ هن ڪان انصاريءَ جي اها ذرہ پروري هرگز نہ وسرندي. هن لکيس، 'ادا آڏواڻي توهان جو چپايل ٻڌائي جو رسالو مليو. شڪريہ. نهايت عمدو چپايو ويو آهي. ائين ڪڻي چئجي تہ عبداللطيف جي شان وڌان تيار ڪرايو ويو آهي. پاڻ ٻڌائي چيو تہ ٻڌائيءَ تنهنجو نانءُ، ٻاجهہ ٻہ اوڏيائي مڱان.'' اوهان جڏ جواب ۾ چيس تہ ''جهڙو تو ڪلام، قلم ٻہ اَهڙوئي ٿيو،''

آءٌ بہ پٽائيءَ جو کلام لکي رھيو آھيان. ڏھ سال پورھيو کيو اٿم. ھينئر مکمل ٿي ويو آھي، شايد ھفتي کن ۾ پريس ۾ ويندو. پر افسوس جو ھو صاحب گذريل سال (۱۹۶۲) ۾ گذاري ويو (پڙھو نئين دنيا آگست ۱۹۶۳).

ڪلياڻ جي شاھ جي رسالي ظاھر ٿيڻ سان ھو سنڌ ۾ ھند کان بہ وڌيڪ لوڪ پريہ ٿي ويو جتن نئين دنيا ۾ لکيائين تہ 'سنڌ جي ھڪ اَخبار منھنجي مھاڳ کي مَھرن ۾ تورڻ جھڙو ظاھر کيو جنھنکان حجاب ۾ ڪنڌ جھکيل اَٿم. ۱۹۵۸ ۾ رسالو نڪتو تہ سنڌ جي ٻن مشھور مخزنن جيڪي اڄ تائين ۴۰-۴۵ سالن کان پيئون نڪرن تن ۾ وڏو تفصيلي تبصرو (سمالوچنا) آيو.

ٽماھي ادبي مھراڻ مخزن لکيو، 'نھايت خوشي جي ڳالھ آھي جو 'شاھ جو رسالو' سنڌي ادب جي مشھور صاحب طرز اديب محترم ڪلياڻ آڏواڻي پروفيسر، جئہ ھند ڪاليج (بمبئي) ... پنھنجي حسن ذوق ۽ فني صلاحيتن کي سنڌي ادب جي بھترين نادر الوجود، زنده جاويد ۽ زندگي بخش ڪلام جي خدمت ۽! شاعت لاءِ ڪم آڻيندي اِھا عظيم ۽ مخلصانہ پيشڪش ڪئي آھي، جنھنکي معنوي لطافت ۽ نزاکت، ثقافت ۽ جرائت کي ڏسي اکين ۾ نور ۽ دل ۾ سرور، پيدا ٿئي ٿو ۽ جو پنھنجي تخليقي حسن ۽ ترتيبي لطافتن جو جامع آھي.

'ھونءَ تہ اسان وٽ شاھ جي رسالي جا ڪيترائي نسخا ڇپيل موجود آھن ٽرمپ جو رسالو، ابراھيم جو رسالو، ملااَحمد جو انتخاب، قليچ بيگ، جو رسالو، مولوي غلام مصطفيٰ ۽ محمد شھواڻيءَ جو رسالو، ڏيپلائيءَ جو رسالو، محمد صديق جو رسالو ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي جو رسالو. انھن سڀني مان آنجھاني (سرگواسي) ڊاڪٽر گربخشاڻي ھڪ اھڙو مولف آھي جيڪو پنھنجي علمي شخصيت جي لحاظ کان بہ نھايت بلند مقام وارو ماڻھو آھي ۽ شاھ سان تعلق رکندڙ علمي ۽ فني مواد کي ڪنو ڪرڻ ۽ اُنھنکي پرکڻ جو اَھل بہ

نظر اَچي ٿو. هو هڪ طرف سنڌي زبان جو وڏو عالم آهي تہ اُن سان گڏ مشرقي زبانن-عربي پارسي هندي ۽ سنسڪرت جو بہ ڄاڻو آهي. ان سان گڏ تصوف ۽ ويدانت سان نہ فقط دماغي تعلق ٿو نظر اَچي، پر سندس قلب ۽ جان جو واسطو بہ نظر اچي ٿو. هو جديد قسم جي تخليقي اصولن ۽ تنقيدي چنڊچاڻ ۽ تصنيف ۽ تاليف جي نون معيارن کان غير واقف نہ هو. هو پهريون شخص آهي جنهن 'شاهہ جي شخصيت ۽ سوانح حيات، شاهہ جي متن ۽ اُنجي شرح لاءِ اِها عالماڻي ۽ تنقيدي، تخليقي ۽ تحقيقي چيز پيش ڪئي آهي.'

هو وڌيڪ لکي ٿو تہ ''محترم ڪلياڻ آڏواڻي جي زير تبصري رسالي جو مهاڳ شري جيرامداس دولترام لکيو آهي جو اگرچ مختصر آهي، نهايت سهڻو ۽ سلوڻو آهي.. هو لکي ٿو تہ رسالو هڪ اُهو آتمڪ روحاني، ۽ اخلاقي چشمو آهي جنهن مان پڪون، ڪي ڏُڪ اُهي پيئن، جنڪي آتمڪ اسات هجي، جيڪي سنسار ۾ رهندي حق جي وات تي هلڻ گهرن. جيڪي وهنواري عام شخص زندگيءَ جي جنگين ۾ مڙس ٿي لڑڻ چاهين ۽ جنڪي دنيا خوب ڏوڏا لوڏا ڏيندي رهي تہ بہ هو، ڳالهہ اوچو، پير سالم، ائين بيهڻ جي تمنا رکن...

''.... مهاڳ لکندڙ آخر ۾ لکي ٿو، هي رسالو اسانجي روحاني، اخلاقي، دنيوي، راجنيتي، سماجڪ سڀني مسئلن لاءِ سکيا جو ساگر آهي ۽ رهندو.''

اڳتي هلي ايڈيٽر گرامي لکيٽو تہ رسالي جي سوڏيندڙ ۽ سنواريندڙ محترم ڪلياڻ آڏواڻي، هن 'ڇاپي بابت' جي عنوان سان هڪ ورق جو مختصر نوٽ لکيو آهي، جنهن ۾ ٻڌايو اَٿس تہ پاڻ لاڙي تلفظ ڇو نہ قبول ڪيو اَٿس جو ڊاڪٽر گربخشاڻي بہ قبول ڪيو هو. ڪلياڻ آڏواڻي لکي ٿو تہ جتي ماترائن ۽ قافين جو ادب لازم آهي تتي لاڙي اُچارن کي تسليم ڪيو ويو آهي جئن شاهہ صاحب جي لاثاني ڪلام جي حسن ۽ زيب کي ڪو داغ نہ رسي، اَعرابون بہ ڪافي انداز ۾ ڏنيون ويئون آهن. سرن جي ترتيب ۾ ڊاڪٽر

گربخشاڻي جي تقليد ڪئي ويئوي آھي. ان ڪان پوءِ نهايت سهڻي ۽ سلوڻي مختصر ۽ مڪمل انداز سان شاھ جي حياتي جو احوال لکيو ويو آھي. اُھو باب جڏ ڪوزي ۾ درياءَ وانگر آھي. شاھ جي حياتي ۽ سيرت کي نهايت دلپذير ۽ دلڪش نموني ۾ آندو ويو آھي. البت منجھن به چار روايتون اَھڙيون آنديون ويئون آھن جيڪي چنڊچاڻ، تحقيق ۽ نظرثاني جي لائق آھن... ان ڪانپوءِ، شاھ جي رسالي تي نظر سري سان شاھ جي معنوي ۽ باطني معنائن ۽ سمجھاڻين کي دلڪش ۽ دلنشين نموني ۾ بيان ڪيو آھي جنھن لاءِ ڪلياڻ آڏواڻيءَ بيشڪ ڪيرون لھڻيون. ھڪڙي جدت طرازي، رنگين بياني، سلاست ۽ قلمڪاري، ورلي نظر اَچي ٿي. شاھ جي پوري فلسفي ۽ روح کي بيان ڪيو ويو آھي: ''حق ڪائنات ۽ انسان جي ڳجھارت کي شاھ جي بيان ۾، شاھ جي اِشارات سان، شاھ جي نظرين منجھان بيان ڪيو ويو آھي. اِھو مقالو بار بار پڙھڻ جھڙو آھي ۽ سچ پچ ته شاھ جي ڄاڻن طالبن لاءِ ھيءَ تحرير نهايت تيز فهم آھي. بيشڪ جي ماسو جڙئي مال، ته پوجارا پُرُ ٿئين!''

اُن ڪان پوءِ سُرن جي فهرست ۽ ترتيب آيل آھي، جا ساڳي گربخشاڻيءَ واري آھي. بيتن ۾ ڪجھ اضافو به ڪيل آھي. ان ڪان پوءِ مَتن 'سُر ڪلياڻ' کان شروع ٿئي ٿو. ترتيب مطابق ڪل ۳۰ سُرَ هلي ۴۷۸ صفحن تي پورا ٿين ٿا. سُرن جي ترتيب ۽ چوند متعلق اِهائي روايت ڪيل آھي، جيڪا هن ڪان اڳ ورهين ڪان هلندي اَچي ٿي.

''هن نسخي جي متن ۾، اڪثر ڪري غير لاڙي تلفظ رکيو ويو آھي، ۽ اَعرابون به ڏنل آھن، هرهڪ صفحي تي فوٽ نوٽ ڏنل آھي، جنھن ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ سان گڏ مختصر شرح به ڏنل آھي، هرهڪ داستان ڪان پوءِ ڪجھ مختصر سمجھاڻي، قصي جو پس منظر ۽ حاصل مطلب به ڏنو ويو آھي. حاشين ۾ نه فقط لفظن جي معنيٰ آھي، پر صوفياڻي قوَلن جون معنائون، آيتن ۽ حديثن جا

ترجما ۽ اشارتي فقرن جي شرح پڻ ڏنل آهي. باوجود اختصار جي هڪ صاحب ذوق ۽ صاحب نظر اُن مان گهڻو ڪجهه حاصل ڪري سگهي ٿو. هن قسم جي محنت نهايت ثمر آور ۽ ثاب ٿي آهي.

'بهرحال، ڪلياڻ آڏواڻي نهايت مبارڪ ۽ تحسين جي لائق آهي، سندس هيءُ حسين ۽ دلڪش ادبي تحفو يقينا زنده جاودان رهندو، ۽ همیشه شاهه جي طالبن ۽ شارحن لاءِ مددگار ثابت ٿيندو.'

مهراڻ مخزن جي ايڊيٽر مولانا محمد گرامي جو پروفيسر ڪلياڻ جي 'شاهه جو رسالو' تي تبصرو نه رڳو هڪ پکي پارکوءَ جي قدرشناسيءَ وارو آهي پر علميت ۽ قابليت جو به اظهار آهي.

ڪلياڻ جي رسالي تي سنڌ جي بيءَ مخزن 'نئين زندگي' مخزن جي جنوري ۱۹۵۹ پرچي ۾ به سمالوچنا ڇپيل آهي. اُن لکيو آهي، رسالي جو مرتب سنڌيءَ جو نالیرو ليکڪ ڪلياڻ بولچند آڏواڻي، ايم.اي.، پروفيسر جئه هند ڪاليج (بمبئي) آهي. هن صاحب، سنڌ جي ٻنهي مکيه شاعرن شاهه، سامي ۽ سچل تي عالماڻي ڍنگ ۾ جدا جدا ڪتاب اڳ لکيا آهن. رسالي جو مهاڳ شري جيرامداس دولترام لکيو آهي. چي: 'شاهه لطيف کي اکثر سنڌي 'سنڌ' جي شاعرن جو سرتاج ۽ سنڌ جو هڪ نالیرو درويش ڪري ٿا ليکن پر سندس سچو درجو اُنکان گهڻو اوچو آهي... لوکن سنئون شاهه صاحب جي رهڻي ۽ چوٽيءَ جي ڪجهه ٿوري ڄاڻ آٿم. اُن اُنهيءَ نتيجي تي رسايو آٿم ته شاهه لطيف جي حقيقي جڳهه يوُ.پي جي ڪبير، راجستان جي ميرابائي، مهاراشٽر جي رامداس ۽ تڪارام، بنگال جي چيتن ديو، گجرات جي نرسي مهتا، جهڙن نامور سنت کوين، نماڻن پڳٽن ۽ درويشن جي قطار ۾ آهي. بوليءَ جي لحاظ کان شايد انهن مان گهڻن کان اڳروئي آهي... سنڌي بولي جي تاريخ لاءِ شاهه جو رسالو هڪ خزانو آهي. انڪري سچ پچ ته شاهه جي هٿن جي هيرن جواهرن جي جڙت کي ٻئي کنهن چالو دول پٽاندر نئين سر گهڙڻ نه جڳائي. رسالي جا 'ماڻڪ موتي لال' جئن گهڙي ڏنا

آڻس، تئن ئي قبول کرڻ گھرجن... هندستان توڙي پاکستان ۾ سنڌيءَ جو آئيندو روشن رھڻ وارو آھي، پر اُھو تڏھن جڏھن سنڌي پاڻ پنھنجي زبان ۽ قلم وسيلي سنڌيءَ ٻوليءَ کي جيئرو رکندا ايندا ۽ ٻيو جڏھن سنڌي پنھنجا نج اکر چڏي، سنڌي جو جملو جملو، ھک پاسي پارسي ۽ ٻئي پاسي سنسکرت اکرن سان نہ پريندا ويندا. جي ائين ٿيڻ ڏنوسين تہ پوءِ سنڌي سنڌي نہ رھندي، پر ٻي کا گُڊي ٻولي ٿيندي ويندي، جا عام خلق نہ سڃاڻيندي، نہ سمجھندي، نکي کتب آڻيندي...

'مرتب صاحب، 'ھن ڇاپي بابت' جي سري سان رسالي نسبت ھن ريت لکيو آھي :

'ھند سنڌ جي عالمن سڳورن ۽ ادبي شائقن جي خدمت ۾ شاھ صاحب جي رسالي جو ڇاپو، کمال ادب ۽ نياز سان پيش ڪجي ٿو.'

'ھن رسالي ڇپائڻ وقت، پبلشرن پاران نزاکت ۽ صرفي کان کم ورتو ويو آھي. خاصو پنو کتب آندو ويو آھي. رسالي جي جلد سازي ۾ ناھوکي کئي ويئي آھي. رسالي جي صفحي تي کلام ۾ ڪالمن ۾ ڏنو ويو آھي. ھرھک صفحي تي مقرر حد اندر، صفحي جي کلام جي اکرن جي معنيٰ ۽ شرح ڏنل آھي. اھڙيءَ طرح صرفي کرڻ سان شاھ صاحب جي رسالي جو سمورو کلام ۴۷۸ صفحن ۾ اَچي ويو آھي.

'تنھن کانسواءِ کلام کان اڳ، ھک باب ۾ شاھ صاحب جي زندگي جي اَھم واقعن جو مختصر ذکر کيو ويو آھي ۽ ٻئي باب ۾ 'شاھ جي رسالي تي ھک نظر' جي سري ھيٺ رسالي جا مکيہ خيال ڏنا ويا آھن. رسالي جي پچاڙيءَ ۾ ۷ صفحن ۾ شاھ صاحب جون چوند ستون، رسالي مان 'ماڻک، موتي لال' جي عنوان سان پبلشر پاران گڏ کيل آھن. رسالي جي قيمت سادا ٻارھن رپيا آھن.

پروفيسر کليانڻ آڏواڻي جو شاھ جو رسالو نہ رڳو ھند ۾ پر

سنڌ ۾ ٻه اَهڙو پسند پيو جو جلدي خلاص ٿي ويو. انڪري ۱۹۶۶ ۾ ٻيو دفعو اُهو ڇپائڻو پيو. پر اُهو مڪمل بدران مجمل هو جنهن ۾ سُر سپيئي آهن پر ڪن مان بيت گهٽ ڪيل آهن.

ان باري ۾ پروفيسر هندواسي جي ۵ آگسٽ ۱۹۸۴ پرچي ۾ لکيو ته 'ان رسالي کي مطابع ڪرڻ کان پوءِ، سرگواسي سيٺ منگهارام مهتاڻي ايتري قدر تہ وجد ۾ اَچي ويو جو ڪراچيءَ کان اَچي پنهنجي نيڪ نياڻي ديوي ٻائي واسواڻيءَ کي منهنجو نئين طرز (مجمل) تي تيار ٿيل رسالو ڇپائڻ لاءِ تاڪيد ڪري ويو ۽ عمدي ڪاغذ ميسر ڪري ڏيڻ جو بار چيتن ماڙيوالا تي رکيائين.'

هو وڌيڪ لکي ٿو : اِهو مجمل رسالو (۱۹۶۶) ساهت اڪيڈمي وارن وٽ قبول پيو جن وري مونکي انعام سان نوازيو. نہ صرف ايترو پر هند سرڪار مون کي هڪ اديب جي حيثيت ۾ رشيا ۽ فرانس ڏانهن موڪلڻ جو ٻہ شرف عطا ڪيو.

ڪلياڻ جو اهو ٻيو مجمل رسالو ۱۹۶۶ ۾ شايع ٿيو ۽ ساهت اڪيڈمي اوارڊ ۱۹۶۸ ۾ ڏنو ويو ۽ ۱۹۷۰ ۾ هنکي ٽن ليکڪن جي سفارت طور رشيا ۽ فرانس ۾ ڪلچرل ڊيوٽ ناتي موڪليو ويو. اِهو پهريون ڀيرو هو جو پارٽ مان ڪنهن سنڌي ساهتڪار کي رشيا ۽ فرانس جي سئر ڪرڻ جو شرف عطا ٿيو، جنهن لاءِ خود پروفيسر ڪلياڻ ٻہ خواهان هو، خاص ڪري رشيا جي سمرقند، تاشقند ۽ بخارا جي شهرن جو جنجو همیشه شاعرن اديبن ۽ صرافن جي دلين تي جادو جهڙو اَثر پئي ٿيو آهي جئن رشيا ۾ موٽڻ تي بخارا تي لکيل ليکہ ۾ ٻہ لکيو اَٿس.

رشيا جي ٻہ دفعا ياترا ڪرڻ جو شرف هن ڪتاب لکندر (۱۹۷۲ ۾ ڪٽيل سوويت لئنڈ نهرو اَمن انعام ڪري ۽ ۱۹۷۳ ۾ دنيا جي ليکڪن جي ڪانفرنس ۾ سنڌي ساهتڪ عيوضي طور) مليو هو.

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي شاهہ جي رسالي جي ڪري نہ رڳو هند سنڌ ۾ هاڪارو ٿيو پر هنجي ساهتڪ پارکوءَ طور ۽ رسالي جي هاڻوڪي تلفظ ڪري اَهميت ۽ واقفيت وڌي.

باب -٦

ڪلياڻ جي رسالي جي قدرشناسي ۽ اَهميت

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جيِ ١٩٥٨ ع ۾ شاهه جو مڪمل رسالو شايع ٿيڻ سان، جيڪا قدرشناسي، ادبي راءِزني، اِنعامن ۽ سنمان سان ٿي، سا هتي ٻڌي ڪنهن به بزرگ سنڌي ساهتڪار جي نه ٿي آهي. اُنجي شروعات ١٩٥٨ ع ۾ پهرين پهرين بمبئي جي ساهتڪارن جي پهرين سنسڌا ۽ ٻولي تسليمي هلچل جي رهبر سنڌي ساهت منڊل (١٩٤٩) طرفان پروفيسر ڪلياڻ کي سونو ٻلو عطا ڪرڻ سان ٿي. (پڙهو ساهت ڪلا درسني ١٩٨٠)

جڏهن ١٩٦٦ ع ۾ پروفيسر جو ٻيو شاهه جو مڪمل رسالو شايع ٿيو تڏهن اڪل پارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا پاران ١٩٦٧ ع ۾ بئنگلور ساهت سميلن ۾ پروفيسر کي راشٽرپتي وي.وي. گري هٿان سونو ٻلو ڏنو ويو. ان ئي رسالي تي ١٩٦٨ ع ۾ ساهت اڪڊمي انعام ملڻ جيڪو دهليءَ ۾ راشٽرپتي ذاڪر حسين هٿان ڪيس ڏنو ويو.

١٩٦٩ ع ۾ پروفيسر کي باندرا سنڌي پئنچات پاران چانديءَ جي ٽرافي پيٽ ڪئي ويئي. هند سرڪار جي تعليمي وزارت پاران ١٩٧٠ ع ۾ پرفيسر ڪلياڻ آڏواڻي کي ڪلچرل ڊيوٽ جي سلسلي ۾ سووٽ يونين ۽ فرانس ۾ ٽن پارتي ساهتڪارن جي سفارت ۾ موڪليو ويو.

١٩٨٥ ع ۾ ڪيمبرج انٽرنئشنل بايوگرافيڪل سينٽر طرفان دنيا جي ٥٠٠ شخصن جي لسٽ ۾ شامل ڪرڻ سان گڏ پروفيسر کي چانديءَ جو ٻلو پڻ عطا ڪيو ويو.

١٩٨٦ ع ۾ ڪراچي ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ جي ملهايل ورسي شتابدي (صدي) اُتسو ۾ پروفيسر کي ٽرمپ شتابدي شيلڊ عطا ڪئي ويئي جيڪا هو اُتي وڃي وٺي نه سگهيو. انڪري ڪيس گهر ويني موڪلي ويئي.

١٩٨٧ ع ۾ جئن ئي مهاراشٽر سنڌي ساهت اڪڊمي ٺهي

تئن ئي پهرين پهرين پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي يگاني ساهتڪ ديڻ لاءِ ڏهه هزار رپيا انعام ۽ سنمان عطا ڪيو ويو.

۱۹۸۸ ۾ هنڪي بمبئي جي پريه درشني اڪيڈمي طرفان ڏهن هزار رپين جو اوارڊ ۽ سنمان عطا ڪيو ويو. ان ساڳئي سال انٽرنيشنل سنڌي پئنچات فيڊريشن طرفان ڪيس ٽرافي عطا ڪئي ويئي.

۱۹۸۹ ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي کي سرگواسي رام پنجواڻي ٽرسٽ طرفان اُنجي فائونڈر سيڪريٽري پروفيسر ايم.ايس. آڏواڻي هٿان ٽرافي عطا ڪئي ويئي. ساڳئي سال ڊبئي ۾ سنڌ هند جي سنڌين جي سنستا، سنڌي سڀائين گڏ، طرفان پروفيسر ڪلياڻ کي سونو ٻلو ۽ لطيف اوارڊ عطا ڪيو ويو.

۱۹۹۰ ۾ پروفيسر کي مهاراشٽر سرڪار طرفان ساهت اڪيڈمي انعام ڪٽيل ليڪ طور هڪ لک رپين جو گوَرو پرسڪار ڏنو ويو.

هنن انعامن ۽ سنمانن کان سواءِ پروفيسر ڪلياڻ جي شاهه جي رسالي جي اَهميت ان مان به لڳائي سگهجي ٿي ته ان رسالي ظاهر ٿيڻ بعد هتي پارت ۾ اڏ ڊزن ڪن ساهتڪارن کي پنهنجي پي.ايڇ. ڊي. لاءِ هن رسالي مان گهٽي ۾ گهٽي مدد ملي آهي. جن مان هڪ ته ديوناگري لپيءَ جو حامي هو ۽ پنهنجي پي.ايڇ. ڊي ديوناگري لپيءَ ۾ ڇپائي اٽس ۽ حوالا پروفيسر ڪلياڻ جي شاهه جي رسالي مان ئي ڏنل آهن. ان مان ڪلياڻ جي رسالي جي مقبوليت ظاهر ٿئي ٿي.

ان رسالي جو تلفظ لاڙي بدران هاڻوڪو ڪري پروفيسر ڪلياڻ شاهه جي ڪلام کي سولو ڪري عام پڙهندڙن تائين پهچايو جئن شاهه لطيف جي ڪلام جي اَپياسي ۽ ڪوجنيڪ مرليڊر جيٽلي پڻ پنهنجي ڪتاب 'شاهه جو رسالو (هڪ اَپياس)' ۾ چيو آهي جيڪو ۱۹۹۲ ۾ ڇپيل آهي. هن لکيو ته شاهه جي ڪلام کي پارت ۾ عام سنڌين تائين پهچائڻ ۾ هن (ڪلياڻ جي) ڇاپي گهٽي مدد ڪئي

آهي. شاهه جي رسالي جو اِهو ڇاپو ٿورن ئي سالن ۾ وڪامي ويو. انهيءَ ڪري ڪلياڻ آڏواڻي هن رسالي جو ٻيو ايڊيشن 'شاهه جو رسالو (مڪمل)'، نالي سان تيار ڪيو جو شريمتي ليلا ديوي واسواڻيءَ اَپريل ۱۹۶۶ ۾ بمبئي مان ڇپائي پڌرو ڪيو... هي ڇاپو به عام سنڌين ۾ ايترو ته قبول ٿيو، جو اُنهيءَ کي مڪتبه اسحاقيه (ڪراچي وارن) فوٽو آفسيٽ ذريعي ڇپائي سنڌ وارن لاءِ به ميسر ڪيو. سنڌ ۾ انهيءَ رسالي جا به ڇاپا ظاهر ٿيا آهن. جئن ته جدا جدا عالم شاهه لطيف جي ڪيترن ئي بيتن مان الڳ الڳ مطلب ڪڍن ٿا، انهيءَ ڪري ممڪن نه آهي ته ڪلياڻ آڏواڻي جي سمجهاڻين سان سڀئي عالم شاملراءِ ٿين. پر انهيءَ ڇوڙ ۾ وڏاءُ نه آهي ته آڏواڻي صاحب پنهنجن تيار ڪيل انهن ڇاپن ذريعي، شاهه لطيف جي ڪلام جو مطالعو ڪرڻ لاءِ عام سنڌين ۾ گهڻو چاهه پيدا ڪيو آهي.

پروفيسر ڪلياڻ جي رسالن جي آڌار تي ڪيترن ئي ليکڪ لکيا آهن ۽ ڪن پنهنجن ڪتابن ۾ به اُهي شامل ڪيا آهن. پر پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي رسالن جي مدد سان هتي به خاص ڪتاب نڪتا آهن، جن مان هڪ آهي شاهه لطيف جي ڪلام جي ڏکين لفظن جي معنيٰ واري ڊڪشنري 'شاهه فرهنگ' جا گانڌيڏام جي ليکڪ 'تيج قابل' ڇپائي آهي ۽ ٻيو آهي ڪتاب' شاهه جون وايون' جو صاحب بجاڻيءَ ڇاپيو آهي. اِهو يگانو آهي جو سچو چترڪار مينگهراج تلريجا جي سهڻي لکاوٽ ۾ آهي ۽ جنهنجو ڪور جو نڪتل چتر به سهڻو ۽ ٽرنگو آهي. اِهو بجاڻيءَ جي ماءُ سرسوتيءَ پنهنجي پتي سرگواسي مولسنگهه بجاڻيءَ کي اَرپڻ ڪيو آهي.

ان ڪتاب جو مهاڳ شاهه جي رسالي جي مرتب پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جو آهي، جيڪو سچو اڳ ۾ ڇپيل ناهي، جئن ڪتاب ۾ ڇپيو ويو آهي، جو اُن۾، ڇپيل مهاڳ مان پچاڙي جو سچو صفحو ڪٽي ٻيو نئون صفحو لکيل آهي ۽ وڇ۾ به شاهه لطيف کي 'ڪافي جي فن جو باني' سڏيو ويو ۽ ٻيا مڙيئي شاعر سچل سميت شاهه کان

پوءِ آيا آهن. ان مهاڳ ۾ به پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي پنهنجي سنڌ وطن جي ياد ۽ اُنجي ورثي جو مشتاق رهڻ جو اَهم ذڪر ڪيو آهي.

پروفيسر ڪلياڻ جا شاهه جا رسالا نه رڳو هند ۾ پي.ايڇ. ڊي. ڊگري يا مقالا ۽ ڪتاب لکڻ لاءِ ادبين، نقادن، اُستادن ۽ اُپياس ڪندڙن لاءِ مددگار ثابت ٿيا آهن پر سنڌ ۾ به مددگار ثابت ٿيا آهي جئن مرحوم جي. ايم. سيد جي ڏيءَ درشهوار پنهنجي پي.ايڇ ڊي لاءِ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي سان صلاح مصلحت به ڪئي هئي.

مون وٽ سنڌ ماڻ آيل مخزنن مهراڻ، سنڌو، شعور، سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ ادبي بورڊ جا ڪي خاص چپايل پرچا/مقالا رکيل آهن، جن ۾ جڏهن به ڪنهن کي شاهه لطيف تي اُپياس ڪيل مقالو يا مضمون لکڻو پيو آهي تہ هن اکثر ڪري پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي شاهه جي رسالي جو حوالو ڏنو آهي، جئن فبروري ۱۹۸۸ ۾ سنڌ يونيورسٽي پاران بين‌القوامي (اَنترراشٽري) سنڌي ادبي ڪانفرنس ڪوٺايل هئي، جنهن ۾ پيش ڪيل شاهه لطيف جي حياتي ۽ ڪلام تي مقالا، 'نرتي تند نيازسين' نالي چپايل آهي جن ۾ ڇهن ڇڻن مان ڇئن پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي رسالي جو حوالو ڏنو آهي. ان ڪانفرنس لاءِ ادبي بورڊ پاران چپايل 'مقالا' نالي مجموعي ۾ به ڪلياڻ آڏواڻي جي رسالي جو ذڪر آهي. اَهڙي طرح ۱۹۸۸ جي 'شعور' مخزن ۾ بدر اَبڙي جي مقالي 'پٽائي جي ڳولا' جي ڇهن قسطن ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي شاهه جي رسالي جو ئي ذڪر ڪيل آهي. ۽ سنڌو، هفتيوار مخزن جي فبروري-مارچ ۱۹۹۲ جي پرچن ۾ محترمہ مُنگهاڻي جي ڪلياڻ جي رسالي تي عوامي آواز ۾ ڪيل غلط تنقيد کي انور ٽڪڙائي پنجن قسطن ۾ جواب ڏنو آهي.

انهن ڪانسواءِ ادبي بورڊ جي مهراڻ مخزن جي ۱۹۹۴ جي جنوري کان جون واري پرچي ۾ پروفيسر ڪلياڻ تي تہ ڪافي مواد ڏنل آهي. عجب آهي تہ جڏهن هاڻي سنڌ ۾ ڊاڪٽر بلوچ، قاسمي، شاهواڻي وغيرہ جا ورهاڳي ڪان پوءِ نڪتل ڪلياڻ جي رسالي وانگر

رسالا موجود آهن تہ پوءِ ڪلياڻ جي هاڻوڪي تلفظ واري شاهہ جي ڪلام کي ڇو اَهميت ڏيئي ذڪر ڪيو ويو آهي؟ اهو ڏيکاري ٿو تہ ڪلياڻ جو هاڻوڪو تلفظ سنڌ ۾ بہ معقول ۽ مقبول آهي.

جيڪو ڪجهہ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي شاهہ جي رسالي جي هاڻوڪي تلفظ جي تائيد ۾ چئي آيو آهيان، تنهنجي پنهنجي مهراڻ جي ۱۹۹۴ جي جنوري-جون پرچي ۾ سنڌ جي ٻن برک اديبن تاج جويو ۽ نصيرمرزا بہ ڪئي آهي.

تاج جويو چويٿو، ڪلياڻ آڏواڻي شاهہ لطيف جو وڏو عاشق، شارح ۽ ٽيڪاڪار هو. هن شاهہ جي رسالي جي ٻوليءَ کي جديد سنڌي صورتخطيءَ ۾ پيش ڪري ۽ بيتن جي سليس معنيٰ ڏيئي عام پڙهندڙ کي شاهہ جي اَهميت سمجهائڻ ۾ وڏو ڪردار اَدا ڪيو آهي.

آءٌ زندگي جي اُنهن گهڙين کي وڏي نعمت ٿو سمجهان، جن ۾ مون دادا ڪلياڻ آڏواڻي سان مختصر ملاقات ڪئي ۽ هن عظيم انسان، پنهنجن موتين جهڙن لفظن سان پنهنجي شاعري جو ڪتابڙو 'راز ۽ نياز' مون کي لکي ڏنو هو. اهو ڪتابڙو ۽ اُن تي سندس اَمر ۽ لافاني لفظ مون لاءِ زندگيءَ جو سرمايو رهندا.

نصير مرزا لکيو آهي 'اسان جي ڪلاسيڪل شاعري جو سڄو فريم ورڪ تصوف تي ٻڌل آهي ۽ اَهڙي شاعريءَ کي سهيڙڻ، سموهڻ، اُن جي آسان ۽ عام فهم انداز ۾ شرح لکڻ ۽ اُن کي مرتب ڪرڻ، ڪجهہ اَهڙا ڪم آهن، جن لاءِ محقق (ڪوجنيڪ) جو سڏارٿ (گوتم) هجڻ لازمي آهي. ان پس منظر ۾ سنڌ جي ٻن جائنٽس، (Giants) 'لطيف سائين' ۽ 'سچل سرمست' تي جڏهن ڪلياڻ آڏواڻي جو ڪم ڏسجي ٿو تہ اُن ڏس ۾ هو واقعي تحقيق جي ميدان جو سڏارٿ نظر اچي ٿو.

ڪلياڻ آڏواڻي صاحب جي نالي کي، لطيف سائين جا جيڪي نهايت معياري شارح ۽ مرتب آهن اُنهن مان هڪ اهم شارح ڳڻيو وڃي ٿو. قطع نظر هن محترم محقق جي اسان وٽ کي محقق

۽ شارح تہ اَهڙا بہ ٿي گذريا آهن، جن کان جيڪي پڳو آهي، اهو هو لطيف سائين سان روا رکي وڃي پار پيا آهن. هڪ پاسي کنهن محقق سڃي جو سڃو ڪو سُر رسالي مان ڪڍي ڪٽي ڏار ڪيو تہ کنهن ٻئي وري بيتن جا بيت ڪڍي ڪٽي ڦٽا ڪيا تہ اُهي لطيف جا آهن ئي ڪونہ ۽ جواز هر محقق وٽ لڳہ پڳہ ساڳيو تہ لطيف سائين کي پنهنجي محقيق جي (خود ساختہ) چاڻيءَ ۾ چاڻي اُجرو ۽ ڏوئي صاف ستڙو پيا ڪريون... ۽ اُن ڏس ۾ ڪلياڻ آڏواڻي صاحب کي هٿي آفرين ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي تہ هن بزرگ سيڪيولر ذهن سان ۽ هر مذهب ۽ هر فرقيواريت کان مٿانهون ٿي لطيف سائين کي اختصار سان سهيڙيو. سموهيو ۽ مرتب ڪيو. لطيف جي حوالي سان هن جي ڪريڊٽ تي وڏي ۾ وڏي ڳالهہ تہ هيءَ آهي تہ هن اُن جي قديم پڙهڻي کي موجوده صورتخطي ۾ ڪنورٽ (بدلي) ڪيو. اُن کان سواءِ هر بيت جي سامهون اُن جي سمجهاڻي ايڏي تہ عام فهم ۽ سليس انداز ۾ لکي آهي جو ادب جي شاگرد کان وٺي عام رواجي پڙهيل ماڻهوءَ تائين هر شخص، لطيف مان لطف ماڻي سگهي ٿو. ان کان سواءِ ڏکين لفظن جي هيٺ حاشئي ۾ معنيٰ پڻ هن جي مرتب ڪيل رسالي کي وڌيڪ ڪارائتو بڻائي ڇڏيو آهي. لطيف سائين جي حياتي ۽ ڪلام جي اوکہ ڏوکہ بہ ان ڏس ۾ آڏواڻي صاحب مفروضن (خيالي) جي بجاءِ سائنٽيفڪ انداز سان لکي آهي.

'انهن ۽ ٻين اڻ ڳڻين خوبين باعث ئي ڪلياڻ آڏواڻي صاحب جو مرتب ڪيل لطيف سرڪار جو اِهو رسالو ٻين ڇاپن جي پيٽ ۾ هن وقت سڃي دنيا ۾ 'بيسٽ سيلنگ' جو رڪارڊ قائم ڪري چڪو آهي.

مون وٽ سنڌ جون مخزنون ۽ ڪتاب اَڄا بہ وڌيڪ آهن، جن ۾ شاهہ لطيف تي ڇپيل ليکن/مقالن لاءِ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي شاهہ جي رسالي مان حوالا ڏنل آهن، جئن مٿي بہ ٻڌايو اَٿم. هٿي هاڻي رڳو سنڌ جي ٽن اديبن جو ذڪر ڪندس، جيڪي پارت

۾ آيا ۽ مون سان ۽ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي سان به گڏيا. پوءِ سنڌ ۾ موڪي وڃي پنهنجي پارٽ جي سفر تي ڪتاب لکيائون. اَهڙو پهريون ڪتاب آهي 'ديس بديس.' اُن جو ليک آهي عبدالحئي پليجو. ڪتاب ۱۹۸۶ ۾ شايع ٿيل آهي.

پاڻ پليجو لکي ٿو، اسانجي خواهش هئي ته بمبئي ۾ سنڌين سان گڏجون. پهريائين پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي گهر ويا سين. هو هڪ برڪ سنڌي محقق ۽ اديب آهي. سندس سهيڙيل 'شاهه جو رسالو' هندستان ۾ ڇاپيو ويو ۽ بعد ۾ ڪراچي جي 'مڪتبهٔ اسحاقيه طرفان ٻيهر ڇاپيو ويو. اهو ساڳيو رسالو سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد (جنهنجو روح روان سنڌ جو نامياروادیب ۽ هڏ ڏوکي محترم محمد ابراهيم جويو آهي) طرفان ڇاپي پڌرو ڪيو ويو آهي شاه سائين جي رسالي تي ڪلياڻ آڏواڻي جو نچوڙ نور ۽ پيار جو پورهيو سنڌ ۽ لطيف سان اَٽ مئي عقيدت ۽ محبت جو اظهار آهي. ڪلياڻ آڏواڻي سان ڪچهريءَ دوران سنڌ ۽ سنڌي ادب بابت ڪافي گفتگو ٿي. پاڻ سنڌ ۽ سندس سنڌواسي دوستن بابت گهڻي پڇا ڪيائين ۽ اُنهن لاءِ سلام ڏنائين. ان مان اِهو به ظاهر آهي ته پروفيسر کي سنڌ ۽ سنڌواسين لاءِ ڪيڏي نه سڪ هئي.

ٻيو ڪتاب آهي 'قدم ڪاپڙين جا (۱۹۸۷)' اُهو فقير اِمدادعلي سرائي جو لکيل آهي جيڪو شاهه لطيف جي گهڻ ٿيل ڪلام کي ڪ۾ مان ڳولڻ لاءِ بمبئي آيو هو. اُنکي به پليجي وانگر پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ سان، ملاقات ڪرائي.

سرائي لکي ٿو، 'پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، پاڪستان کان اڳ، سنڌ ۾ نالي وارو عالم ۽ اِسڪالر هو ۽ پروفيسر هو، جنهن هندستان ۾ 'شاهه جو رسالو' ديوي ٻائي واسواڻيءَ جي منٽ ۽ خرچ تي، معنيٰ ۽ شرح سان لکي شايع ڪرايو، جيڪو سنڌ ۾ به اَڄ ڪلهه ملي ٿو. هو عربي ۽ پارسي جو به عالم آهي ۽ شاهه سائين جو ڇڪ وَڌيو مريد ٿي لڳو. اسان سان حالي اَحوالي ٿيندو رهيو. هن سڀ کان پهرين سائين

حاجي خان خواجي (سابق هيڊماسٽر نوابشاهه هاءِ اسڪول) جي خيريت پڇي جو سندس ننڍپڻ جو سنگتي آهي. خيالن جي خوب ڏي وٺ ٿي. هي عالم اديب ۽ سندس شاهه جو رسالو ڏاڍو وڻيو. ائين پئي سندس صحبت وٽي جئن شاهه صاحب چيو:

'ڏٽي ڪرم ڏار پاڙو تن پرين ڪان.'

''پروفيسر علم ۾ پريل پندار پنهنجو مت پاڻ آهي. تہ بہ هنکي پنهنجي علم يا وديا تي ڪنهن بہ قسم جو ايمان يا بانور ڪونہ هو ۽ اِهائي پرک آهي سچي عالم جي جئن پٽائي صاحب فرمايو آهي :

(پڙهڻ تہ پُرجهڻ، نا تہ پڙهڻ آهہ مذاق)

ٽيون سنڌ جو اديب آهي ياءُ ايس-عبدلغفور جنهن ۷۰ جي ڏهاڪي ۾ ماهوار ادبي مخزن ملير ڊائجيسٽ ڪڍي هئي، اُنہ هن شاهه لطيف ۽ سنڌي بوليءَ جي ڦهلاءَ لاءِ پاڻ خوب پتوڙيو هو. ملير هاڻ بند آهي. هو ۱۹۸۶ ۾ بمبئي ۾ آيو هو ۽ پاڻ سان شاهه لطيف جو چونڊ ڪلام انگريزيءَ ڪتاب ۾ ڇپائي ڪڍي آيو جيڪو ۱۹۸۶ ۾ وشوَ شانتي سال ملهائڻ لاءِ ڪراچي ۾ شاهه جي رسالي جي پهرئين مرتب ڊاڪٽر اَرنيسٽ ٽرمپ جي ورسيءَ جي پهرين شتابدي تي مهورت ڪري آيو هو. اُهو سوا ٽن‌سؤ صفحن جو ڪتاب ڪارڊ پني تي دلڪش نموني ۾ ڇپيل آهي. باهران شاهه جي ٽرنگي فوٽي وارو ڪور اَڇس. اَهڙو عاليشان ڇپيل شاهه جو رسالو ٻيو نہ ڏٺو اٿم. هن ڪلام جي معنيٰ ۾ گانديجي ۽ ٽئگور، ٽالستاءِ، گيتا، ڪرشن، ساڌو واسواڻي، سنت ڪبير، تڪارام وغيرہ جا حوالا ڏنا آهن ڪتاب جو نالو آهي.

Celestial Sunrise from Sind يعني ' سنڌ مان بهشتي باڪ'. ياءُ عبدالغفور شاهه جي انگريزي ترجمي کي سچ پچ تز سرو 'سنڌ جي بهشتي باڪ' ڏنو آهي. ۽ ڪور تي شاهه سائين جي مشهور بيت:

جي تو بيت پانيا، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

جو اَنگريزي ترجمو ڏنو آهي.

What your think to be Verses
are celestial signs of love
They will make your heart move
in the direction of beloved

(عبدالغفور جو مطلب آهي تہ آيتون خدا جو الهام آهن)

ڪتاب ۾ رسالي مان ۷۸۶ بيت (يعني ٽيون حصو) آهن جيڪي هن ترجمو ڪرڻ تي ۷ سال لڳايا هئا. اهي سڀ بيت عبدالغفور پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي بمبئيءَ ۾ ۱۹۵۸ ۾ مرتب ڪيل شاهہ جو رسالو (مڪمل) مان چونڊيا آهن. هو اُن رسالي کي هيلتائين نڪتل سڀني رسالن کان بهترين ٿو سڏي ۽ پروفيسر ڪلياڻ جي سمپادڪيءَ کي ڪمالیت جو ڪارنامو ٿو ڪوٺي، جنهن جو عبدلغفور تهدل شڪر گذار آهي. هو بمبئي ۾ مون سان گڏجي پروفيسر ڪلياڻ جي گهر هلي پيرين پئي اِهو انگريزي ڪتاب پيٽ ڪري آيو هو.

عبدالغفور جو پروفيسر ڪلياڻ جي مرتب ڪيل شاهہ جي رسالي ۽ سندس سمپادڪي لاءِ بهترين ڪمالیت جا لفظ سؤ سيڪڙو صحيح آهن ڇو جو پروفيسر جي رسالي جي لاڙي تلفظ بدلي هاڻوڪو تلفظ ڪم آڻڻ ڪري شاهہ جو رسالو عام ماڻهن جي پڙهڻ جوڳو ٿيو آهي، جئن هند ۽ سنڌ ۾ اُن رسالي مان مدد ورتل ساهتڪارن ۽ هننجي لکيل ڇپيل رچنائن ۽ راين مان پڌرو ٿيو آهي.

پر ڪي ڪلياڻ جي رسالي جي هاڻوڪي اُچارن جا جيڪي مخالف آهن سي پاشا وگياني، اتهاسڪار، پاڙهندڙ اُستاد ۽ سياستدان آهن، جيڪي تمام ٿورا آهن جئن پارت ۾ اِن مخالفت جو اڀسڏو اظهار خود ڪلياڻ جي ۱۹۵۸ ۾ مربت ڪيل رسالي جي ڇپائيندڙ هندستان اَخبار جي مڪيہ ۾ مڪيہ سرڪردي شري جيرامداس جي مهاڳ ۾ نظر اچي ٿو. جئن هن صاف لکيو آهي شاهہ جي هٿن جي هيرن جواهرن جي جڙت کي سڌاري پئي ڪنهن چالو دول پٽاندر

نئين سر گھڙڻ نہ جڳائي. رسالي جا 'ماڻڪ موتي لال' جئن گھڙي ڏنا اُتس، تئن ئي قبول ڪرڻ گھرجيئون انھن لفظن ۾ جيرامداس جي مخالفت پڏري آھي.

ليڪن عجب اھو آھي تہ جيڪو شخص سنڌي صورتخطيءَ جي جھوني شڪل ۾ قيرقار جو وروڌ ڪري ٿو، تنھن سنڌي ٻولي جي ھاڻوڪي ھڪ سؤ سالن کان ھلندڙ سنڌي ٻوليءَ جي لپي (صورتخطي) عربي شڪل مان بدلائي ھندي ديوناگري ڪرڻ لاءِ پاڻ خود ھلچل ھلائي. جنھن کي اَڄ ۵۰ سال ٿيو آھي پر سندس مقصد برٿواب نہ ٿيو آھي جو جيڪي بہ سوين ساھتڪار، پترڪار لکندڙ آھن سي پنھنجون رچنائون ۽ ڪتاب ھاڻوڪي ھلندڙ سنڌي لپيءَ ۾ ڇپا ڇپائين، خود ديوناگري لپيءَ جي ھام ھڻندڙ بہ سنڌي لپيءَ ۾ ڇپا ڪتاب ڇپائين. نہ ڪو وري سنڌي لپيءَ وانگر ڪو نيم سان ھلندڙ ۽ سڀ وشيون پاڙھيندڙ ديوناگري لپيءَ جا مڊل ۽ ھاءِ اسڪول آھن.

خود شاھ لطيف جي ڪلام کي سمجھڻ لاءِ ھاڻوڪي سنڌي لپي تمام ضروري آھي جئن ۱۹۶۲ ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي نئين دنيا پاران ڪيل 'شاھ سچل سامي' ڪتاب ۾ ڏنل 'شاھ ۽ سنڌي' نالي ليکہ ۾ بہ ڇپيو آھي.

ھن لکيو آھي : اھا نھايت حيرت ۽ حسرت ۾ وجھندڙ حقيقت آھي جو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي وساري ڇڏڻ جون فرمائشون بہ اسان جي قوم جي ڪن سرڪردن وٽان ئي جاري ٿيون آھن. ھڪ طرف ڪوجنا جي اھميت تي زور آھي ٻئي طرف ٻوليءَ کي ترڪ ڪرڻ جون مصلحتون آھن. قوم جي رھنمائي ھينئر وڃي سڀڪان جي حوالي ٿي آھي. سنڌين جي مڙني مسئلن جو حل ۽ سڀني دردن جو درمل ديوناگري کي ئي سمجھيو ٿو وڃي! ٻوليءَ کان نفرت، لپيءَ لاءِ حقارت، غير سان اُلفت، پنھنجي پھر سان ڪلفت....

'سنڌي ويچارو صوفي لا ڪوفي آھي. ڪنھن سان بہ سندس ويرنہ آھي. ھنکي سيني ذاتين ۽ قومن لاءِ ھڪ جھڙو قرب ۽ محبت

آهي، باقي ديوناگري دواران، سڀ قومون هڪ ٻئي جون حبيب ۽ قريب ٿين، سو هڪ اَهڙو معجزو آهي، جو ڪو وَلي يا پيغمبر بہ نہ ڪري سگھندو. شاھ صاحب اسان کي اڳيئي آگاھ ڪري ويو آهي:

'ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪھڑا پرين'

پروفيسر اڳتي هلي لکي ٿو، 'شاھ کي سمجھڻ لاءِ جي سنسڪرت جي وديا جي ضرورت آهي تہ پارسي ۽ عربي جو علم بہ لازم آهي. انهن مان ڪنهن بہ هڪ کان ڪنارو ڪرڻ عبث آهي. علم ۾ حجاب ڪرڻ لازم نہ آهي. نج سنسڪرت شبد تہ هنديءَ مان ئي معلوم ٿيو وڃن، پر پارسي ۽ عربي توڙي بين بولين مان نڪتل لفظن کي سمجھڻ ۽ نج سنڌي آواز اُچارڻ لاءِ موجوده لپي ئي موزون آهي رڳو ديوناگري سنڌي سکڻ سان سنڌي ادب کان گھڻي قدر محروم ئي رهڻو پوندو. انهيءَ حال سان هن کان پوءِ اسان ۾ ڪو قليچ يا گربخشاڻي پيدا ٿي نہ سگھندو، بلڪ سنڌي زبان خودفاني شين ۾ شمار ٿي ويندي.'

پروفيسر وڌيڪ لکي ٿو سامي جا سلوڪ توڙي رسالي جو انتخاب ديوناگري ۾ شايع ٿيا آهن، پر گھڻن سنڌي سدورن ۽ قربائتن کي اُنهن مان فيض ورتو آهي؟ تنهن جو علم اسان کي نہ آهي. اسان جي نئين نسل کي جنهن صورت ۾ ديوناگري رسم الخط (لپي) اڳيئي اَچي ٿي تہ باقي اُن کي موجوده آئيوٽا جي علم کان محروم رکي ڇو ٿو سنڌي جي سرچشمي مان سرڪين پيڻ کان سڪايو وڃي؟ افسوس جو ڪيترن معصومن کي تہ اِها بہ آزادي حاصل نہ آهي، جو جنهن لپيءَ ۾ وٽين تنهن ۾ تعليم پرائي سگھن. درسي ڪتاب ادب ۽ لُغت تہ درڪنار مورڳو ڪنهن سنڌي اَخبار يا مخزن پڙهڻ کان بہ سکيا پيا آهن.

پروفيسر ڪليان آخر ۾ لکي ٿو، جن جي عربي لپي کان توبھ زاري آهي تن خود ديوناگري جي سونهن بہ بگاڙي ڇڏي آهي. جتي ڪو سنڌي آواز ميسر نہ آهي، اُتي ديوناگري جي اصلي صورت

ڪي نقطن ۽ ليکن جي نقلي خط وخال ۽ زيورن سان سينگاريو پيو وڃي. خبر نہ آهي هيءَ کڻڙي نقش ونگاري ۽ رزگري آهي. وري جن جي موجوده لپيءَ سان اَزلي محبت آهي، تن جي مٿان اَبدي خنده نازل آهي، جيتوڻيڪ ديوناگري وارا صاحب اِهو تسليم ٿا ڪن تہ سنڌيءَ ۾ عربي ۽ پارسي لفظن جو ڇڪو انداز موجود آهي...

'... سنسڪرت، پارسي ۽ عربي شاهہ جي ڪلام ۾ ادغام اعراب مثل آهي. حجاب ۾ هلي اُنهن مان ڪنهن جو بہ ديد وجائڻو نہ آهي. ڪنهن بہ قوم جو پنهنجي زبان ۽ ادب ڪانسواءِ جيئڻ کڻڙي حساب ۾ آهي؟

کڻڙي منجهہ حساب هئڻ منهنجو هوتہ ري،
ديد وجاءِمَ دوست جو دهلي منجهہ حجاب
ڪسرت آهي قرب ۾ اِدعام ۾ اغراب (شاهہ)

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جو سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ جي حق ۾ هي بهترين مضمون اڄ بہ نت نئون ۽ اَهم آهي. اُهو ۱۹۶۲ ۾ نئين دنيا جي خاص شاهہ سچل سامي پرچي ۾ ڇپڻ وقت پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ کي بہ ڏاڍو ويٺو هو جو اُنکي اُن پرچي جو خاص معياري مضمون سڏيندي نئين دنيا مارچ ۱۹۶۲ ۾ رايي ۾ لکيائين: 'ڪلياڻ آڏواڻي جي مضمون 'شاهہ : سنڌي ٻولي' ۾ ڏيکاريل آهي تہ ديوناگري لپيءَ دواران سڀ قومون هڪ ٻئي جون حبيب ۽ قريب ٿين سو هڪ اَهڙو معجزو آهي جو ڪو ولي يا پيغمبر بہ نہ ڪري سگهندو.'

يعني شاهہ جي ٻولي ديوناگري لپي ۾ لکڻ عبث آهي. انهيءَ رايي سان ڪو سهمت ٿئي يا نہ پر هن مضمون ۾ پروفيسر صاحب عبارت اَهڙي شاندار رنگين موزون ۽ ساڳئي وقت عام فهم ڪم آندي آهي جو هنڪانپوءِ ڪنهن کي بہ شڪايت ڪرڻ جو ڪارڻ نہ ملندو تہ هو دقيق فارسي آميز ٻولي ڪانسواءِ سليس سنڌي ڄاڻيئي ڪانہ.

پروفيسر ملڪاڻيءَ برابر سچ لکيو آهي، متئين ليکہ مان نہ رڳو ڪلياڻ جي سليس سنڌي عبارت جي سڌ پوي ٿي پر ٻوليءَ جي سڪ جو بہ ساڻ نظر اَچي ٿو.

باب -٧

سنڌ ۽ سنڌي ٻولي ۽ لاءِ سڪ

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جئن ئي ورهاڱي جي ڪري سنڌ مان لڏي پارت آيو آهي، تئن ئي اُنجي تات پئي تنواري ۽ پنهنجي جيجل ٻولي ۽ اُنجي ڳالهائيندڙن سان ڳل لڳي ڳالهيون پئي ڪيون، اُنجي ڪجهه جهلڪ اڳئين باب مان ملي. پر پاڻ ۾ اُن جو اظهار پنهنجين لکڻين ۾ پئي ڪيائين. اصل سرڳواس ٿيڻ کان هڪ سال اڳ پئي ساڻيهه کي ساريائين. جئن هندواسي جي پهرين آگسٽ ١٩٩٣ جي پرچي ۾ 'دوستي' نالي ليکه ۾ لکيائين، تازو سنڌ مان احوال آيو ته منهنجو گهرو ۽ سچو مسلم دوست جنهن مونکي سلامتيءَ سان سنڌ مان روانو ڪيو، سو هن فاني دنيا کي الوداع ڪري ويو! سندس ههڙا سو نهري مثال مخزن ۾ اچن پيا جي ڇڻ برسات جي مند ۾ ريگستاني گلن مثل آهن.

وڌيڪ لکيٿو، 'سنڌ مان لڏڻ وقت جيڪي حالتون هيون، تنهن جو احساس سيني سنڌين کي هوندو. هينئر ۽ مان اُن جو تصور ڪندو آهيان ته هوش جاءِ نه رهندو آهي ۽ عجب ڪائيندو آهيان ڪئن هتي صحيح سلامت پنهنجي پيرسن مائٽن ۽ هنج ۾ ڪنيل پارن سان رب جي سايي ۾ دوست جي مدد سان اچي پهتس. اُنهيءَ دوست جا ٿورا هرگز لاهي نه سگهندس، جيسين حيات آهيان. پر هي مضمون سندس ئي ياد ۾ ٿو لکان.'

پروفيسر جي سنڌ ۽ سنڌواسين جي سار ۽ سڪ جي تصوير عمر قاضي پنهنجي پارت جي سفرنامي 'ديسين وت پرديس ۾' (١٩٨٤) اِجهو هينئن چٽي آهي :

'باندرا ۾ سنڌي ڪالوني جي مين گيٽ جي بلڪل سامهون بزرگ اديب سائين ڪلياڻ آڏواڻي جو گهر هو. در تي سندن نالو سنڌيءَ ۾ لکيل هو. منهنجو خيال هو ته آڏواڻي صاحب وڏي عمر جو

آ، ڇُرندو پرندو بہ مشڪل سان هوندو. پر جڏهن دروازي تي پاڻ آيو تہ مان ڪيس ڏسي حيران ٿي ويس، ڪيس پئنٽ ۽ شرٽ پيل هئي. ٻانهون ڪولي ٻاڪر پائي مليو ۽ اسان کي اندر وٺي هليو، ويهندي ئي چيائين : سنڌ مان ڪو ايندو آهي تہ اسان جي عيد ٿي ويندي آهي. پوءِ ٻڌايائين تہ سنڌ ۾ منهنجا بہ گهاٽا يار آهن-هڪ مسٽر غلام حسين بالادي ۽ ٻيو ايڇ ايم خواجہ. پر هنن سان ملئي ايترو وقت ٿي ويو آهي جو هاڻ تہ سندن شڪليون بہ ياد ڪونہ اَٿم. جڏهن ورهاڱو ٿيو تہ منهنجا ٻيا مائٽ سنڌ ڇڏي ٻارت هليا آيا. مان اُتي رهي پيس. پر ڪجهہ وقت کان پوءِ حالتون وڌيڪ خراب ٿي پيئون تڏهن هنن دوستن چيو : آڏواڻي، ٻن ٽن مهنن لاءِ ٻارت هليو وڃ، تيسيتائين حالتون ٺيڪ ٿي ويندیون پوءِ موٽي اَچجانءِ ۽ مون جڏهن سنڌ ٻئي ڇڏي تہ هنن جون اکيون ٻرجي آيون هيون. اها ڳالهہ ڪندي انهيءَ وقت خود آڏواڻي صاحب جون اکيون بہ ٻرجي آيون ۽ آڏواڻي صاحب چپ ٿي ويو. ڪجهہ دير تائين عجيب خاموشي چانئين رهي. مونکي ائين محسوس ٿيو تہ جڻ هينئَر هينئَر ورهاڱو ٿيو آ ۽ آڏواڻي صاحب هينئَر هينئَر پنهنجن پيارن دوستن کان وڇڙيو آهي.'

پروفيسر جي سنڌ ۽ سنڌواسين جي وڇوڙي جو نظارو اُن وقت خود مون پنهنجن اکين سان ڏٺو جو سفرنامو لکندڙ عمر قاضي کي مان ئي هن سان ملائڻ لاءِ وٺي آيوهوس جئن سفرنامي ۾ اَڳيان لکي آيو هو.

پروفيسر کي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ايڏي تہ تات تنوار هئي جو نہ رڳو گهر ۾ پر ٻاهر ميڙن مجلسن ۾ ذڪر ڪرڻ تہ ڇڏيو اصل پرڏيهہ جي ياترائن ۾ بہ سنڌ، سنڌواسين ۽ سنڌي ٻوليءَ کي خوب ياد ڪيو آهي. هڪ اَهڙو ئي ليکہ هندواسي ۾ ۳۱ جولاءِ ۱۹۸۸ ۾ ڇپيس جنهن جو سرو آهي 'بخارا' اُهو سوويت يونين جي ڪيل ياترا بابت آهي.

پروفيسر اُن ۾ لکيو آهي، 'بخارا سمرقند ۽ تاشقند هميشہ

شاعرن، اديبن ۽ صرافن جي دلين تي جادوءَ جھڙو اَثر پئي ڪيو آھي. شڪارپوري سينين ۽ صرافن جو سنڌ بخارا سان صدين کان هلندڙ ھو، پر دنيا ۾ نيٺ هر چيز جو خاتمو ٿيو وڃي. هينئر نه رهي اُها شڪارپور، نه اُهي صراف ۽ سينيون ۽ نه اُها بخارا.

'ڪاليج ۾ حافظ شيرازي جو هي مشهور شعر پڙهيو هوسين:

جيڪڏهن شيراز جو محبوب اسان جي دل وٺي ته سندس ڪاري تر مٿان سمرقند ۽ بخارا گهوري ڇڏيان. وري ٻئي هنڌ ٿو شعر چوي ته منهنجو شعر ڪشمير ۽ سمرقند جون نازنينون ڳائيندڙيون ۽ ڳائيندڙ نچندڙيون. دل ۾ تڏهن کان اها پياس هئي ته سمرقند ۽ بخارا جو ديدار اکين سان ڪجي. اِهي ٽيئي شهر مون ۱۹۷۰ ۾ ڏٺا جڏهن هند سرڪار جي نوازش سان رشيا ۽ فرانس جي دوري تي ويو هوس. اهي ٽيئي شهر اڳي اسلامي حڪومتن هيٺ هئا، هينئر رشيا جي راڄ ۾ آهن. تنهي شهرن ۾ سياري جو رعب هو. پهرين ذڪر بخارا جو ٿو ڪريان ڇو جو اسان جي شڪارپوري سينين لاءِ اهو واپاري مرڪز هو ۽ اسان لاءِ فخر جو نشان آهي. مونکي ته عجب آهي ته سينين جا قافلا قيمتي سامان کڻي ڪيئن انهيءَ خطرناڪ خشڪيءَ جي پنڌ جون منزلون طئه ڪندا هئا. وات تي قهري جبل ۽ لوڙائن (قورن) سان پريل لَڪَ هئا. جئن شاهه سنڌورڪين لاءِ ٿو چوي:

لنڪا لنڪا ڪن جي لنڪائون اوهريا،
سڻي سون لنڪا جو سڪ نه سامونديين.

''حيدرآباد جا سنڌورڪي لنڪا لنڪا ڪندا هئا، شڪارپور جا صراف بخارا بخارا، اِهو ئي منتر ڪين شڪتي ڏيندو هو. شڪارپوري سينيون اَڄا تائين نهايت منا ۽ ملايم طبيعت جا آهن ان ڪري ئي شايد شوخ طبع قومن تي شيرين زبانيءَ سان غالب پئجي ويندا هئا.

..... 'بخارا ۾ اسلام کان اڳ بدڙ ڏرم وارا، ڪرستان ۽ پوءَ رهندا هئا... هينئر اُهو ڪپهه ۽ سلڪ کان مشهور آهي ۽ بي پيداش

اٽس اُن ۽ انگور. شڪارپور جا سينيون ۾ اُتي سلڪ، غاليچا، جواهرات ۽ ٻيو قيمتي سامان ڪٽي ويندا هئا. بخاراجا ۾ حصا آهن. جهونو ۽ نئون. جهوني ۾ اسان کي سنڌ جي شهرن جهڙيون سوڙهيون گهٽيون نظر آيون. گهٽين ۾ نل، جي سنڌ وانگر هودين جي اندر هئا. گهٽين جي پاسن کان ڪي پيرسن مرد ڏڪين تي مسلماني لباس ۾ ويٺا هئا ۽ عورتون گهروٻيون رکيو ويٺيون هيون. انهن کي لباس سنڌ جي ڳوناڻين مسلمان عورتن جهڙو هو. يعني ڊگهو گها گهرو يا پهراڻ.... انهيءَ جهوني حصي ۾ ئي هڪ پٿر جي عمارت گنبذن سان آهي، جنهن کي اِنڊين مارڪيٽ يا سلڪ مارڪيٽ يا جويلري (جواهري، مارڪيٽ ٿا سڏين. اِها عمارت ئي آهي جنهن ۾ اسان جا سينيون قمتي مال آڻي رکندا هئا ۽ پوءِ وچ اوپر سان هنڊين رستي واپار ڪندا هئا. سندن هُنڊيون ائين هلنديون هيون، جئن هينئر امريڪي ڊالر جن جو رشيا ۾ اَڄ ۾ مرتبو اعليٰ آهي. عمارت بند هئي پر نمسڪار ڪرڻ جو شرف ڏنائين... هتي گهر سيبٽي گهٽو ڪري متي ۽ ڪاٺ جي ملاوت مان ٺهيل آهن، جئن سنڌ جي شهرن ۾ ۾ ڏسبو هو. مردن توڙي زالن کي گهٽو ڪري سمورا يا هڪ ۾ سونا ڏند پيل هئا. مونکي ته سارو نظارو ڏسي سنڌ جي ڳوٺن ۽ بکراڻن جي ياد اَچي پيئي چو ته هڪ هنڊ ڊُهلن سان گڏ شرنايون پئي وڳيون. سمجهيم ته حيدرآباد ۾ موٽي آيو آهيان چو ته اُتي اُهو ساڳيو سنڌ وارو لطف هو. اسان جي ڊرائيور ٻڌايو ته اِهو پٽ جمڻ جو شادمانو ۽ محفل پوري ٿي هئي.

.... نئين حصي ۾ شاهي رستا، عاليشان عمارتون، سئنيمائون، اسپتالون، اسڪول، ڪاليج ۽ هاسٽلون وغيره حيرت انگيز منظر لاءِ بينيون هيون. يادگار سڀ پراڻي حصي ۾ آهن. اُتي هڪ شاهي سڙڪ آهي، جنهن کي سلڪ روڊ ٿي چيائون، مارڪو پولو ان رستي تان لنگهيو هو. اهو رستو روم کان چين ڏانهن ٿو وڃي. اُتان ۾ رستا هڪٻئي جي سامهون اَچي ٿا ملن. هڪ افغانستان ڏانهن (هندستان ڏانهن) ۽ ٻيو مڪي شريف. سمرقند ۾ شاهي رستي تي

آهي ۽ ٢٨ ڪلوميٽر بخارا کان پري آهي. اُن کي چيائون ٽي سمتن ڏينهن جو قافلائي مفاصلو، هوائي سفر هڪ ڪلاڪ جو آهي. شاهه لطيف به سرسارنگ ۾ وڃن کي اِهائي وات وٺائي آهي :

وڃون وسڻ آئيون چوڏس ۽ چوڏار،
ڪي اُٽي ويئون آستنبول ڏي،
ڪي مَٽيون مغرب پار،
ڪي چمڪن چين تي،
ڪي لهرن سمرقندين سار،
ڪي رمي ويئون روم تي، ڪي ڪابل ڪي قنڌار،
ڪي دهليءَ، ڪي دکن، ڪي ڳڻن مٿي ڳرنار...

استنبول ترڪيءَ ۾ آهي ۽ ڪابل ۽ قنڌار افغانستان ۾، استنبول کان پوءِ ئي روم ٿو اچي ۽ ڪابل قنڌار کان پوءِ دهلي.

بخارا ۾ ڏسڻ لائق يادگار آهن: امير جو محل، جامع مسجد، رنگين منار، ميوزم، پوءِ ايشيا جي وڏي ۾ وڏي مسجد ٻاهران ڏنسين جا حيدرآباد جي قلعي وانگر پئي لڳي.

بخارا، تاشقند، سمرقند جو پروفيسر ڪليانڀ آڏواڻي جو اَحوال پڙهي مونکي به اُتان جي ياترا ياد آئي جا ١٩٧٣ ۾ رشيا ۾ ٿيل آفريڪي ايشيائي ليکڪن جي ڪانفرنس ۾ سنڌي ليکڪ طور شرڪت دوران ڪئي هئم. اُن ڪانفرس ۾ سنڌ مان جمال اَبڙو ۽ لاهور مان مشهور اُردو شاعر فيضن اَحمد فيضن ۽ دهليءَ مان سجاد ظهير ۽ بچن (اَميتاب جو پيءُ) پيشم سهاني (هندي ۽ اُردو) سباش مکرجي (بنگالي جنهنجي استري گيتا مکرجي پارليامينٽ ميمبر آهي) چليءَ جو جڳ مشهور شاعر پبلو نرودا وغيره به شامل ٿيا هئا.

پروفيسر ڪليانڀ هن ياترا واري ليکه ۾ سنڌ ۽ سنڌواسين حيدرآباد سنڌ، شڪارپور ۽ اُنهنجي سينين ۽ سنڌ ورڪين وغيره کي خوب ياد ڪيو آهي.

لڳ ڀڳ اُنهيءَ زماني ۾ ئي پروفيسر هندواسيءَ جي

۲۸-آڪٽوبر ۱۹۸۴ ۾ لکيل 'ادب ۽ لباس' نالي ليکڪ ۾ سنڌي ٻولي ۽ لپي جي سڪ جو ساگر پلٽيو آهي. هو لکي ٿو : دنيا ۾ وڏي وڏي ڪرامت تہ اِها آهي جو ننڍو ٻار ٻڌندي مادري ٻولي سکيو وڃي ۽ لس ئي لس ڳالهايو وڃي. نہ ڪيس ڪنهن اُستاد جي درڪار نہ مڪتب جي ڪوبہ عالم ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ ڪنهن بہ ڏاري ٻولي سکڻ ۾ جيڪر ڪي سال لڳائي ۽ پوءِ بہ مجال آهي جو اُها ٻار وانگر فصيح ۽ صحيح نموني ۾ ڳالهائي. وڏو ڪٽي سو اُستاد رکي ۽ سهسين لغتون ۽ صرف ونحو (گرامر) جا ڪتاب پيٽي تہ بہ ٻار کان پوئتي ويندو. ان ڪري هڪ شاعر سچ ٿو چوي: مان ڪنهن کي پنهنجو اُستاد ڪري نٿو مڃان، سواءِ پنهنجي ماءُ جي، جنهن مونکي پنهنجي ٻولي بنا ڪنهن تڪليف جي سيکاري، حقيقت ڪري ٻار لاءِ ماءُ ئي اُستاد آهي ۽ گهر مڪتب باقي لکڻ پڙهڻ جو هنر هو ڪنهن اُستاد کان ڪنهن مڪتب. ۾ ٿو پرائي منو وگيان جا ماهر ٿا چون تہ ٻار گرپ ۾ ئي ٻولي ٻڌي، اُنکي جذب ڪيو ڇڏي ۽ پوءِ جڏهن زبان اُڪليس ٿي، تڏهن وينو پالوٽ شروع ڪري. سنڌي ناريون جيڪي ٻارن سان هنديءَ ۾ ٿيون ڳالهائين سي گفتار ۾ نہ ٻار جهڙي رفتار رکي ٿيون سگهن، نہ اُنهن وانگر صحيح طريقي سان ٿيون ڳالهائي سگهن. پوءِ بہ کو مرم ڪونهين.

پروفيسر سنڌي صورتخطي جي مهما ٻڌائيندي چوي ٿو تہ هڪ عارف سنڌي صورتخطي ۾ الاهي نور ڏٺو آهي ۽ اُن جي اکر اکر ۾ ڪيس اِنسان جو جسماني جمال ۽ روحاني حسن ٿو نظر اَچي :

'ڇئي ٿو (شاعر) انسان کي اي انسان!
ذات پنهنجيءَ جي سَڌ رکين ٿو ڪانہ
پاڻ کي ڇو نہ ٿو سڃاڻين تون!
ڪا خبر اٿئي تہ ڪير آهين تون؟
الف قد تنهنجو 'ڏ' ۽ 'ز' جڏ ٿيون پَروڻ
'ص' ۽ 'ض' ٻئي اکيون تنهنجون
'ط' ۽ 'ظ' نڪ ۽ 'س' 'ش' ڏند،

ساهت لاءِ ڪيڏو نہ اَدب!

'اَهڙو لقاءُ ڏسي اکين ۾ آب تري آيو، جو تہ اسان کي پنهنجا افعال ساريا پيا آهن، 'هتي جا ماڻهو اڪثر خام منهنجو قدر چا جاڻن' (قليچ).

پروفيسر ڪلياڻ اَڳتي هلي لکيو آهي: هتي اِهو سمجهڻ گهرجي تہ هر ڪا لپي جنهن ۾ ڪو ادب (ساهت) موجود آهي، سا پاڪ ۽ پوتر آهي ۽ اُن جي باري ۾ ڪابہ بي ادبي روا ناهي، بلڪ گناهہ آهي.'

برابر، پروفيسر سچ چيو آهي چا تہ اڄاهہ سڪ ۽ صدق اڃس سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ لاءِ. اُنهن جي عظمت ۽ اَهميت ٻڌائيندي ويدن شاسترن گيتا، قران، گرو گرنٿ صاحب، شيڪسپيئر، رشيا جي آرمينين ٻولي، لپي ۽ ساهت جي حوالن سان محڪم ۽ مضبوط طرف پيش ڪيو آهي.

هو اڳتي هلي لکي ٿو : ڏسو نہ اسان جي سنڌي واپارين هٿائي لپيءَ ذريعي ڪيڏي نہ مالي ڪمالیت حاصل ڪئي آهي! انهيءَ ڪري شاهہ لطيف ٿو چوي:

وٽ ويمي جو جي لهين تہ ڪار نہ ڪرئين ڪا،
سا پروڙج ڳالهڙي، وڻجارن وٽان،
موتي جن هٿان، آندءِ گهٽي ادب سين (سر سريراڳ)

هتي ويمي جي معني واپار آهي، جنهن وسيلي هٿائي اَڪرن جي برڪت سان ڏيسارون تان اسان جا واپاري ٻاڦر سون، چاندي، ماڻڪ ۽ موتي هنڌين جي ڪرامت سان آڻيندا هئا. انهيءَ ڪري هٿائي اڪر بہ پوڄڻ لائق آهن.

پروفيسر ڪلياڻ اَڳتي هلي هٿائي اڪرن ۾ لکيل هنڌيءَ جو مثال ڏيندي لکي ٿو، 'حيدرآباد سنڌ ۾ هوس تہ هڪ مشهور جواهريءَ جي دوڪان تي ٽنڊي آدم جي هڪ سيٺ کي هيرن جو ملهہ هٿائي اڪرن ۾ لکيل هنڌيءَ جي وسيلي ادا ڪندو ڏٺم. مونکي وائڙو ٿيندو

ڏسي، سيٽ چيو: هيءُ پنو بٽڻ جي ڊرافٽ کان مٿي آهي.

'هندستان ۾ هر ڪنهن پرانت کي پنهنجي ٻولي ۽ لپي آهي، جي پنهنجي پنهنجي سر سريشٽ آهن. لپي ٻوليءَ جو لباس آهي. ان کان سواءِ ٻولي رڳو زباني طرز تي هلندي ۽ اُن ۾ کو ساهت اُتپن ٿي نہ سگهندو. ڪچي ٻولي رڳو ڳالهائڻ ۾ ٿي آچي پر اُن کي پنهنجي لپي کانهي ۽ تنهنکري ساهت کان ٻہ وانجي ويئي آهي. جئن لباس مان ماڻهن جا قسم پرکيا آهن، تئن لپين مان ٻولين جي پرک پئجيو وڃي.

'اسان جي سنڌي صورتخطي جي خاص وصف اِها آهي جو صرف نقطا هيٺ مٿي ڪرڻ سان هڪڙا اکر ٻين اکرن جون گديون آچيو وارين، جڙ جادوءَ جو ڪرشمو يا طلسم اعظم آهي. سنڌيءَ جي ڪن آوازن کي پيدا ڪرڻ لاءِ عربي توڙي ديوناگري ۾ ٻہ نقطا آچيو سهاءِ ٿين. انهيءَ ڪري اسان جي تخطيءَ ۾ کا دقت معلوم نہ ٿي آهي، نهايت آسان آهي. پر جيڪي جنهن لپيءَ تي هريل آهن، تن لاءِ اُها سؤلي آهي پوءِ اسان لاءِ ڪٽي اُها پيچيده هجي. اسان جي ڏکڻ هندستان جي لپين جون صورتون عجيب و غريب آهن، جپاني دوڪاندارن لاءِ چوندا آهن تہ اُهي ڪڏهن پنهنجي دڪانن مٿان تختيون ئي نہ پڙهي سگهندا آهن چو تہ سندن صورتخطي ڪاڪ محل جي وراکن جهڙي آهي. چينن جي لپي ٻہ آهڙي منجهائيندڙ آهي جو متيون سڀ مُنجهن، آهڙي ڏني قضئي.

پر چينا ۽ جپاني پنهنجي پنهنجي لپيءَ کي جان سان جوٽيون وينا آهن. قديم مصر جي لپي افلاطون آرسطو ۽ سقراط حڪيم جي فهم کان ٻہ مٿي هئي، پر قديم ماڻهن لاءِ محض ڏائي هٽ جو کيل هئي ۽ آهڙا انگڙا ونگڙا کين ڏاڍو لطف ڏيندا هئا.

'ٻولي خيال جو لباس آهي ۽ لپي ٻوليءَ جو دائمي جامو آهي. ٻولي ۽ لباس جي ڪري ئي انسان حيوانن کان نرالو ۽ اُتم ٿو لڳي. انسان کي 'حيوان ناطق' چوندا آهن. يعني ڳالهائيندڙ جانور.

پر ڀالهائڻ ڪانسواءِ ڪيس پهرڻ جو به شرف ۽ هنر حاصل آهي. لباس مان ئي جوڳي، پنڊت، پانيڻ، ڀاڙو، مشرقي، مغربي سڀ سڃاڻي سگهجن ٿا. هندستان ۾ ته جدا جدا پيشن وارا ماڻهو به پنهنجي پنهنجي نموني جو لباس پهريندا آهن. لباس جي معنيٰ دولاب يا طلسم بازي به آهي. شاهه جي رسالي مان مثال :

لاتيون جي لباس جون، سي هڏ لاهي ڇڏ.
ٻئي سڀ لوڪ لباس، ڪو عدل هوندو هيڪڙو
لڏيندي لباس، جتن جيڏو ئي ڪيو.

لپي يا صورتخطي وري ٻوليءَ جو لباس آهي پر اُنجو وستار اَڇي ڇڪو آهي. لباس ڪانسواءِ انسان سڀ جيڪر هڪجهڙا لڳن ۽ تهذيب جو نالو نه رهي. لپي ڪانسواءِ ٻوليءَ جو وجود ئي گم ٿي وڃي.. پروفيسر آخر ۾ چوي ٿو، 'ٻولي نه هجي ته گفتگو ته نهيو، پر نه شعرو شاعري، نه علم و ادب هجي نه راڳ روپ، رڳو هٿن جا اِشارا وڃي رهن. نه پارليامينٽ هجي نه سنسنگ، زندگي جو سارو لطف جيڪر غائب ٿي وڃي، ڇو ته اُمنگن جو اظهار جيڪر ناممڪن ٿي پوي. نه عاشق جي گفتار رهي، نه معشوق جو ناز ۽ انداز، نه عالم جي علميت رهي نه سياستدان جي حڪمت، نه طبيب جي طبابت جو نشان هجي، ويچارا مريض جيڪر اشارا ڪندي ئي وڃي ٻئي جهان ۾ پهچن ۽ هرڪو پنهنجا خيال پاڻ سان ڪٽي هليو وڃي ۽ مضمون به عدم واري ولايت ۾ هجي ها.

پروفيسر ڪلياڻ کي اِها سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ جي اَڻاهه سڪ ۽ جنني سنڌ ۽ سنڌواسين جي ذات جي تنوار لڳل هئي جو هتي اَصل پيرسن اوسٽا ۸۴ ورهين تائين ديهانت ڪان به مهان اڳ تائين، پئي هڪٻئي پنيان ليکر لکيائين جيڪي اڄ سو ڪن ٿي ويندا. ساهت اڪيڈمي طرفان انگريزي ۾ چپايل شاهه سچل سامي تي به مونوگراف لکي ڏنائين.

باب - ٨

پروفيسر ڪلياڻ جي شاعري

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جديد سنڌي نثر جو هڪ نرماتا هو، پر سندس دل شاعراڻي هئي. ان ڪري ئي هن پنهنجو پهريون مضمون پارسيءَ جي چوٿيءَ جي شاعر مولانا رومي تي لکيو. اُهو 'روميءَ سان رهاڻ' نالي ماهوار سنڌو مخزن جي آڪٽوبر ١٩٣٢ پرچي ۾ ڇپيو. عجب ته سندس آخرين مضمون جيڪو سرگواس ٽيڪ کان ٻه مهنا اڳ هندواسي ۾ ٣٠ جنوري ١٩٩٤ تي ڇپيو سو ٻه شعر ۽ شاعرن بابت آهي. اُنجو سرو ئي آهي 'شاعراڻي روح رهاڻ' اُن جي شروعات ۾ ئي ڇوي ٿو، شعر لفظ جي معنيٰ ئي آهي ڄاڻ، انهيءَ ڪري شاعر کي ڄاڻو ڇئجي. شاعريءَ کي اِهو شرف انهيءَ ڪري ڏنو اَٿن جو اُن کي پيغمبري جو جزو ڪري ٿا چون. جيڪي ٻه پوتر پستڪ يا پاڪ ڪتاب دنيا ۾ ڏسون ٿا سي شعر جي صورت ۾ آهن جئن ويد، گيتا، گروگرنٿ صاحب، بائيبل، قران شريف شعر جو ملهه وڏو آهي .

هن جو لکيل سڄو نثر ٻه پارسي شاعرن، سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن، ڪاليداس، ٽئگور وغيره جي مهما ٿو ٻڌائي. سنہ ١٩٥٦ ۾ پروفيسر ڪلياڻ سنڌي ساهت منڊل جي سالياني مخزن 'ساهت سڱنڊ' ۾ سنڌي شعر ۾ سنڌي زندگيءَ ۽ تهذيب جو نقش (قاضي قاضن کان قليچ تائين) سري سان وڏو تحقيقي ۽ تنقيدي مضمون لکيو هٿائين. هندواسي هفتيوار ۾ بن قسطن ۾ سنڌي شعر ۾ غزل جي اَهميت تي ٻه مضمون لکياءِ، چويٽو ته سنڌي غزل کي ايرانيءَ جو نقل چئي رَد ڪرڻ نه کپي وغيره. اِهو سچ پچ صحيح لکيو اَٿس. حقيقت ۾ اُردو جو غزل ٻه ايراني غزل جو نقل ڪونهي. سنڌي غزل ته ورهاڱي کان اڳ ئي سنڌي ويس پهريو هو. ورهاڱي بعد ته يڪدم ليکراج عزيز جهڙي ڏکي ٻوليءَ واري غزل چوندڙ ٻه سليس ۽ سنڌيت

وارو غزل ڇوڙ شروع ڪيو جئن ۱۹۵۳ ۾ ڇپيل 'آبشار' ڪتاب مان ظاهر آهي جنهن ۾ ڏنل سنڌيت وارا ايترا غزل پارت ۾ ٻئي ڪنهن پهرين نه ڏنا هئا.

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ پارت ۾ اَڇڙ تي شاهه سچل، سامي تي تنقيدي مضمون جا ڪتاب لکڻ بعد ۵۰ ۽ ۶۰ جي ڏهاڪي ۾ ئي پهرين غزل ڇپا جيڪي مخزن ۾ ڇپيل آهن. جئن سندس هڪ تمام مشهور ۽ بهترين غزل رامڪرشن آڏواڻي جي هفتيوار مخزن 'تصوير' ۾ ڇپيو هو. اُن ۾ پروفيسر سنڌ کي ياد ڪري اصل اکئين آب هاريو آهي. اهو غزل سنڌ ۾ 'مارئي' مخزن ۾ ڇپيل اَهڙي غزل جو جواب آهي جئن پروفيسر پنهنجي غزل سان گڏ لکيو آهي ته هن غزل ۾ سنڌ اسان پروانن ۽ بلبلين جي شمع ۽ 'گل' آهي' ماهرو سنڌ جا باشندا آهن.

پروفيسر غزل جي هڪ شعر ۾ چوي ٿو :

اُجهامي جي شمع ويئي ته پروانن جو ڇا ٿيندو؟

ٻئي شعر ۾ چوي ٿو :

'مري جي بلبلیون ويئون ته بستانن جو ڇا ٿيندو؟

غزل جي آخر ۾ چوي ٿو :

مٽائي ظلم ۽ ڪلفت نئين سرڪو اڏيون عالم
ويو اِخلاص ماڻهن مان ته حيوانن جو ڇا ٿيندو؟
ثناخوان! گفتگو تنهنجي سُڻي ٿو ڪير عالم ۾
پلا جي مات ۾ ويهون ته آزارن جو ڇا ٿيندو؟

ثناخوان پروفيسر ڪلياڻ جو تخلص هو جئن جئه هند ڪاليج جي مخزن سرسوتي ۾ ڇپيل هڪ شعر 'نئون دور' ۾ به لکيل اَٽس. اُن ۾ ٻڌائي ٿو ته الاجي کهڙو زمانو آيو آهي جو ٻهارن تي ئي سرءُ ڇانئجي ويئي آهي ۽ نه گل تي بلبل مري ٿي ۽ نه پتنگ شمع تي جلڻ لاءِ تيار آهي. عالمن بدران جاهل بالم ٿيا وينا آهن ۽ جيڪي معزز ۽ معتبر آهن تن کي خوار ڪيو پيو وڃي.

نئون دور

(۱) اڄ وري ڏسجي قمر ۾ شور ٿو
اَڄ وري ڏسجي نئون هڪ دؤر ٿو.
(۲) اڄ وري آئي بهارن ۾ خزان،
اَڄ وري ٿيو باغ - رونق بي نشان.
(۳) اَڄ وري گل تي نہ ٿي بلبل مري،
اَڄ وري مچ ۾ نہ ٿو پتنگ ئي ٻري.
(۴) اَڄ وري ساقيءَ وساري ميءِ ڇڏيو
اَڄ وري مطرب وساري ليءَ ڇڏيو.
(۵) اَڄ وري ٻڌجن پيا نغما نوان،
اَڄ وري دل لئہ ٿيا صدما نوان.
(٦) اڄ وري ٿيا ديد لئہ دلبر نوان
اَڄ وري ٿيا زيب لئہ زيور نوان.
(۷) اَڄ وري شاعر نوان ٿي پيا عيان
اَڄ وري گوهر سخن جا ٿيا زيان.
(۸) اَڄ وري مجلس ۾ پست عالم ڏٺم،
اَڄ وري نا اَهل اُٽ بالم ڏٺم.
(۹) اَڄ وري معزز سراسر ٿيا خوارُ،
اَڄ وري ناڪس برابر ٿيا بهار.
(۱۰) اَڄ وري توکي ٿنا خوان چا ٿيو؟
اَڄ وري ڪنهنکي چئين ءِ چا پيو؟

پروفيسر جا مٿيان ٻئي شعر پکا پختا ءِ معنيٰ آفريني آهن. پهريون غزل جيتوڻيڪ پارسي غزل جي ڍنگہ جو آهي، گل ءِ بلبل شمع پروانن جون تشبيهون آهن پر اُنهن ۾ پنهنجي زماني ءِ هم وطنين جي ياد جو تصور ءِ تصوير آهي ءِ چا ٿيندو جو ردیف اُنکي ڪٽي ٻينو آهي. اُن ۾ نزاڪت، سلاست، لطافت جو مڏر ميلاپ آهي.

ٻئي شعر ۾ تہ جئن 'نئون دور' سري مان ئي پڏرو آهي، اُنہ

اَڄ جي بدليل دور جي تصوير آهي تہ ڪئن اجوڪن مجلسن ميڙن ۾ جاهلن جو بول بالا آهي ۽ معزز ۽ معتبر ماڻهن جي بي عزتي پيئي ٿئي يعني هنسن جي جڳهہ تي ڪانوَ چانئبا پيا وڃن. پڇاڙي وارو بند تہ ٽوڪزني ۽ طنز سان چيندڙ آهي.

پروفيسر جي انهن مخزنن ۾ پکڙيل شعرن کان وڌيڪ اَهميت واري ڪلام جو سڄو ڪتاب پنج سو بيتن جو آهي، جيڪو راز و نياز نالي سان ۱۹۶۰ ۾ ڇپيل آهي. اُن جي مهاڳ ۾ پروفيسر چويٽو تہ راز ۽ نياز جا ڪي بيت 'سرسوتي' (جئہ هنڊ ڪاليج جي مخزن) ۾ شايع ٿي چڪا آهن. موجوده دور ۾ سنڌي شعر اڪثر علم عروض مطابق چيو پيو وڃي. پنهنجي روح جو رجحان دوهي طرف ڏسي طبع آزمائي ڪئي اَٿم. رازو نياز ۾ ڪٿي ڪٿي پنهنجي دل جي ڪيفيت بيان ڪئي اَٿم. خاص شڪايت ڪنهن جي بہ خلاف ناهي، ڇو تہ جيسين دنيا ۾ رهڻو آهي، تيسين هر ڪنهن کي، خوشيءَ توڙي رنج سان زماني جا ڏنگہ ۽ رقيبن جا نيش سهڻا آهن.

پروفيسر 'راز و نياز' جي بيتن ۾ جيڪو پنهنجي دل سان زماني جو انپو ڪيو آهي، تنهن جو حقيقي چتر چٽيو اَٿس، جڏهن اُهو انساني سياءَ موجب لڳي ٿو تہ وڌيڪ اَثر ڪري ٿو جئن ڏسو :

ڪنڊن کان پاسو، تيسين ڪبو ڪينڪي،
جيسين دلاسو، دل ۾ آهي گل جو.

برابر گل جي آسري تي ڪنڊا سهڻا ئي پوندا آهن.

بئي هنڌ چوي ٿو، پڳٽ ۽ ساڏو ويڙهي ويا آهن ملڪ کي، خلق کي قابو ڪري ويا ڪنهن رمز سان. هن ۾ پڳٽن نڳٽن ۽ ڪوڙن ساڏن جي اوگهڙ بخوبي ڪئي اَٿس.

هڪ بئي بيت ۾ چوي ٿو: ويچارا ودوان ڪنڌ نوائي وينا
جاهل ڪن زبان عالمن جي عزت جو.

اَڳتي هلي دوستن جي بچڑائي جو بہ پردو فاش ڪندي چويٽو:

'نہ پڇ تون دوست اسانکان، اُنجي بيدرديءَ جا بيان

وڏا ڪي زبان، ڪيائين اسان جي حق ۾.

ٻئي هڪ بيت ۾ وري پروفيسر دشمنن جي ڪيل پلائي لئہ داد ڏيندي چويٿو:

دشمن ڪي سجدو انهيءَ ڪارڻ مون ڪيو،
جو هنجو خيال ٿيو، هڪ ئي منهنجي حق ۾.

ڏسو پريت جو اظهار ڪئن نہ ڏڪ پردي ۾ ڪيو آٿس:

وري ڪنهن ديدار لئہ اکيون ٿيون ماندیون،
ڪنهن پر ڪي راندیون هلي پيئون پريت جون.

چويٿو: ساهتڪار ٿي سڌ ڪرڻ اي ڪم نہ ادیبن
سچا سي چئجن جن در س پڙهيو افلاس جو!

هن ۾ پروفيسر آڄ جي ساهتڪارن ڪي صحيح وات ٻڌائي آهي. اصل سرڳ جي ايشور ڪي بہ سچ چوڻ کان پنتي نہ پيو آهي.

جئن چوي ٿو :

جنڪي سڪائين هت، تن لئہ ڪوڙا باغ بهشت جا
پنهنجي ئي نِمِتِ سي آرپي ڇڏ تون پاڻڪي.

ٻالن پولن انسانن کي منڙن پولن سان پنيلائڻ وارن پاکنڊين جو پروفيسر پاندو ڦوڙيندي چوي ٿو :

'رکي زيب زبان ۾، ڪن هزارين هاڃا،
اسين اِياڻا، پلجيو پيتيءَ تي وجون.

انڪري ئي پروفيسر ڪلمڪلا چوي ٿو:

اوڏو عبادت، اسين وجون ڪينڪي،
البت صداقت، ٿا ڳولهيون عابدن ۾

هينئن هڪ بيت ۾ انسان جي وڪاس جو اتهاس ڏيئي ڇڻ گهڻا گهر ۾ ساگر سمايو اٿس:

پٿر مان ٻوٽو ٿئي، ٻوٽي مان حيوان،
حيوان مان انسان، انسان مان فرشتو لڳي.

آڄڪلهہ جي سنڊي سيپٽڪ سياڻن جي ڏلهي ناڇ گاني جي

پروگرامن کي اجهو هينئن ٿو پروفيسر بي نقاب ڪري :

'هڪ سيٽ سيا ۾ مونکي سڏ ٿيو،
ڏنم ڪين ٻيو، سواءِ رقص ۽ راڳ جي
مونکي اُن مجلس ۾ حاضرين هڪ ڇيو،
تہ تهذيب هن ڪيو، تالان آهي اسانکي.

پروفيسر سنڌڙي جندڙي کي ساريندي جنسي اکيين آب هاريو آهي. جئن چويٿو :

'نہ پڇ تون دوست! اسان کان دل جي هيءَ ڪيفيت
وطن جي فرقت، اَبدي آزار ٿيو-
صبا! تون ساري، ڏِج سلام سنڌ کي،
پکا وساري، نہ ٿو ساهہ اَسانجو.
وطنين کي چئيج تہ، متان اسان وساريو،
اسان سنپاريو، آهي اوهانکي جان سان.
دل ۾ ڪيا دود، اَج پڻ سنڌ وطن جا،
سؤ سؤ ڪن سجدو ساري اکڙيون اُن کي.

پروفيسر کي جيڪو زندگي، زماني ۽ ماڻهن جي افعالن جو آزمودو مليو آهي تن هنکي پنهنجي صوفي زبان تي بغاوت جو لفظ بہ آڻڻ لاءِ آمادو ڪيو آهي، جئن چويٿو :

کي ٿا ڪن تسليم، حاضر حالتن کي،
ڪن ڪئي تعظيم، آهي بغاوت جي.

۱۹۶۰ ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جهڙي بزرگ صوفي ساهتڪار بهشت، عبادت، مندرن ٽڪاٽن جي سچائي کي بي نقاب ڪندي بغاوت جو سر آلاپڻ، ترقي پسندن جو اَثر ٿو ڏيکاري جيڪو اُن وقت سڄي ساهتڪ ڪيتر تي چانيل هو. ۽ اهو پروفيسر جي ڪمالیت جو ڪارنامو آهي جو جڏهن ۱۹۶۰ ۾ خود ترقي پسند يا بين اديبن جا پارسي بحروزن تي آڌرين تي ڳڻڻ جهڙا مجموعا مس نڪتا هئا، تڏهن هن راز و نياز جو ۵۰۰ بيتن جو مجموعو شايع ڪيو

جيڪو اُن قسم جو پهريون هو، جنهن ۾ هن سنڌين جي جيوت جو اَنيو ڪيل چتر چٽيو آهي. اُن بيتن جي شاخ تي، جنهن تي اُن وقت يارت ۾ ٻئي ڪنهن شاعر مجموعو نه ڪڍيو هو. پر پين شاعرن پروفيسر ڪلياڻ جي راز و نياز جي بيتن ڏانهن ڏيان ئي نه ڏنو. وري به آفرين آهي ڊاڪٽر هرومل سندارنگاڻي کي جنهن ساهت اڪيڈمي طرفان مرتب ڪيل ورهاڳي ڪانپوءِ جي سنڌي شعر جي چونڊ مجموعي ۾ ۳۲ سنڌي شاعرن ۾ هڪ ڪلياڻ آڏواڻي کي به شامل ڪيو آهي مان اُهو ڪتاب ۱۹۸۷ ۾ نڪتل اُنهيءَ پروفيسر ڪلياڻ جي راز و نياز مان ۴۳ بيت ڏنل آهن. اهو ڏيکاري ٿو ته پروفيسر جديد نثر سان گڏ نظم کي به اوج ڏني هئي. پروفيسر ارجن شاد هندواسي ۲۵-۱۲-۸۷ ۾ لکيو. ڪلياڻ آڏواڻي هڪ حساس دل شاعر به آهي. هنجي راز و نياز ۾ موضوع جي گوناگونيت، ٻولي جي لطافت طرز اَدا جي نزاڪت ۽ فڪري گهرائي جو عمدو نمونو آهي.

باب -۹

صوفياڻي شخصيت

پروفيسر ڪلياڻ بولچند آڏواڻي جيتوڻيڪ حيدرآباد جي خدابادي عامل اوچ خاندان مان هو تہ بہ ڪڏهن اُن جي ڏيکاري نہ ڏنائين. ڪنهن بہ ذات پات، ڪٽنب قبيلي، ڏرم مذهب جي پيد پاوَ ڪان صفا آجو هو. سانتيڪو سادو سپاجهو شخص هو، ايڪانت ۽ خلوت پسند. اصل صوفياڻي شخصيت جو مالڪ هو، اِهو عڪس سندس رچنائن مان بہ بخوبي پڌرو آهي.

پروفيسر آڪٽوبر ۱۹۳۲ ۾ ايم. اي. جو ودياڙتي ٿي، پهرين رچنا صوفي پارسي شاعر 'رومي جي رهاڻ' سري سان لکي. اُنہ پئي مشهور صوفي پارسي شاعر 'شيخ سعدي' جو ۽ شاهہ، سچل، سامي جا مثال ڏنا اٿس. پوءِ سال ڏيڍ بعد ۱۹۳۴ ۾ دلپت صوفي نالي سان ليکہ ۾ لکيائين تہ هنجي ڪلام جي مطالع ڪرڻ سان منهنجي من ۾ آس اُٿي تہ جي صوفي صاحب جا وچن ولات سپ واسين تہ هوند سنڌ ۾ نئون سوجهرو نمايان ٿي پوي... منهنجي مراد آهي تہ صوفي صاحبن جي ڪلام مان تصوف جي ڪيميا ڪڍي ظاهر ڪريان ۽ نہ ڪنهن خاص پنٿ جي پالنا جو ويهي ورنن ڪريان.'

پروفيسر جي صوفياڻي شخصيت ايڪانت پسند هئي. سڄو وقت اسانجي ڪلاسيڪل صوفي ۽ ويدانتي شاعرن جي ٽمورتي توڙي ٻين پارسي صوفي شاعرن جي اَپياس ۾ محو رهندي هئي، ۽ قلم هلائيندي رهندي اَصل پچاڙي جو موت جي ويجهو هوندي ۱۹۹۳ ۽ ۱۹۹۴ ۾ بہ ليکن ۾ صوفياڻو اظهار ڪيو اٿس. هڪ ليکہ 'فقيرن جي شان ۾' هندواسي (۵ ڊسمبر ۱۹۹۳) ۾ لکيٽو تہ گرونانڪ صاحب بہ درويشاڻي يا فقيري ويس ۾ رٽن ڪندو هو.

پاڻ سان چون ٿا تہ هڪ ٽيلهي ڪٹندو هو، جنهن ۾ ويندو هو سلوڪن جون چٽڪيون وڇندو . گروجن کي فقير ڪري سڏيندا هئا، 'بابا نانڪ فقير، هندورا گرو، مسلمان پير.' پچاڙي ۾ چوي ٿو، 'سنڌ بہ صوفي فقيرن جو آشيانو هئي... شاهہ بہ چيو آهي فقيراڻي ويس ۾ اڻ توريا آملهہ خرانا ٿا ملن ۽ پروفيسر تہ پاڻ ان سنڌ جي صوفي آشياني جي پيداش هو. سياويڪ سندس رڳن ۾ اُهو خون سمايل آهي.

پئي هڪ ليکہ (هندواسي پهرين مي ۱۹۸۸) ۾ پروفيسر لکي ٿو، علم جو سچو زيور حَلم آهي يعني ديارن جو زيب ۽ سينگار صحيح معنيٰ ۾ نمرتا آهي.

مان پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جو ورهاڳي کان اڳہ هڪ شاگرد جي ناتي تمام ويجهو هوس. سندس گهر بہ ويندڙ هوس تہ پنهنجي پروگرسيو گروپ جي ادبي ڪلاس ۾ هنڪي 'شاهہ جي وطن دوستي ليکہ پڙهندي بہ ٻڌو هوم ۽ هتي ورهاڳي بعد اچڻ تي اُن اڳئين ناتي ۽ سندس شاهہ، سچل، سامي تي تنقيدي ڪتابن ۽ شاهہ جي ڪيل بن رسالن جي پچاڳاچا، صلاح وغيرہ يا سنڌ وارن کي ساڻس گڏجائيندي پيو ملندو هوس تہ گهر ۾ سدائين ڪنهن نہ ڪنهن ڪتاب وغيرہ پڙهڻ ۾ مشغول هوندو هو، جيڪو اڪثر صوفي مت يا ساهت بابت هوندو هو. مان ڪيس ڪڏهن ڪڏهن عام ميڙن ۾ اَچڻ لاءِ چوندو هوس تہ شاهہ لطيف جو شاهڪار بيت چوندو هو :

'ويني جنين وٽ ڏکندو ڏور ٿئي،
تون تنين سي ڪٽ اوڏا اڏي پکڙا'
۽ ويئي جنين وٽ ڏکندو ڏاڍو ٿئي،
سا مجلس ئي مٽ، جي حاصل هوءِ هزار جو.'

۱۴-۱۲-۱۹۸۹ ۾ دبئي جي سنڌي هندن مسلمانن جي سنسٿا 'سدائين گڏ سنڌي' پاران پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي کي

'لطيف رهاڻ' نالي جلسو ڪري انعام ۽ سنمان عطا ڪرڻ لاءِ ڊبئي آڻڻ لاءِ قربائتي ڪوٺ ڪئي ويس. پر نازڪ طبيعت سبب هو حاضر نه رهي سگهيو. پر موقعي مطابق سندن چوڻ تي پنهنجي تقرير رڪارڊ ڪري موڪلياٸين، جيڪا هندواسي جي ۲۵ فبروري ۱۹۹۰ پرچي ۾ ڇپيل آهي. اُن۾ لکياٸين، 'اسان جي قوم به هڪ زنده دل قوم آهي، جو اسين تصوف جي گلشن ۽ ويدانت جي چمن ۾ پليا آهيون، اڄوڪي مجلسن جو نالو سڳورو ئي آهي. 'لطيف رهاڻ' شاهه صاحب ٻن قسمن جي مجلس جو ذڪر ڪيو آهي. هڪڙي مجلس اُها آهي جنهن ۾ ڏکه درد دور يا ڏور ٿي، ٻين مجلس اها جنهن ۾ ڏکندو ڏاڍو ٿئي يعني عذاب وڏي وڃي. يعني جنجي ۾ ويجهو وڃڻ سان پيڙا لهي وڃي، اُن جي نزديڪ پنهنجا پڪا اڏي ساٽن گڏ گهار. پي مجلس جن جي ويجهو وڃڻ سان مورڳو پيڙا وڏي وڃي، تن جي ڪڇهري کان ئي ڪنارو ڪر، توڙي اُن مان هزارن جو فائدو حاصل ٿئي، موجوده توهان جي مجلس ڏکندو ڏور ڪرڻ واري آهي پر ارمان اهو اٿم جو اُن جي فيض کان نازڪ طبيعت سبب، محروم رهڻو پيو اٿم. هو وڏيڪ لکي ٿو شاه وري آگاهه ٿو ڪري ته اِهي هيرا ۽ ماڻڪ ۽ موتي فاني آهن، سچي جواهرات فقيري مان ٿي حاصل ٿئي.

ظاهر آهي ته پروفيسر صوفياڻيءَ جي فقيري ۾ ئي يعني سادي رهڻ ۽ سچاٸي ۾ ئي گذارڻ جو اُديش پنهنجي سامهون رکيو هو. جئن شاهه لطيف به چيو آهي :

'پاٸي منهن مونن ۾ عزبت ۾ گذار'

پروفيسر نه رڳو پاڻ صوفياڻي شخصيت جو مالڪ هو پر خود آهڙن شخصن سان قرب وندينڈو هو ۽ کين عزت ڏيندو هو، جئن هفتيوار تصوير مخزن جي ۱۵ جنوري ۱۹۶۱ تي نڪتل سوامي ٻوڌراج پرچي ۾ پيل 'سڪوت جو صاحب' نالي ليکه مان پڌرو آهي.

هو اُن ۾ لکي ٿو : 'سوامي ہوڏراج صاحب جي ڪيميائي صحبت جو شرف مون کي پنهنجي محبوب وطن حيدرآباد سنڌ ۾ حاصل ٿيو هو، سندن مات ۾ سندس وچن کان بہ وڌيڪ فصاحت هئي. سندن دلڪش صورت جو عڪس هينئر بہ منهنجي دل جي آئيني ۾ نمايان آهي. خاموشي سندن طبعيت جو زيور هئي.... شاهہ صاحب کي بہ جوڳين وٽان سڪوت (مات) جو فيض حاصل ٿيو هو. جئن سر مومل راڻو ۾ فرمائي ٿو :

'وسريو سون، سڪوت جوڳيءَ سندي ذات کي.'

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي صوفياڻي شخصيت جي ڪري صوفي راڳ ۾ بڏڻ جو شوقين هو. ان باري ۾ هندواسي جي ۱۷ نومبر ۱۹۸۵ پرچي ۾ هڪ ليکہ 'دل جي ڳالهہ' ۾ لکي ٿو :

'حيدرآباد سنڌ ۾ هڪ نهايت مسڪين سرندي وارو مون وٽ سدائين پيو ايندو هو جو هو پيرسن پر عقل ۽ هوش ۾ سالم ۽ حافظي جو حاذق هو. سندس گفتگو، روحاني، سخنن ۽ ڏاهپ جي قولن سان سينگاريل هوندي هئي. هڪ ڪافي جا اڪثر ڳائيندو هو، تنهن جي هيءَ مصرع هرهر زبان تي آڻيندو هو:

تنهنجو آهي توئي ساڻ، جهڙ جهنگ ۽ بَر چو ٿو ڳولين؟

'هڪ ڏينهن چيومانس : ميان! اِهو صوفي درويشن جو اشارو سمجهين ٿو؟ چيائين : سائين! تون تہ آهين ڪتاب پڙهيل، سو سمجهين ٿو تہ مون اڻ پڙهہ کي ڪو حوصلو ئي ڪونهي! فقير چون ٿا تہ الله اندر ۾ اٿيئي، پوءِ رُلي پنين چو خراب ٿيو آهين!

'پچومانس : تو ڪڏهن اِها ڳولهہ ڪئي آهي؟ چيائين، سائين! هيءَ رلي ڏسين ٿو! اِها اسان کي رلائڻ کان ڇڏايو ويني آهي. خدا جو شان اعليٰ آهي، سو مون جهڙي مردار جي جند ۾ ويهي ڪهڙا جلوا ڏيکاريندو! اسين تہ ڪيس عرض ڪندا آهيون تہ سائين! تون رزاق آهين. اسان کي روزي ڏيندو اَچ. باقي اِهي

تجلا ۽ تجليون پيو صوفي سڳورن کي ڏيکار ته اِهي ڏسي ڀل پيا نچن ۽ ڳائين. اسان کي ماني نه ملي ته اسين جهڙا مڙهه سائين! جيڪي پنهنجي حال ۾ حيران، سي ڪٽان اِهي راز پروڙيندا؟ قبلا! چوڏاري نظر ڪڻي ڪر ته چا لڳو پيو آهي؟ سيڪو پنهنجي مطلب کي سڃاڻي، پاڻ کي ڪير ٿو سڃاڻي ۽ خدا جي ڪنهن کي شناس آهي.

'چيومانس : هي مندر ۽ مسجدون ۽ ديولون سندس ذات پاڪ جي شاهدي ڏيون ڏين. ڪڏهن نماز پڙهڻ ويندو آهين؟ منهنجي حيرت جي حد نه رهي جڏهن چيائين : شاهه صاحب پڻائي بادشاهه جو تو شايد اِهو بيت ئي نه ٻڌو آهي :

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه نماز
سپ وڃائي ساز، تهان پوءِ تڪبر ڇڏ!

يعني جيسين خودي جي خمار ۾ آهين، تيسين توکي نماز نڪي سونهين.... مون سُرندي واري کان صوفيءَ جي معنيٰ پڇي. چيائين : سائين! جنهنجي دل صاف آهي، سو صوفي آهي. پيو ته هو طمع کان پري يعني اڻ هوند کي ويجهو آهي. ڏين ڳالهه ته هو لاکوفي آهي يعني دين ڌرم جي باهرين ڳالهين کي وڻي، اُنهن مان ڳالهوڙو نه ٿو ٻڌائي. سنئون سڌو ڏي ٿو هلي: ڪنهن سان مڪربازي نه ڪري ۽ ڪنهنجي دل نه ٿو ڏکائي. پوءِ شاهه جو بيت چيائين : نڪو ڪر ڪفارسين: نڪا مسلماني من- نڪا دل دوزخ ڏي، نڪي بهشت گهرن- اُيا اِئن چون ته پرين ڪجو پانهنجو. صوفي جي معنيٰ ته منهنجي سمجهه موجب اِها آهي. باقي مون جهڙي اڻڄاڻ کان چا ٿو پڇين؟'

پروفيسر اڳتي هلي وڌيڪ لکي ٿو : گذريل ڏورن سال ۾ انهيءَ صوفي مت يعني تصوف تي ڪي اعليٰ پيماني تي سيمينار ٻڌيا آهن. مثلا ساهت اڪڈمي طرفان سرينگر، پنجاب ۽ راجستان

يونيورسٽين طرفان چنديگڙھ ۽ جئپور ۾ رگو جئپور ۾ انگريزي ۾ پيپر پيش ڪيم. ٻين هنڌ به پيپر پيش ڪري حاضر رهڻ کان ڪميا گهريم. ڪيڏانهن سرينگر، جيپور، ڪيڏانهن چنديگڙھ؟ ڪي سال اڳ ڪٽني ۾ سامي تي سيمينار ٿيو ته تازو وري پوپال سامي سيمينار ٿيو. ٻنهي هنڌ معافي گهريم. مطلب ته ساري عمر ڪتابن ۽ پيپرن لکندي ۽ معافين گهرندي ويئي آهي. ڪو وقت هو جڏهن ڪالیج ۾ سيئي سال ڪرڪيٽ ڪئپٽن هوس ۽ حيدرآباد ڏرتتيءَ جو داس گارڈن ۾ نهايت تيز رفتار بولنگ ڪندو هوس. هينئر هٿ ۾ بال بدران بال پين اٿم. پر صوفياڻي خيال کان جهڙو بال تهڙي بال پين، ڇو جو حقيقي لحاظ کان هر شيءِ کي هڪ نظر سان ڏسڻو آهي.'

سو اِها هئي پروفيسر ڪليانڻ آڏواڻيءَ جي صوفياڻي شخصيت جيڪا سندس هر ويچار ۽ ڪم ڪار مان نظر ايندي هئي پوءِ اُهو چاهي پيپر لکڻ هجي يا ڪا پرڪ ڪرڻي هجي يا ڪرڪيٽ کيڏڻ هجي يا ڪنهن سرندي واري جو راڳ ٻڌڻ هجي. مطلب ته هنجي شخصيت اصل صوفياڻي رنگ ۾ ڪنان تار هئي.

اِهو صاف دل، سادگي پسند ۽ سيڪيولر سياڻو پروفيسر جي ۵۰ سالن جي رهائش واري ساڳئي باندرا جي فلئٽ مان به پڌرو هو جتي مان ساڻس اڪثر ملڻ ويندو هوس.

تازو جڏهن مان هن مونوگراف جي سلسلي ۾ سندس شريمتي وٽ ويس جا اڪيلي ويني هئي ته يڪدم سڃاتائينم. مونوگراف جو ٻڌي سرهي ٿي. چيائين پٽ ۽ ننهن ٻئي نوڪري تي ويا آهن. شام جو موٽندا. به ڏيئر به پروفيسر وانگر ڪتاب پڙهن ۽ ڪتاب پڙهائين. هڪ وڏي سنڌيءَ جي پروفيسر آهي ۽ بي ممبئي جي سينٽرل لئبرري ۾ مکيه آفيسر آهي.

ڪمري ۾ چوگرد ڏٺم ته ڪٻٽن ۾ پروفيسر کي ملیل انعامي

پلا ۽ ٽرافيون رکيون هيون، شاهه جو رسالو به هو ته ڪي فوٽا هئا. هڪ فوٽي ۾ ڏٺم ته مرحوم راشٽرپتي ذاڪر حسين پروفيسر ڪي ساهت اڪيڈمي انعام ڏيئي رهيو هو. ٻئي ۾ ڏٺم ته ۱۹۸۲ ۾ ممبئي ۾ آيل سنڌ جي شاهه پٽائي جي گديسر جي فرزند سيد نثار حسين لطيفي کي شاهه جو رسالو ڏيندي گلي ملي رهيو هو. اُن وقت هتي قائم ڪيل شاهه لطيف فائونڊيشن جو پروفيسر مهورت ڪيو هو. ٽئين فوٽي ۾ آڪٽوبر ۱۹۹۰ ۾ رام پنجواڻي ٽرسٽ پاران ٽيل شاهه سچل سامي سيمينار ۾ سنڌين جي عظيم ترين شاعر شيخ آياز سان اسٽيج تي ويٺل هو جنهنجي پهرين بينڪ جي پروفيسر صدارت ڪئي هئي. اِها شايد ڪنهن صوفياڻي اُتسؤ ۾ هنجي آخرين شرڪت هئي ڇو جو هو ۱۸ مارچ ۱۹۹۴ تي هن دنيا مان سدائين لاءِ هليو ويو. پر ڪلاسيڪل سنڌي شاعرن جي ٽرمورتي شاهه سچل سامي جي ڪيل جديد پرڪ جو دائمي يادگار ڇڏي ويو.

پروفيسر ڪليان آڏواڻي جي ڪتابن جي فهرست

١- شڪنتلا (ڪاليداس جي ناٽڪ جو ترجمو)	١٩٤٦
٢- شاهه (تنقيدي ڪتاب)	١٩٥١
٣- سامي (تنقيدي ڪتاب)	١٩٥٣
٤- سچل (تنقيدي ڪتاب)	١٩٥٤
٥- شاهه جو رسالو (مڪمل)	١٩٥٨
٦- راز و نياز (بيت)	١٩٦٠
٧- شاهه جو رسالو (مجمل)	١٩٦٦
٨- شاهه لطيف (انگريزي ۾)	١٩٧٠
٩- سچل سرمست (انگريزي ۾)	١٩٧٠
١٠- سامي (انگريزي ۾)	١٩٧٠